ماهوار مئگزين

# همسري


حيدرآباد

مارچ 2019






## ناهموار حالتن سان مزاحمت ڪندي
## سنڌي عورت پنهنجي آئيندي کي سنواريندي اچي






Shop #320 ,

Level-3 Park Towers, Karachi

0213-5876912, 5876913

Regd. No: 3160-A
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد
A.B.C CERTIFIED

# سنڌاءُ

ايڊيٽوريل ........ 04

**راءِ ۽ تبصرا**

همسريءَ ۾ همسفر ٿي ........ 05

**سماجيات**

جديد سياسي سماجي نظريا ........ ڊاڪٽر پيار علي جتوئي 6

سنڌي عورت جي سماجي حيثيت جو مطالعو ........ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ 9

دنيا ۾ وڌندڙ ماضي جي نرگسيت ........ سلام ڏاريجو 10

**تاريخ ۽ ادب**

شاهه عنايت شهيد ........ مسلم شميم 12

عظيم انسان جي جدوجهد: گيليليو ........ مدهوش مير 14

سنڌ جا سامونڊي ٻيٽ ........ جاويد شيخ 16

**اڪري سئو وڪري**

شاهه لطيف بيت، پهاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم ........ 17

**رپورٽ**

رپورٽون ........ طارق مشتاق، خواجه غلام اڪبر ۽ لطيف گاد 18

**سلسليوار ناول**

رنگ گرهڻ ........ ضراب حيدر 20

**ڳالهه ٻولهه**

فقير حاجن نظاماڻي ۽ فقير محمد اسماعيل ميرجت ........ زاهده ابڙو 23

**آن لائن وٽ ارم**

ادل سومرو ........ ارم محبوب 28

**ڪهاڻيون**

ڪڏ ........ ڊاڪٽر اعجاز سمون 29

ڪرامت ........ انور شيخ 31

تاثراتي ڪهاڻي (فلائينگ ڪِس) ........ حميره نور 32

بک ۽ عزت ........ عنايت نهڙيو 34

**شاعري** (نظم، غزل، گيت، نثري نظم) ........ 36

**ٽريولاگ**

وينس ڪان موڪلاڻي ........ اعجاز منگي 38

نيو يارڪ ۾ نَوَ ڏينهن ........ زاهده ابڙو 41

**پروفائل**

حضرت مخدوم طالب المولىٰ ........ سليم چنا 44

**ڪتاب تي تبصرو**

جديد شاعري جي اڏام: رڻ ۾ رابيل ........ تاج بلوچ 45

**پينٽنگ** ........ صابر حسين ابڙو 46

مئنيجنگ ايڊيٽر:
ڊاڪٽر شمس صديقي

ايڊيٽر:
زاهده ابڙو

جوائنٽ ايڊيٽر:
ارم محبوب

سب ايڊيٽر:
لطيف گاد

خصوصي عيوضي:
محمد راهب ڳاهو

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:
علي ڪهاوڙ

مئنيجر مارڪيٽنگ:
غلام سرور (شيخ سنڌي)

سرڪيوليشن مئنيجر:
قمر ٽگڙ

ڪمپوزنگ:
سليم سولنگي

ڊيزائن ۽ لي آئوٽ:
رابيل عزيز

سول ڊسٽريبيوٽرز:
راڄپر برادرز

آفيس ائڊريس:
بي -49 شريف اسڪوائر
حسين آباد حيدرآباد سنڌ.

فون: 022-3820363
فيڪس: 022-3820363
اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com
ويب سائيٽ: www.humsari.com

Volume: 05
Number: 3
March 2019
Regd. No: 3160-A Copr.

قيمت: =/100 رپيا

هي پرچو زاهده ابڙو
خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

## ايڊيٽوريل

# دشمن جي ور چڙهيل مستقبل

منشيات جو مڪروهه ڪاروبار رڳو پاڪستان جي سماج لاءِ نہ پر سڄي دنيا لاءِ هڪ وڏو چئلينج بڻيل آهي. جيڪو ڊرگ مافيا جي پهچ سبب دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙيل آهي. ارڙهين فيبروريءَ 2019 تي ڪراچيءَ جي علائقي گلشن اقبال جي هڪ اسڪول مان منشيات وڪڻندڙ ڇهن ماڻهن جو هڪ گروهہ پڪڙيو ويو. جن مان پنجن ڄڻن جو تعلق امير ۽ پڙهيل لکيل خاندانن سان آهي.

منشيات جو ڌنڌو ڪڏهن بہ بند ناهي ٿيو، پر ان تي وقتي بندش وجهي حڪومتون ڪڏهن ان کي گهٽي حد تائين تہ ڪڏهن ان کي گهڻ حد تائين ڪنٽرول ڪن ٿيون، پر جڏهن منشيات جو ڪڌو ڪاروبار سماج جي عام انسانن کان هٽي ڪري ڪنهن بہ ملڪ جي نوجوان نسل خاص طور تي اسڪولن، ڪاليجن يا يونيورسٽين جي شاگردن سان ڪيو وڃي تہ ان وقت جي حڪمرانن کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي تہ ائين ڇو ٿي رهيو آهي؟ ڇا سندن دشمن جيڪو ڪين معاشي ترقي ڪندي نٿو ڏسي سگهي ڇا اهو ان جي ڪا حڪمتِ عملي تہ ناهي؟ 2016ع ۾ سائوٿ ايشيا اسٽريٽيجڪ اسٽيبلٽي انسٽيٽيوٽ (SASSI) هڪ سروي ڪئي جنهن ۾ سرڪاري ۽ خانگي اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون شامل هيون. اها سروي تمام گهٽي رازداريءَ سان ڪئي وئي. جنهن جا نتيجا سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي آن انٽيريئر اينڊ نارڪو ٽڪس سان ونڊيا ويا. ان سروي جي نتيجن موجب رڳو پاڪستان جي گاديءَ واري هنڌ اسلام آباد جي خانگي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا لڳ ڀڳ 44% کان 53% تائين شاگرد منشيات واپرائين ٿا ۽ ان ۾ انهن شاگردن جو انگ وڌيڪ آهي جيڪي امير گهراڻن سان تعلق رکن ٿا، جن لاءِ پئسو خرچ ڪرڻ ڪو مسئلو ناهي.

جڏهن تہ سرڪاري تعليمي ادارا بہ ان کان پاڪ نہ آهن، پر اتي جيئن تہ غريب يا وچولي طبقي جا ٻار پڙهن ٿا ان ڪري اتي بہ 7% کان 8% منشيات واپرائڻ وارن شاگردن جو انگ جن جي عمر لڳ ڀڳ 16 سالن کان مٿي آهي موجود آهي. جڏهن تہ سرڪاري اسڪولن جا 1% کان 2% شاگرد بہ منشيات واپرائين ٿا. جنهن ۾ هيروئن، هشيش، آفيم ۽ ايڪسٽيسي ٽيبليٽس، ميريجوانا ۽ آئس جو استعمال عام آهي.

اقوام متحده جي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ 7.6 ملين ماڻهو منشيات واپرائين ٿا، جن ۾ 78% مرد ۽ 22% عورتون شامل آهن ۽ انهن جي انگ ۾ هر سال 40,000 نون ماڻهن جو واڌارو ٿي رهيو آهي. منشيات فروش اسان جي نوجوانن کي هن رستي تي لڳائي سندن تخليقي صلاحيتن کي ختم ڪري هڪ اهڙي اونداهيءَ واري واٽ تي ڌڪڻ ٿا چاهين جتي هو سڄي زندگي پٽڪندا رهن ۽ اهي پنهنجي خاندان ۽ ملڪ مٿان هڪ بار بڻجي زنده رهن. ملڪي معيشيت کي پنهنجين صلاحيتن سان سهارو ڏيڻ بجاءِ قيمتي ناڻو ڊرگ مافيائن جي بينڪ اڪائونٽن ۾ منتقل ڪندا رهن. ضرورتن کي پنتي ڌڪي پنهنجي اولاد کي سٺي تعليم ڏيارڻ ۽ پوءِ سندن لاءِ خوبصورت خواب ڏسڻ وارا مائٽ پنهنجن ٻارن کي گهريون فيون ڀري انهن خانگي اسڪولن ڏانهن موڪلين ٿا پر بدقسمتي سان تعليمي ادارن جي انتظاميہ جي غفلت جي نتيجي ۾ سندن ٻار منشيات جو شڪار ٿي وڃن ٿا. انهن کي خبر بہ نٿي پوي تہ سندن ٻار ڪهڙي وقت ان شيطاني چڪر ۾ ڦاسي پون ٿا. انهن کي ڀهرين منشيات جو عادي بڻايو وڃي ٿو ۽ ان کانپوءِ ڪين منشيات جي ڪاروبار ۾ منشيات فروش جي حيثيت سان بہ ملوث ڪيو وڃي ٿو.

افسوس تہ هن وقت وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون پنهنجي سياسي داءُ پيچ ڏيکارڻ ۾ مصروف آهن، پر پنهنجي ملڪ جي اهم اثاثي کي، جنهن کي اندران اڌوهي لڳي رهي آهي بچائڻ لاءِ نہ وفاقي اسيمبليءَ ۾ ۽ نہ وري صوبائي اسيمبلين ۾ ڪو بحث ٿيندي نظر اچي ٿو.

ان مسئلي کي روڪڻ لاءِ قانون تي سختي سان عمل ٿيندي نظر نٿو اچي تہ جيئن قانون مطابق منشيات فروشن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن ۽ خاص ڪري تعليمي ادارن جي اندر اهڙو ڪم ڪندڙن کي عبرتناڪ سزائون ڏيئي مستقبل ۾ اهڙن ادارن تائين سندن رستا روڪ ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ والدين ۽ تعليمي ادارا گڏجي ڪو لائحہ عمل جوڙي سگهن ٿا. والدين کي پنهنجن ٻارن جي ڪائونسلنگ ڪرڻ گهرجي ۽ گهرن ۾ اهڙو ماحول فراهم ڪرڻ گهرجي جنهن سان هو هر ڳالهہ پنهنجي والدين سان ونڊي سگهن. ان کان علاوه تعليمي ادارن ۾ چاهي اهي سرڪاري هجن يا خانگي، شاگردن لاءِ صحتمند سرگرمين کي يقيني بڻايو وڃي ڇو تہ صحتمند دماغ صحتمند جسم ۾ ئي پلجندا آهن.

تعليمي ادارن جي انتظاميہ خفيہ انداز ۾ مشڪوڪ ماڻهن تي نظر رکي ۽ ادارن جي اندر، ٻاهر ۽ اوسي پاسي نظر ايندڙ اهڙن ماڻهن جو رڪارڊ تيار ڪري قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ حساس ادارن تائين پهچائي. تعليمي ادارن جي ارد گرد CCTV ڪئمرائون لڳايون وڃن ۽ اتي ننڍن ننڍن دڪانن کي بہ نظر هيٺ رکيو وڃي تہ جيئن اسان پنهنجي دشمن کي ناڪام بڻائي سگهون جيڪو اسان جي مستقبل کي تباهہ ڪرڻ لاءِ گهات هڻي ويٺو آهي.

# همسري ۾ همسفر ٿي
# آءُ ونڊيون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

## ڊاڪٽر پرڏان روپچند/ٽنڊوالهيار

ايڊيٽر صاحب هن بي حس دنيا ۾ ڪيترائي عقل ۽ فهم رکندڙ ماڻهو آباد آهن، ڪو کهڙي ڪنڊ ۾ ڪو ڪٿي، توهان جي هن فيبروري جي رسالي ۾ مون کي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڇپيل ننڍڙي ڪهاڻي هڪ دوست جي "عورت" بابت لکيل ڪهاڻي جاڳائي ڇڏيو. مار! ڪيڏي نہ گهرائي آهي ڪهاڻي ۾ اگر ڪير سمجهي تہ!. پيار علي جتوئي سان ملڻ جو خواهشمند آهيان پر ڪم عقل آهيان ۽ هو سمنڊ.

***

## سنڌي نصاب ۾ سنڌي شاعرا ناهي!
## سانگي شبير ڪنير/ميرپورخاص

سنڌي ادب ۾ لکن ڪان وڌيڪ ڪتاب لکيل آهن، جنهن ۾ نہ رڳو مردن جي لکت ناول، شاعري، ڪهاڻيون، لوڪ داستان موجود آهن، پر انهي سان لکت ۾ اسان جي سنڌي عورت جو بہ اهم اوائلي دور ڪان ڪردار آهي. اڄ جي موجوده دور ۾ اسان جون شاعرائون ادب جي وڏي خدمت ڪري رهيون آهن. نہ رڳو شاعرائون انهيءَ سان گڏوگڏ موجود ڪهاڻيڪارائون بہ ان خدمت ۾ شامل آهن. افسوس جوڳي ڳالھ اها آهي جو سنڌي نصاب ۾ ڪنهن شاعرا جي شاعري شامل ناهي. نصاب ۾ سنڌي شاعري هن ريت آهي. درجو پهريون شاعري جا 8 اسم، درجو ٻيو 8، درجو ٽيون 9، درجو چوٿون 7، درجو پنجون 9، درجو ڇهون 10، درجو ستون 9، درجو اٺون 8 ۽ درجو نائون ۽ ڏهين ۾ 14 اسم شامل آهن ۽ وري يارهين ٻارهين درجي ۾ 12 اسم شامل آهن. ان جي ابتدا 1971 ۾ پئي، جيڪو سنڌي ٻولي جي واڌ ويجهہ لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ بنياد وڌو حيرت آهي انهي واڌ ويجهہ جي دور ۾ سنڌي شاعره نہ هئي نہ اڄان آهي.

***

## زين ڪوسو/جوهي دادو

ايڊيٽر صاحب: اميد تہ پنهنجي سڀ سميت سرها هوندا. تازو پرچو فيبروري 2019 خريد ڪري پڙهيم ۽ جوهي جي ٻين ادبي دوستن کي پڻ معمول مطابق هي مئگزين پڙهڻ لاءِ ڏيندو آهيان ۽ لکڻ لاءِ پڻ همٿائيندو رهندو آهيان. ٽائيٽل ڏاڍو وڻندڙ هو، آن لائين مهمان وٽ ارم بہ ڏاڍو ڪارائتو سلسلو آهي. مواد جي چونڊ ۽ ٻيا سلسلا تمام خوبصورت هئا. وقت سر مئگزين ڪڍڻ ۽ پهچائڻ تي سڄي سٽ کي مبارڪون. هن دفعي ڪهاڻيون ڪجهہ گهٽ هيون. شاعري واري حصي ۾ بہ ڪٽوتي ڪئي اٿوَ.

***

## منور علي "منور" ڪيهر/ڳوٺ آگاڻي لاڙڪاڻو

ايڊيٽر صاحب: عرض تہ ماهوار همسري فيبروري 2019 مليو. همسري فقط ۽ ڏينهن بہ ليٽ ٿي ويندو آهي تہ دل اٻاڻڪي ٿي ويندي آهي فقط منهنجي نہ پر منهنجي گهر جي سڀني ڀاتين جي بہ. ايڊيٽوريل "اينٽي انڪروچمينٽ مهم جي ناڪام ٿيڻ جا خدشا" پسند آيو. مسلم شمير جو مضمون "لاڙڪاڻي جو مڪتبہءِ فڪر تاريخ جي تناظر ۾" تحقيقاتي اعتبار ڪان شاھ مضمون آهي، جنهن کي همسري جي مان سونهن سمجهان ٿو. محترم پيار علي جتوئي جو مضمون "روشن خيالي" ڄاڻ مهيا ڪندڙ آهي ۽ پڻ ڊاڪٽر پيار علي جتوئي صاحب جي روشن خيال هجڻ جو ساکي آهي. حسين جروار "اڄ ڪٿان آڪاش ڪي آڻي ونو" روشن خيال محبوب انقلابي شاعر آڪاش انصاري جي فن تي سٺو مضمون آهي. مضمون جو عنوان آڪاش انصاري جي شاعري مان ورتل آهي، جيڪو سٺو نٿو لڳي. ان ئي شاعري مان "هي جواني ٻير آ ڇاڻي ونو يا ياد يارن جي ڪٿان آڻي وٺي" مضمون جو عنوان لکيو وڃي ها. زاهده ابڙو جو ليڊر شپ جي عنوان هيٺ راحت ٻڙدي ۽ انتخاب ٻڙدي سان ڳالھ ٻولهہ ڏاڍو سٺو انٽرويو آهي. اهو اعزاز ادي زاهده ابڙو کي حاصل آهي تہ الائي ڪٿان ڪمائتا ماڻهو هٿ ڪري وٺندي آهي ۽ وڃي انهن ڪان انٽرويو ڪندي آهي، ڪيس مبارڪباد پيش ڪيان ٿو. همسري ۾ شامل ٻہ ڪهاڻيون ۽ مختصر ڪهاڻين سميت سٺيون ڪهاڻيون آهن. شاعري سٺي آهي رجب ٻگهيو جي وائي سٺي آهي، بحر وزن جي حساب سان 4 نمبر مصرع ۾ "هي ضروري ناھ مون کي" ۾ پويون لفظ "ڪي" شايد اضافي لفظ آهي. "هي ضروري ناھ مون" بہ صحيح ٿئي ها. رجب ٻگهئي جي شاعري شوق سان پڙهندو آهيان. نوشابہ صديقي جو غزل، زاهده ابڙو جو نثري نظم ۽ امداد حسيني جي شاعري وڻي. ٽريولاگ ۾ وينس ۽ نيو يارڪ جو سير پيا ڪريون سوبہ مفت ۾ ٻيو ڇا کپي. مهرباني اعجاز منگي ۽ ڀيڻ زاهده ابڙو جي. برڪت علي جي آرٽ عاليشان آهي. همسري جي ساري سٽ کي سلام پيش ڪريان ٿو.

***

## فهيم سومرو/نصيرآباد

ايڊيٽر صاحب: هر مهيني جيان اوهان جي ڪاوشن ڪوششن جي ذريعي همسري مئگزين اسان جي هٿن تائين پهچي ٿو. همسري مئگزين جي ذريعي اسان کي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ڄاڻ ملندي رهندي آهي. اوهان لاءِ هڪ عرض آهي تہ همسري مئگزين جو هڪ پيج وڌائي سنڌ جي سيڪڙاٿ ليکڪن کي ڏنو وڃي تہ جيئن انهن ۾ لکڻ جو شوق پيدا ٿي سگهي. اسان جي سنڌ لاءِ شاعر ۽ اديب سرمايو آهن جيئن اهو سرمايو ڪڏهن وڃائجي نہ سگهي.

***

# جديد سياسي سماجي نظريا

## ڊاڪٽر پيار علي جتوئي

اوائلي دور کان وٺي انسان وحشي توڙي خونخوار رهندو آيو آهي ۽ پنهنجي مٿان هٿ ٺوڪيا نظريا مسلط ڪري پاڻ کي اڻ ڏٺل زنجيرن ۾ جڪڙيندو رهيو آهي، پر جڏهن کان انسان هوش جي دنيا ۾ پير پاتو آهي ۽ ويجهي ماضيءَ ۾ يورپ ۾ روشن خيالي جهڙي زبردست تحريڪ هلڻ ڪانپوءِ ماڻهن جي ذهنن مٿان ڪيئي هزار سالن کان چڙهيل ڪٽ لهي وئي ۽ ماڻهو اجاين وهمن وسوسن کان پنهنجي جند آجي ڪرائي نون جديد نظرين ۽ خيالن کي مڃڻ لڳا، اهڙن جديد نظرين يورپ جي سياسي توڙي سماجي وايو منڊل ۾ هڪ وڏو انقلاب برپا ڪري ڇڏيو ۽ ماڻهن جي عام رواجي زندگيءَ ۾ مثبت تبديليون آڻي انسان کي حقيقي معنيٰ ۾ اشرف المخلوقات بڻائي ڇڏيو. روشن خياليءَ جي تحريڪ جو نتيجو اهو نڪتو جو ماڻهن کي پنهنجي حقن جي خبر پئي ۽ اتان جي ڏتڙيل عوام کي پنهنجي حقن حاصل ڪرڻ جي همت پيدا ٿي. جيڪي اڳ ۾ ماڻهو پنهنجي غربت واري حالت کي لکئي جو ليک سمجهي مٺي ماٺ ۾ پنهنجي اهڙي حالت کي برداشت ڪندا هئا. اهي انڌا ٻوڙا، گونگا هاڻي پنهنجي ڏتڙيل حالت کي بدلائي، تدبير سان پنهنجي تقدير بدلائڻ جا جتن ڪرڻ لڳا. يورپ جو سياسي توڙي سماجي ڍانچو تبديل ٿيڻ لڳو، پراڻيون شهنشاهيون، بادشاهيون عوامي سمنڊ ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيون، ڪليسائن جو رياست جي ڪمن ۾ هٿ چراند بند ڪري مذهبي پادرين کي پنهنجي خانقائن ۽ چرچ تائين محدود ڪري، حڪومت هلائڻ لاءِ عام عوام مان ڪو نمائندو چونڊڻ لاءِ اختيار بہ عام عوام کي ڏنو ويو. حڪومت جي سربراهہ کي اهڙي طريقي سان چونڊڻ کي جمهوريت چيو ويو. جنهن جو مطلب عوامي راڄ، عوام طرفان چونڊيل، عوام جي ڀلائي لاءِ عوامي نمائندو هجي جيڪو عوام جي صحيح معنيٰ ۾ نمائندگي ڪري سگهي. اهڙي عوامي راڄ ۾ انسانن جي حقن جي طرفداري سان گڏوگڏ اتان جي هر جاندار جي حقن جي ڳالهہ ڪئي وئي. ماڻهن جي حقن جي پامالي کي ڏوهہ سمجهڻ کان علاوه جانورن جي حقن لاءِ نوان قائده قانون جوڙيا ويا ۽ اهڙي طرح روءِ زمين تي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مهذب رياست جو بنياد پيو ۽ ماڻهن پنهنجي مٿان چڙهيل صدين جي دز لاٿي، پنهنجي اڻ ڏٺي غلامي جا طوق لاهي ڦٽا ڪيا ۽ حقيقي معنيٰ ۾ آزاديءَ جي مزي کي ماڻڻ لڳا. دنيا جي قديم توڙي جديد سياسي ۽ سماجي نظرين کي هيٺين ريت کولي سمجهايو وڃي ٿو:

**ڪميونزم:** اهڙو رياستي معاشرو جوڙڻ جنهن ۾ حڪومت وٽ رياست جي هر قسم جي وسيلن، معدنيات توڙي ڪارخانن جي مالڪي هجي. اهڙي رياست ۾ ڪنهن بہ اڪيلي فرد يا ڪنهن جماعت وٽ ڪابہ ذاتي ملڪيت نہ هوندي. اهڙي رياست جي جاگرافي حدن اندر جيڪا بہ ملڪيت هوندي اها حڪومت جي هوندي ۽ اهڙي رياست ۾ ذاتي ملڪيت رکڻ جي قانوني ڪا حيثيت نہ هوندي. هي نظريو مارڪس ۽ لينن جي اصولن تي ٻڌل هجي ٿو ۽ اهڙي نظريي جو پايو وجهندڙ جرمنيءَ جو عظيم




مفڪر ڪارل مارڪس آهي.

**سوشلزم:** هي رياستي معاشرو بہ ڪميونزم جهڙو ئي هجي ٿو بس هن ۾ هر قسم جي ملڪيت جي بدران ڪجهہ خاص ڪارخانا ۽ خاص معدني وسيلا جيئن زمين، تيل، ڪوئلو، گئس يا اهم ڪارخانا حڪومت جي ملڪيت هوندا آهن. اهڙي رياست ۾ ذاتي ملڪيت جي ڪجهہ حد تائين اجازت مليل هوندي آهي.

**ڪيپيٽلزم:** هي حڪومتي نظام ڪميونزم جي بلڪل ابتڙ هجي ٿو. هن نظام تحت رياست ۾ موجود سيئي وسيلا حڪومت جي ٻلي هجڻ بدران ماڻهن يا ڪنهن جماعت جي هٿ هيٺ هجن ٿا. هن نظام تحت حڪومت جي هٿ ۾ ڪجهہ بہ ڏيڻ بدران عام ماڻهن جي ذاتي ملڪيت هجڻ لاءِ زور ڪيو وڃي ٿو.

**فاشزم:** حڪومت جو اهڙو ڍانچو جنهن ۾ اڳواڻ ڪو آمر مسلط ٿيل هجي جيڪو عام عوام جي زندگين، راڄ ڀاڳ ۽ هر طرح سان انهن جي زندگين تي قادر هجي. اهڙي قسم جي حڪومت ۾ عوام کي حڪومت جي کهڙي بہ عمل سان مخالفت ڪرڻ جو ڪو حق حاصل ناهي. حڪومت جي هر بُري ڀلي عمل کي آمنا صدقنا چئي اکيون ٻوٽي مڃي، ان کي سٺو سمجهي ان جي مڪمل پوئيواري ڪرڻ ضروري هجي ٿي. اهو هڪڙو ماڻهو ڪروڙ عوام جي زندگين جو مالڪ هجي ٿو ۽ سندس اختيار ذري گهٽ خدائي هجن ٿا جن کي ڪوبہ رد نٿو ڪري سگهي.

اهڙي قسم جي حڪومت صرف ان هڪڙي ماڻهو جي چوڌاري ڦري ٿي جيڪو پوري رياست جو والي وارث هجي ٿو.

**جمهوريت:** دنيا ۾ حڪومت هلائڻ جو سڀ کان وڌيڪ جديد ۽ هلندڙ وقت وارو طريقو جمهوريت تصور ڪيو وڃي ٿو، جنهن ۾ حڪمران ماڻهن جي راءِ موجب اڪثريت جي فيصلي سان چونڊيو وڃي ٿو. اهڙي حڪومت ۾ هر عام ۽ خاص ماڻهو کي هڪ جيترا حق حاصل هجن ٿا. توڙي جو هن نظام ۾ اڃا ڪي خاميون ضرور آهن. ڇو ته هن نظام تحت هڪڙي ڄڻ جاهل جي راءِ جي به اوتري ئي اهميت هجي ٿي جيتري ڪنهن سائنسدان فلسفي جي راءِ هجي، پر پوءِ به هي نظام اڄ ڪلهه پوري دنيا جي ماڻهن لاءِ ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ڀلائي وارو ڀانئجي ٿو تنهنڪري دنيا جي اڪثر رياستن ۾ پراڻا بادشاهي يا آمراڻا حڪومتي ڍانچا پڄي پور ٿي چڪا آهن ۽ اتي جمهوري حڪومتون قائم ٿي چڪيون آهن.

**انارڪزم:** هن قسم جي سوچ رکندڙ ماڻهو ڪنهن به قسم جي قائدي ۽ قانون کان بري هوندا آهن. هنن جي سوچ هوندي آهي ته جيئن انسان آزاد آهي تنهنڪري ان جي مٿان فرسودا قانون مسلط ڪري سندن آزادي نه کسي وڃي. حڪومت هلائڻ يا رياست جو وهنوار هلائڻ لاءِ هي چون ٿا ته ڪي اهڙا رضاڪار هجن جيڪي پنهنجي خواهش تي نوڪري ڪن يا حڪومتي وهنوار هلائين. جڏهن ته باقي ماڻهن تي ڪهڙي به قسم جون پابنديون نه مڙهيون وڃن ۽ انهن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق زندگي گذارڻ ڏني وڃي. هنن جي سوچ مطابق حڪومت ۽ قانون سڀ بي سبب آهي ۽ انهن جو رياست ۾ هجڻ فضول آهي.

**بنياد پرستي:** (Fundamentalism) روشن خيالي تحريڪ جي شروع ٿيڻ سان يورپ ۾ ڪجهه گروهن ۽ طبقن ڏاڍي مخالفت شروع ڪئي تن ۾ بنياد پرست مذهبي ٽولا شامل اچي وڃن ٿا. هنن جو خيال هو ته جيئن ته مذهب الهامي نظريو آهي جيڪو آسماني ڪتابن ذريعي عوام تائين پهتو آهي ۽ الله جي چونڊيل نبين طرفان لاٿو ويو آهي تنهنڪري اهو مڪمل ۽ اڻ تبديل ٿيندڙ آهي، تنهنڪري عام انسان کي ڪو حق حاصل ڪونهي جو هو الاهي حڪمن کي وقت جي وير سان تبديل ڪري. هزارين صديون اڳ جيڪي حڪم واضح ڪيل آهن تن ۾ ترِ جيتري به ڦير گهير نٿي ڪري سگهجي ۽ انهن کي جيئن جو تيئن اڄ جي جديد دور ۾ رائج ڪيو وڃي. اهڙي سوچ رکندڙ ماڻهو مذهب جي اهڙي سختگير فڪر کي ماڻهن مٿان مسلط ڪرڻ جا خواهشمند هئا، جن جو خيال آهي ته انهن جو مذهب ئي حقيقي معنيٰ ۾ صحيح آهي ۽ آسمان ۾ ويٺل خدا به انهن جو ئي آهي ۽ جيڪو به انهن جي مذهب کي مڃيندو اهوئي جنت ۾ داخل ٿيندو جڏهن ته ٻيا سڀ جهنم جي ٽري ۾ وڃي ڪرندا. اهڙا ماڻهو مختلف مذهبن جي پوئلڳن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ راضي نه هئا. انهن ماڻهن جي سوچ هئي ته يا ته ٻين مذهبن کي مڃيندڙ هن ڌرتيءَ جي گولي تان مري کپي وڃن يا سندن دين مڃين ٻي صورت ۾ انهن سان جنگ ڪئي ويندي.

**ڪنزرويٽزم:** اهڙي سوچ رکندڙ ماڻهو به بنياد پرستن ۾ شامل ٿين ٿا، پر هي مذهب کان هٽي ڪري پنهنجي قومي، ثقافتي يا رواجي ريتن ۽ رسمن کي جديد دور ۾ بدلائڻ جي خلاف هئا. هنن جي به سوچ اها هئي ته جيئن ته ريتون رسمون سندن تاريخي شناخت هجي ٿي تنهنڪري اهي پنهنجي تاريخي سڃاڻپ کي ڪنهن به صورت ۾ مٽائڻ جي خلاف هئا ۽ جديد دور ۾ به پنهنجين پراڻن ريتن رسمن کي زنده رکندي انهن مطابق زندگي گذارڻ چاهين پيا.

**لبرلزم:** جيئن ته اوائلي دور کان بادشاهتون ۽ مذهبي طاقتون پاڻ ۾ ڳٺ جوڙ رکڻ جي ڪري عوامي ڀلائي بدران عوام کي ڦري لٽي، ماري مڃائي پنهنجو پيٽ لٽڪائو ٻڌائيندڙيون رهيون آهن. اهڙي طرح ان وقت جا بادشاهه مذهبي مُلن، پادرين ۽ ٻاون هٿان هٿ ٺوڪيون فتوائون ڏياري پاڻ کي ظل الاهي، سلطان ۽ خدا طرفان چونڊيل بادشاهه ثابت ڪري ابوجهه ماڻهن کي پنهنجي ضابطي ۾ رکندا آيا آهن، پر روشن خيال فلاسافرن، مفڪرن، ڏاهن ۽ دانائن پنهنجي اڻٿڪ ڪوششن جي ڪري ماڻهن کي اهو باور ڪرائڻ ۾ نيٺ ڪامياب ويا ته هي بادشاهه ڪي خلائي مخلوق ناهن، پر اسان توهان جهڙا عام انسان آهن، جيڪڏهن اهي عام عوام جا مسئلا حل نٿا ڪري سگهن ته اهي عوام جي اڳيان جوابده آهن ۽ اهو عوام کي حق آهي ته اهڙن نااهل بادشاهن کي سندن تختن تان لاهي ڦٽو ڪن. حڪومت جيئن ته عوام جي ترقيءَ ۽ خوشحالي لاءِ هجڻ گهرجي تنهنڪري حڪومت ڪرڻ ۽ حڪومت ٺاهڻ جو اختيار به مڪمل عوام کي هجڻ گهرجي. لبرل سوچ رکندڙ ماڻهو عام انسان کي زندگيءَ جي هر پاسي کان آزادي ڏيارڻ جا حمايتي هجن ٿا، چاهي اها اظهار جي آزادي هجي، پريس جي آزادي هجي يا مذهبن کي مڃڻ نه مڃڻ جي آزادي هجي. مطلب هن نظريي تحت انساني آزادي يقيني بڻائي، عالم انسان کي هڪ جهڙو سمجهي، انهن جي بنيادي حقن ۽ ضرورتن جي پوئيواري ڪري اهڙي آزاد ۽ خود مختيار رياست عمل ۾ آڻجي جيڪا عوامي ڀلائي وارا ڪم ڪري معاشري ۾ خوشيون پکيڙي.

**ريشنلزم:** اهڙي سوچ جنهن ۾ اهو پختو يقين ڪيو وڃي ته سچ صرف اهو آهي جيڪو مشاهدي،



تجربي يا منطق مطابق حاصل ٿئي. ڪابہ ڳالھہ چاهي کهڙي بہ آسماني ڪتاب ۾ ڇو نہ لکيل هجي يا چاهي کهڙي بہ مذهب ۾ بيان ٿيل هجي، پر اها اوستائين صحيح نٿي ٿي سگهي جيستائين اها تجرباتي ۽ منطقي طور ثابت نہ ٿئي. هن فڪر جا پوئلڳ اهو زور ڀرين ٿا تہ توهان جي ڪنهن بہ عمل جو سبب ڪنهن سان ذاتي رشتو يا ذاتي رسامو يا ڪو مٿي مائٽي يا ڪنهن بہ قسم جو جذبو يا ذاتي پسند ناپسند نہ هجي، پر منطقي، قانوني ۽ مقرر ڪيل طور طريقي مطابق ڪنيل هجي. صحيح ۽ غلط اڳ ۾ ئي چٽيءَ طرح واضح ٿيل هجي تہ جيئن ماڻهو عملي طور ڪنهن بہ ڪم ۾ آساني سان فيصلو ڪري سگهي. انسان خود پاڻ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي ٿو تنهنڪري هو صحيح مڃيل ڄاڻ مطابق پنهنجو فيصلو ڪري سگهي ٿو.

**سيڪيولرازم:** لبرلزم جهڙي انساني ڀلائي ۽ ترقي يافتہ نظرين ڪي عمل ۾ آڻڻ لاءِ مختلف قسمن جون رنڊڪون ۽ مشڪلاتون پيدا ٿيون جن ۾ خاص طور مذهبي طاقتون نمايان هيون، جيڪي رياست توڙي رياستي نمائندن ۽ رياستي قانون ڪي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ جون خواهشمند هيون. ان وقت جي مفڪرن اهڙي سوچ ڏني جنهن ۾ چيو ويو تہ جيئن تہ مذهب عوامي مسئلو ناهي جڏهن تہ اهو هر انسان جو ذاتي مسئلو آهي، مذهب انسان جي ۽ ان جي خدا جي وچ جو مسئلو آهي تنهنڪري مذهب کي عوامي سطح تي بحث ڪرڻ بدران هر ماڻهو پنهنجي اندر ۾ پنهنجي طور انفرادي طور ملهائي. اهڙي طرح سان مذهبي سرگرمين کي عوامي جڳهين تي کليل نموني ملهائڻ تي پابندي وجهي ڪليسائن تائين محدود ڪيو ويو. ڪنهن کي بہ اها اجازت نہ ڏني وئي تہ هو ڪنهن جو مذهب ڦيري سگهي. اهڙي عمل سان مذهب ۽ مذهبي پادري پنهنجي پنهنجي ڪليسائن تائين محدود رهجي ويا ۽ انهن جو ماڻهن سان رابطو بہ محدود ٿي ويو ۽ انهن جي افرادي قوت گهٽجي وئي تنهنڪري اهي رياستي وهنوار ۾ پنهنجو اثر برقرار نہ رکي سگهيا ۽ پنهنجي طاقت وڃائي ويٺا. هن نظريي تحت هر مذهب جي مڃيندڙ کي مڪمل آزادي آهي تہ اهو پنهنجي پنهنجي مذهب جي مطابق عبادت ڪري، پر اهو شرط آهي تہ هو ڪنهن ٻئي ماڻهو کي نہ ئي پنهنجي مذهب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ زور ڀريندو ۽ نہ ئي ٻئي کي سندس مذهب مطابق عبادت ڪرڻ کان روڪيندو. هن نظريي تحت رياست ڪنهن بہ مذهب جي دٻاءُ کان آزاد هوندي ۽ رياست ڪنهن بہ مذهب جي پٺڀرائي نہ ڪندي ۽ رياستي ماڻهو ڪنهن بہ مذهب کان متاثر نہ هوندا ۽ ڪنهن بہ مذهب جو عمل دخل رياستي ڪمن ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو. اهڙي طرح سان مذهب ۽ رياست ٻہ ڌار ڌار شيون تصور ڪيون ويون جن جي هڪٻئي ۾ دخل اندازي تي مڪمل پابندي لاڳو ڪئي وئي.

**پليورلزم:** جيڪڏهن اسان اڄ جي انسانن کي جديد نظرين جهڙوڪ لبرلزم، ريشنلزم ۽ سيڪيلولرزم جهڙن انساني فلاح ۽ بهبود جهڙي فضا قائم ڪندڙ نظرين کي عمل ۾ آڻينداسين تہ نہ فقط اسان جو معاشرو پر پوري ڌرتي هڪ اهڙي جنت ٿي پوندي جنهن ۾ هر قسم جو مذهبي عقيدو رکندڙ ماڻهو، مختلف قسم جا سماجي، سياسي نظريا رکندڙ توڙي هزراين قسمن جون ريتون رسمون، ثقافتون، رنگ نسل، رنگ برنگي ٻهراڻ توڙي پوشاڪون پهريل ماڻهو گڏ رهندي ملندا جيڪي نہ فقط ظاهري صورت ۾ هڪٻئي کان مختلف نظر ايندا هوندا، پر انهن جون سوچون بہ هڪٻئي کان مختلف هوندي بہ اهي پاڻ ۾ امن ۽ شانتي سان




گڏ، ماٺ ميٺ ۽ امن ۽ امان سان گڏ رهندي نظر ايندا. اهي نہ ئي هڪٻئي جي خون جا پياسا هوندا ۽ نہ ئي اهي هڪٻئي تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو ظلم جبر ڪندي نظر ايندا. اهڙن رنگ برنگي قومن، نسلن توڙي ثقافتن جا ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي پيار ۽ محبت سان هڪ ٿالهيءَ ۾ ڪائن تہ اهڙي نظام کي پليورلزم چئبو آهي.

تنهنڪري اچو تہ اسان بہ پڪو پھہ ڪري پنهنجا ننڍا وڏا سڀ ڪينا ڪدورتون ختم ڪري، ويڇا وڇوٽيون وساري، ذات پات، رنگ نسل، مذهبن جا سڀ فرق مٽائي پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي رهون ۽ دنيا کي اهو مثالي پيغام ڏيون تہ اسين هاڻي جاهلاڻي دور مان نڪري اعليٰ آدرش رکندڙ قوم بڻجي ويا آهيون. اسان سنڌو ماتري جي قديم تهذيب رکندڙ آهيون، اسان جو ماضي عظيم رهيو آهي ۽ اسان مستقبل ۾ بہ دنيا جي قومن جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. منهنجو اهو خواب آهي جيڪو هڪ ڏينهن ضرور پورو ٿيندو.



p03323993783@yahoo.com

# سنڌي عورت جي سماجي حيثيت جو مطالعو

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

قدرت هن دنيا جي واڌ ويجهه ڪي عمل ۾ آڻڻ لاءِ انساني زندگيءَ جي شروعات مرد ۽ عورت جي تخليق سان ڪئي جنهن سان اڳيان هلي انساني نسل جي واڌاري سان سماجي گروهن جو بنياد پيو. ارتقا جي شروعاتي دور ۾ عورت ۽ مرد بلڪل ساڳي حيثيت رکندڙ ۽ زندگيءَ جي ڪاروبار ۾ برابر جا شريڪ رهيا آهن، پر اڳيان هلي هو مختلف سماجي طبقن ۾ ورهائجي ويا ۽ ان ريت دنيا جي سڀني سماجن ۾ عورت ذات جي حيثيت مختلف وقتن ۾ ڌار ڌار نموني جي رهي آهي. ڪڏهن ڪيس "ماءُ" ۽ "ديوي" جي روپ ۾ پوڄيو ويو تہ ڪڏهن مٿس بيجا پابنديون مڙهي ظلم ڪيا ويا. مجموعي طور هوءَ مظلوم ئي رهي آهي.

سنڌي سماج جي تهذيبي اوسر جي مطالعي مان پروڙ پوي ٿي تہ مهين جي دڙي جي عورت جي حيثيت مٿانهين درجي جي هئي. "ماتا ديوي" جي حيثيت طور سندس پوڄا ڪئي ويندي هئي تہ ويدڪ دور ۾ پڻ عورتن جي گهڻي عزت ڪئي ويندي هئي. آهستي آهستي برهمڻ دور کان سندس عزت ۽ حيثيت تبديل ٿيندي وئي. آرين مطابق پٽ نہ ڄڻيندڙ ماءُ کي نياڳو تصور ڪيو ويندو هو. اڳيان هلي ستي جي رسم رائج ٿي. اهو بہ رواج پيو تہ عورت کي پنهنجي عصمت پروري جي ساک لاءِ باهہ مان گذرڻو پوندو هو. اهڙي ريت اڳيان هلي سماجي رسمن، قانونن ۽ مذهبن کي پاڻ ۾ ڳنڍي طريقي سان جوڙي عورتن جو استحصال ڪيو ويو. ڏٺو وڃي تہ سنڌي عورت همت، جرئت، وفاداري، عقلمندي ۽ حب الوطني جي ڪرداري خوبين سان واڳيل آهي. ٻاگهل ٻائي جي سيائپ سنگهار جي ڀيڻ تارا ٻائي جو ڏهہ سال بخوبي حڪومت هلائڻ، همون ٻائي جو درڪ جي قلعي جي حفاظت ڪندي شهيد ٿي وڃڻ، "ڪويل" جو پنهنجي مڱيندي ننگر سومري کي موڙ ٻڌائي ڌرتيءَ لاءِ قربان ٿيڻ لاءِ موڪلڻ، ماروي جو وقت جي بادشاهہ سان مهاڏو اٽڪائڻ، مائي بختاور شهيد جو چوڌري دين محمد جي هارين سان مقابلو ڪري شهادت حاصل ڪرڻ، سنڌ جي اسپيڪر مائي ڄيٺي هيملاڻي کان شهيد بينظير ڀٽو تائين سنڌي عورت با همت، با سمجهہ، با ڪردار ۽ با اصول رهي آهي.

موجوده وقت سنڌ جون ڪيتريون ئي نياڻيون علمي ۽ سماجي حيثيت جي بلندي لاءِ پرعزم ڪوششون ڪري رهيون آهن تہ بہ سندن رستن ۾ ڪي رڪاوٽون ضرور آهن جن تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. خاص طور اسان جي ملڪي آئين ۾ ڪيس مليل ڪيترائي اهڙا حق آهن جن جي پوئيواري نہ ٿيڻ سبب عورتون عدم تحفظ جو شڪار آهن. ملڪ جي آبادي جو وڏو حصو عورتن تي ٻڌل آهي جنهن ۾ ستر سيڪڙو عورتون ڳوٺن ۾ محرومي ۽ محڪومي واري حياتي گهاري رهيون آهن. شهر جي عورت کي ڏسنداسين تہ اها پڻ وڏي محنت سان علم ۽ رزق جي حاصلات سان گڏ فرضن ۽ جوابدارين ۾ جڪڙيل آهي. هن مرداڻي سماج ۾ عورتن جي فرضن ۽ ذميدارين جي فهرست تہ طويل آهي پر ڪيس مليل قانوني ۽ مذهبي حقن تي ڪنهن جي اک بہ نٿي پوي. هٽ ڌوڪين رسمن ۽ رواجن جي اوٽ ۾ عورت نظر انداز ٿي رهي آهي. جيئن مثال طور عورت کي پسند جي شريڪ حيات جي چونڊ جو حق نہ هئڻ، نڪاح نامي جي اختيارن ۽ حق مهر جو تحفظ نہ هئڻ، مردن جي گهڻين شادين سان عورتن جي نفي ٿيڻ، ننڍي عمر جي يا ٻي جوڙ شادي ٿيڻ، نياڻي کي ڏاج ڏيئي وراثت ۾ حصو نہ ڏيڻ، طلاق يافتہ يا بيواهہ کي ڪمتر سمجهڻ، حق بخشرائڻ، ڪارو ڪاري جو ظلم هئڻ، خون عيوض بدلي ۾ عورت ڏيڻ، علم جي حاصلات ۾ رڪاوٽون هجڻ، گهريلو، ذهني، جسماني ۽ نفسياتي تشدد هئڻ ۽ ٻيا انيڪ مثال آهن جن جي ڪري اڄ ايڪيهين صدي جي عورت پڻ پنهنجي جائز حقن لاءِ اڃان جاکوڙي رهي آهي.



اهو ضرور ٿيو آهي تہ موجوده دور ميڊيا جو آهي جنهن وسيلي ڪجهہ حد تائين ٿيندڙ ڪارن ظلمن کي پڌرو ڪيو وڃي پيو ۽ ماڻهن ۾ پڻ سجاڳي آئي آهي. ڪجهہ نہ ڪجهہ احتجاج پڻ ٿين ٿا، پر جيستائين عورتن تي ٿيندڙ ظلم خلاف قانوني ڪارروايون جلد نہ اڪلايون وينديون ۽ ڏوهارين کي سزائون نہ ڏنيون وينديون تيستائين اسان جي ملڪ ۾ عورتن جي حفاظت جا مسئلا مڪمل طور حل نہ ٿيندا.

تعليم هڪ ايڏي وڏي طاقت آهي جا شعور جا دروزا کولي پاڻ پرو ڪري ٿي اسان کي وڌ کان وڌ پنهنجين نياڻين ۽ ڀينرن کي علم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ گهرجي، سندن لاءِ ان ۾ سهولتون پيدا ڪرڻ گهرجن تہ جيئن هو علمي ۽ عملي سجاڳي سان هڪ مثبت تبديلي ڏي گامزن ٿين.



# دنيا ۾ وڌندڙ ماضي جي نرگسيت

سلام ڏاريجو

جيتوڻيڪ دنيا ۾ هڪ ئي وقت ڪوڙ ساريون سياسي، سماجي، معاشي ۽ ثقافتي تبديليون رونما ٿي رهيون آهن. انهن سمورين تبديلين پويان نہ فقط انفارميشن ٽيڪنالاجي جا وڏا وڏا چال آهن، پر ان سڀي تبديلي جي ٻوڙ ۾ ماضي جي نرگسيت پرستي ۽ تاريخ کي ورجائڻ جهڙا جواز بہ عام آهن. اسين انفارميشن ٽيڪنالاجي جي معجزن تي هتي بحث نہ ڪنداسين جنهن سچ مچ ۾ دنيا کي حيراني سان گڏ پريشاني ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي تہ آخر مستقبل لاءِ منصوبا بندي ڪيئن ڪجي. ان ڪري هن مضمون ۾ اسين فقط ان نقطي تي بحث ڪنداسين تہ آخر دنيا وري ماضي پرستي ۽ ثقافتي برتري جي باري ۾ ڇو پئي سوچي.


طيب اردگان جي ان جملي نہ فقط ترڪي جي عوام کي سوچڻ تي مجبور ڪيو، پر سندس سياسي بيان کي اسلامي ملڪن سان گڏ يورپ جي ملڪن ۾ هلڪو ڪونہ ورتو. سندس چوڻ هو تہ ترڪي 1924 ڪانپوءِ سلطنت عثمانيہ کي واپس ڪرڻ جو وچن ڪندي. سندس چوڻ هو تہ ترڪي کي مغرب زبردستي ڪمال اتا ترڪ وسيلي سلطنت عثمانيہ تان دستبردار ڪري سيڪيولرزم ۽ نيشنلزم جي گوري ڪارائي سرحدون محدود ڪري ڇڏيون. سندس چوڻ هو تہ تاريخي طور تي ترڪي جون سرحدون عراق، يونان ۽ ڪيترن ئي مغربي ملڪن تائين وسيع هيون ۽ ترڪي پنهنجي ماضي جي مرتبي ۽ علاقائي برتري کي وري زنده ڪندو. ائين ترڪي اسلامي ۽ مغربي دنيا کي نئون نياپو ڏيئي ملڪ اندر سلطنت عثمانيہ جي ماضي کي شاندار ڪري پيش ڪري رهيو آهي. ترڪي جي ميڊيا تي اهڙو



نقشو بہ ڏيکاريو پيو وڃي تہ ڪيئن نہ ماضي ۾ ترڪي جي ثقافت ۽ حاڪميت جو دٻدٻو هو.

ثقافتي برتري جي نئين وصف هندستان ۾ مودي سرڪار ڪجهہ هن طريقي سان پرچاري رهي آهي تہ هندستان هندو مذهب کي مڃڻ وارن جو آهي جيڪي هزارين سالن کان هتي ئي ڄاوا ۽ نپنا هئا. مودي سرڪار هندستان جي سيڪيولر ۽ گهڻ مذهبي ۽ گهڻ قوميتي ملڪ جي تصور کي للڪاريندي اهو نعرو ڏنو آهي تہ هندستان ۾ رهندڙ سڀئي ماڻهو هندو هئا ۽ بعد ۾ ٻيا مذهب اختيار ڪيائون ان ڪري هندستان کي فقط هندو قوم جي پسمنظر ۾ ئي ڏسجي ۽ هي ملڪ فقط هندو مذهب وارن جو ئي آهي. جيتوڻيڪ مودي جو اهو نعرو فقط سياسي بيان نہ آهي پر ڀارتيہ جنتا پارٽي ۽ سندس نظرياتي خالق RSS (راشٽريا سئايم سيوڪ سنگهہ) ان نظريي جو پرچار وڏي بندوبست سان ڪري رهيا آهن جيڪا ايتري تائين جو تاريخ کي نئين سري سان لکڻ اسڪولن ۾ پڙهائڻ جو پڻ انتظام ڪري رهيا آهن.

روس نوي جي ڏهاڪي ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ ڪانپوءِ پيوٽن جي سربراهي ۾ وري ماضي جي عروج ۽ وسيع سرحدن کي هڪ ڀيرو وري حاصل ڪرڻ جو ماسٽر پلان سامهون رکندي گذريل ٻن ڏهاڪن کان روس جي ٻولي، نسل ۽ قوميت جي منظم مهم هلائي رهيو آهي. روسي قوم کي اهو يقين ڏيارڻ لاءِ نہ رڳو اسٽالن جي دور وارو روس وري واپس ڪرڻ لاءِ پيوٽن روس جي سياست، معيشيت ۽ ثقافت کي تيزي سان مضبوط ۽ اجاگر ڪري رهيو آهي. روس جون فوجون نہ صرف يوڪرين جي سرحدن ۾ پيون گهمن، پر





سينٽرل ايشيا جي انهن سيني ملڪن جيڪي پهرين روس جو حصو هئا اتي پنهنجو اثر وڌائي روسي ٻولي ۽ ثقافت کي منظم نموني سان پکيڙي رهيو آهي.

ماضي جي نرگسيت پرستي يورپ ۾ ٻہ پنهنجي پوري آب ۽ تاب سان موجود آهي. جرمني ۾ ساڄي ڌر جون پارٽيون ۽ نوجوان نسل نازي ازم کي وري جياري سياست ۽ ثقافت تي نوان اثر ڇڏي رهيو آهي. جڏهن ڪان جرمني شام جي شهرين کي ملڪ اندر اچڻ جو اجازت نامون ڏنو آهي تڏهن کان جرمن شهرين جي نسلي شناخت ۽ نازي ازم جي پرچار وڌي وئي آهي. ساڄي ڌر جي پارٽين جي وڌندڙ مقبوليت ۽ نوجوان نسل جو غير جرمن ماڻهن کان رويو خراب کان خراب ٿيندو پيو وڃي. يورپ جيڪو جديد جمهوريت ۽ ترقي پسند معيشيت جو نعرو هڻي يورپين يونين ٺاهي قومپرستي جي نظريي کي دفن ڪري گلوبلائيزيشن جي سرشتي کي مضبوط ڪرڻ نڪتو هو سو تازو برطانيہ جي يورپين يونين مان نڪرڻ کانپوءِ نئين قوم پرستي ۽ ماضي جي نرگسيت جو شڪار قومن کي هڪ ٻيرو وري منظم ٿيندي ڏسي رهيو آهي.

توهان ڏٺو تہ يورپ جو هڪڙو ننڍڙو ملڪ آسٽريا وري ماضي جي سلطنت کي سهيڙڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي هن ئي سال هيبسبرگ سلطنت جي سئو سالا سالگره کانپوءِ بليڪ- ييلو الائنس نالي تحريڪ کي 2004ع ۾ قائم ڪيو ويو جنهن جو مقصد آهي سينٽرل يورپ جا اهي ملڪ جهڙوڪ: سلوانيا، سلووڪيا، ڪروئيشيا ۽ چيڪ ريپبلڪ کي گڏائي هڪڙي نئين سلطنت جو قيام عمل ۾ آڻجي. ياد رهي تہ آسٽريا ماضي جي وڏي سلطنت رهيو آهي.

سو ماضي پرستي ۽ نيشنلزم جي جديد تشريحن کي سياسي تڙڪو لڳائي مارڪيٽ ۾ کپائڻ جو رواج پاڪستان ۾ بہ نئين پاڪستان جو نظريو ڏيندڙ عمران بہ پاڪستان کي مديني واري رياست ٺاهڻ جو اشارو ڏيئي چڪو آهي. جيتوڻيڪ پاڪستان ماضي جي نرگسيت پرستي ۾ پوڻ جي صورت ۾ هندستان ڏي واپس وڃي تاريخ جا پيرا کڻي ها، ڇاڪاڻ تہ موجوده پاڪستان جي خطي جي تاريخ ٻنا ڪنهن شڪ جي هزارين سال پوئتي ويندي ۽ هندو مذهب کان پاڪستاني تاريخ بهرحال ڪنڌ نہ ڪڍائي سگهي آ. لحاظہ پاڪستان کي مديني جي رياست سان ڳنڍيي بهرحال عمران خان بہ ماضي جي نرگسيت پسند مهم جو حصو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.



# شاهه عنايت شهيد

## 1659ع کان 1718ع


**تحرير: مسلم شميم**

”جو ڪيڙي سو کائي“، هي انقلابي نعرو حضرت شاهه عنايت شهيد سترهين صديءَ ۾ سنڌ جي سر زمين جي عظيم وسندي جهوڪ شريف ۾ بلند ڪيو. جهوڪ شهر ٺٽي کان 25 ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي آهي. سندس مزار اڄ بہ عام ۽ خاص ماڻهن جي لاءِ زيارت گاهه بڻيل آهي. هي نعرو سئو سيڪڙو اشتراڪي نعرو هو جنهن جو انگريزي ۾ ترجمو وجي بيهي ٿو ”Land to the tiller“ جيڪو 19 ۽ 20 صديءَ ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جي اشتراڪي تحريڪن جو بنيادي نعرو هو. صدين کان پراڻو استحصال تي ٻڌل جاگيرداراڻو نظام ۽ موروثي بادشاهت جو نظام هن نعري جي زد ۾ رهيو ۽ اڄ پاڪستان جي تناظر ۾ ان جي وڏي اهميت آهي. اشتراڪيت جو نظريو قديم يونان ۾ افلاطون جي ڪتاب جمهوريہ (REPUBLIC) جي خيالي رياست ۾ تفصيل سان بحث هيٺ رهيو، پر ڳالهہ نظريي کان اڳيان هرگز وڌي نہ سگهي. 19 هين صدي 1848ع ۾ ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلز جي ”گڏيل تصنيف ڪميونسٽ مينيفيسٽو“ ۾ هي نظريو هڪ اهڙي آدرش طور دنيا جي آڏو آيو جو دنيا ۾ انقلاب جو گوڙ برپا ٿيو. يورپ ۾ هي انقلابي نعرو ڪيترن ئي ملڪن ۾ جمهوري انقلاب جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. 1870ع ۾ پيرس ڪميون جي صورت ۾ پورهيتن جي پهرين حڪومت فرانس ۾ قائم ٿي. جوڻ کان ان جي عمر ڪجهہ مهينا رهي ۽ هي انقلاب اقتدار سنڀاليندڙ طبقن هٿان لتاڙيو ويو، پر ان جا اثر سڄي دنيا جي تاريخ ۾ گهر ڪري ويا. 1886ع ۾، شڪاگو ۾ مئي واري خوني سانحي سڄي دنيا جي مزدورن کي متحد ڪيو ۽ هڪ تحريڪ سان سلهاڙيو، يعني يوم مئي جي تحريڪ مزدورن جي آزادي ۽ خوشحالي جي حصول لاءِ جدوجهد جي تحريڪ ذڪر ڪيل ڪميونسٽ مينيفيسٽو ۾ دنيا جا مزدورو متحد ٿي وڃو واري نعري جي عملي صورت اختيار ڪري ويو. 1917ع ۾ روس اندر انقلاب برپا ٿيو. هي پهريون تاريخي اشتراڪي انقلاب هو ۽ تاريخ ۾ پهرين اها رياست قائم ٿي جيڪا مزدورن جي مفادن جي حقيقي معنيٰ ۾ محافظ ۽ وارث بڻي ۽ پورهيتن جي اعليٰ اقتدار جي علمبردار بڻي. اوپر يورپ جي ڪيترن ملڪن ۾ هن انقلاب جون حامي حڪومتون قائم ٿيون. 1949ع ۾ چين اندر چيئرمين مائو جي قيادت ۾ چين جي ڪميونسٽ پارٽي ڪميونسٽ انقلاب برپا ڪيو جتي اڄ بہ چين جي ڪميونسٽ پارٽي CHINESE CHARACTERISTICS سان اشتراڪي نظام کي وڌائي ۽ ويجهائي رهي آهي. روس ۾ هي انقلاب آڪٽوبر 1991ع ۾ زوال جو شڪار ٿي ويو، پر اشتراڪي انقلاب واري نظريي جي معنويت اڄ بہ قائم آهي. سرمائيدارانو نظام 1929-32ع واري دور ڪانپوءِ ڀين ڪيترن ئي مسئلن جي هٽ ور چڙهي ويو. سرمائيدارانو نظام جنهن جو بنياد استحصال ۽ سماجي اڻبرابري تي رکيل آهي ڪيترين ئي تحريڪن جي هٽ ور چڙهي ويو آهي. OCCUPY WALL STREET ۽ WE ARE NINETY-NINETY PERCENT جو نعرو منهنجي ويجهو مٿي بيان ڪيل اشتراڪي آدرش جو پڙاڏو آهي.



بيان ڪيل تاريخي تناظر ۽ پسمنظر ۾ هيءَ ڳالهہ اهميت جوڳي آهي تہ شاهه عنايت شهيد جي تحريڪ ”جو ڪيڙي سو کائي“ ۽ باضابطہ هڪ ڪميون جي قيام ۽ اجتماعي ٻني ٻاري ۽ هارين جي ان انقلابي معيشيت واري نظام لاءِ گڏيل جدوجهد ۽ ARMED STRUGGLE يقينن تاريخ ۾ اولين واقعي ۽ عملي تجربي جي حيثيت رکي ٿو. ان ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ 1870ع جي پيرس ڪميون وانگر جهوڪ ضلعي ٺٽي ۾ قائم ٿيڻ وارو ڪميون ڪجهہ مهينن ڪانپوءِ اقتدار ۾ ايندڙ جاگيرداري نظام جي گماشتن ۽ محافظن هٿان پنهنجو حياتي جو سفر وڌيڪ عرصي تائين جاري نہ رکي سگهيو، پر تاريخ ۾ پنهنجي اهميت جا اڻ مٽ نقش ضرور ڇڏي ويو. هتي هي حوالو ڏيڻ بي وقتو نہ هوندو تہ اسپارٽڪس (SPARTACUS) جي قيادت ۾ غلامن جي تمام وڏي بغاوت ۽ حملو تاريخ جو اهم واقعو ۽ حوالو آهي ۽ سلطنت روما جي لشڪري برتري ۽ جارحيت جو مقابلو ڪرڻ ممڪن نہ هو ۽ هزارين غلامن سان گڏ خود اسپارٽڪس هن بدي ۽ نيڪي واري جنگ ۾ مارجي ويو، پر تاريخ گواهہ آهي تہ سلطنت روما ۽ ان جا جابر فاتح ۽ حڪمرانن جو اڄ تاريخ ۾ ڪوبہ مقام ۽ وجود ناهي ۽ غلامي وارو ادارو انسانيت جي تاريخ ۾ هڪ ڪاري دور وانگر وقت جي پيرن جي مٽي بڻجي هڪ وساريل قصو بڻجي چڪو آهي، پر اسپارٽڪس جو نالو شرف

بشر جي علامت ۽ نشان بڻجي هميشه هميشه لاءِ زنده و جاويد بڻجي چڪو آهي.
منهنجي ويجهو هيءَ ڳالهه گهڻي اطمينان جوڳي آهي ته گذريل ڪجهه سالن کان شاهه عنايت شهيد جي عظيم جدوجهد جي ياد کي تازو ڪيو وڃي پيو ان جي عظمت کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ اجتماع منعقد ڪيا وڃن ٿا، سنڌس جدوجهد ۽ تحريڪ تي تحقيق جاري آهي ۽ ڪيترائي معتبر ڪتاب ۽ دستاويزي حوالا سامهون آيا آهن. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي جي پي ايچ ڊي جي گڏيل مقالي کي هڪ ڪتابي صورت ۾ سنڌ حڪومت جي ثقافت واري شعبي طرفان شايع ڪيو ويو آهي جنهن کي تمام گهڻي پذيرائي ملي آهي. هن باب ۾ منهنجي لاءِ اهم ترين حوالو سيد سبط حسن جو ڪتاب "نويد فڪر" آهي جنهن جي چوٿين باب "وادي ثقافت کا سوشلسٽ صوفي" جي عنوان هيٺ هڪ اهم مقالو ڪتاب ۾ شامل آهي. ان مقالي ۾ ان تحريڪ جي تاريخي پسمنظر جي تفهيم لاءِ مغلن جي حڪومت واري دور ۾ زرعي نظام جي ارتقا جا تفصيل مستند حوالن سان گڏ بيان ڪيا ويا آهن. صوفي شاهه عنايت جي ذڪر ڪيل تحريڪ ۽ تاريخي جنگ کي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي سيد سبط حسن سنڌس ناڪامي جو تاريخي شعور جي روشني ۾ تجزيو پيش ڪيو آهي، جيڪو هيٺئن آهي:
"صوفي شاهه عنايت فيوڊل ازم واري دور ۾ گڏيل زراعت يعني سوشلسٽ پيداواري طريقي ۽ ورهاست واري طريقي کي رواج ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، سنڌس هي قدم لکن جي لائق ۽ قابل تعريف هو ۽ ان جي ساٿين جون قربانيون به احترام جوڳيون هيون، پر سماجي ارتقا جي قانون تي ڪنهن جو به وس نٿو هلي ڪوبه شخص چاهي اهو ڪيڏو وڏو انقلابي چو نه هجي ۽ خلق جي خدمت واري جذبي سان ڪيترو ئي سرشار چو نه هجي، ان قانون تي سبقت حاصل نٿو ڪري سگهي. صوفي شاهه عنايت جي خواهش نيڪ هئي پر تقديرون خواهشن سان ناهن بدلبيون سندس خواب خوشيون آڻيندڙ هو پر هو اهو خواب گهڻ ۾ گهڻ به صديون پهرين ڏسي رهيو هو. جڏهن ته ان خواب کي حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ نه معروضاتي حالتون موجود هيون ۽ نه وري موضوعي حالتون مناسب هيون، نه پيداواري قوتون ايتريون ترقي يافته هيون، فيوڊل ازم جو خاتمو يقينن ٿي وڃي ها ۽ نه پورهيتن ۾ جن جو درجو سوشلسٽ انقلاب برپا ڪرڻ جو هو، انهن ۾ به اهو تاريخي شعور پيدا نه ٿيو هو (اهو شعور اڄ به موجود ناهي). 18 هين صدي جو پورهيت طبقو سنڌ ۾ اهو سوچي به نٿي سگهيو ته نوابن يا جاگيردارن جي هٿن مان سياسي طاقت ڦري پاڻ برسر اقتدار اچي وڃي (جهوڪ واسين ته ڪڏهن نٿي تي قبضي ڪرڻ جي باري ۾ به غور نه ڪيو هو) اهڙي صورت ۾ صوفي شاهه عنايت جي تجربي کي لازمي طور ناڪام ٿيڻو هو سو ٿي ويو جيڪو ٻاهرين قوتن جي چالن جي ڪري ناڪام ٿيو نه کي اندروني خرابين جي سبب ڪري.
صوفي شاهه عنايت کي پنهنجي تاريخي تجربي جي اهميت جو احساس ئي نه هو ۽ ڪيس ان ڳالهه جو به اندازو نه هو ته گڏيل کيتي واري تحريڪ زميندارن جي حق ۾ ڪيتري خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي. ظاهري طور هي تحريڪ ڪنهن ننڍڙي ٽلاءُ جي بند پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيل لهرن کان وڌيڪ نه هئي، پر صوفي ان حقيقت کان بي خبر هو ته انهن لهرن ۾ طوفاني لهرن جي موجودگي لڪيل آهي جيڪا هڪ ڏينهن اپري پوري جاگيرداري نظام کي تحس نحس ڪري لوڙهي وڃڻ جي طاقت رکي ٿي. ان تحريڪ ۾ عوام جي هٿياربند جدوجهد جي قيادت ڪرڻ جي صلاحيت به نه هئي. مثال طور: فقيرن جڏهن مشورو ڏنو ته نواب جي فوج تي رستي ۾ ئي اڳتي وڌي حملو ڪيو وڃي ته جيئن دشمن کي صف بندي ڪرڻ ۽ جهوڪ جو گهيرو ڪرڻ جو موقعو نه ملي ته صوفي شاهه عنايت اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪيو ۽ دفاعي مقابلي تي ئي متفق رهيو، اهڙيءَ طرح ويڙهه شروع ٿيڻ کان پهرين ئي ويڙهه جو فيصلو ٿي ويو ۽ دفاعي جنگ عام طور تي شڪست جو آغاز هوندي آهي (اها ساڳي غلطي 1857ع ۾ دهلي جي قلعي بند لشڪر به ڪئي هئي ۽ انگريزن کي موقعو ڏنو ته هو پنجاب ۽ ٻين ملڪي حصن کان فوجون ۽ گهربل ضروري سامان ڪٺي دهلي تي حملو ڪري سگهن. شاهه عنايت ۽ سنڌس ساٿين به حصار بند ٿي دشمن کي کلي موڪل ڏيئي ڇڏي ۽ پنهنجو ناتو سنڌ جي عوام سان ٽوڙي ڇڏيو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جا هاري فقير ان جدوجهد کي پنهنجي جدوجهد نه سمجهي سگهيا، نتيجو اهو نڪتو ته جهوڪ جي فقيرن کي هيءَ جنگ اڪيلي ئي وڙهڻي پئي، سنڌ ۾ سنڌس
کو حامي ۽ مددگار پيدا ٿي نه سگهيو ۽ فقيرن جي اها جنگ هڪ وقتي ۽ مقامي سانحي کان وڌيڪ اهميت حاصل نه ڪري سگهي.
اهو تجزيو پنهنجي جڳهه تي آهي پر صوفي شاهه عنايت جو اهو تاريخي ڪارنامو ڇا ڪنهن به طرح کان گهٽ آهي ته پاڻ گڏيل کيتي جو ڪامياب تجربو ڪري ثابت ڪري ڇڏيو ته زميندار ۽ جاگيردار رڪاوٽ نه بڻجن ته کيتي ٻاڙي وڌيڪ ڪاميابي سان ٿي سگهي ٿي ۽ دشمني بجاءِ محبت ۽ يگانگي وارا جذبا پيدا ٿيندا ۽ اهو به واضح ڪيو ته رياست جي قوت اڄ ڏينهن تائين حق ۽ انصاف جي حمايت ڪرڻ بجاءِ عوام جي خلاف اميرن ۽ جاگيردارن جي مفاد جي حمايت ڪندي رهي آهي. افسوس ان ڳالهه جو آهي ته تاريخي ڪتابن ۾ محمد بن قاسم، محمود غزنوي ۽ احمد شاهه ابدالي جي حملن جو ذڪر ته تمام گهڻي تفصيل سان ملي ٿو پر اسان جي نئين نسل کي صوفي شاهه عنايت شهيد جي نالي کان به اڻواقف رکيو ويو آهي".
شاهه عنايت شهيد جي تاريخ ساز تحريڪ "جو ڪيڙي سو کائي" ويهين صدي ۾ سنڌي هاري تحريڪ لاءِ محرڪ ثابت ٿي ۽ ان هاري تحريڪ کي سنڌ گير حيثيت حاصل ٿي.



ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي شاهه عنايت شهيد جي مشن کي اڳيان وڌايو ۽ هارين جا ڪجهه بنيادي حق حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ باباءِ سنڌ جو لقب ماڻيو.

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

# عظيم انسان جي جدوجهد: گيليليو

**مدهوش مير**

تاريخ جي شاندار شخصيت جنهن کي مفاد پرست ٽولن، مذهبي ٺيڪيدارن، سائنسي علم کان خوفزده نابالغ ذهنن ملي ڪري مذهبي ڪتاب انجيل جي توهين ۽ خدائي رازن سان هٿ چراند جا الزام مڙهي نظربند ڪري سزائون ڏيئي ۽ هن جي علم کي لڪائڻ ڏٻائڻ جون ڀرپور ڪوششون ڪري ڪامياب ٿي ويا، پر هن عظيم انسان پنهنجي علم جي روشني جي اهڙي ته لاٽ ٻاري جو اڄ به دنيا، چار صديون گذرڻ باوجود به هن جو نالو سائنسي ايجادن جي دنيا ۾ سونهري اکرن ۾ لکيو وڃي ٿو. جنهن سچ تي سر ڏنو ۽ چيو ته ”اسين سائنس جا شاگرد آهيون، اسان جو ڪم ناهي ته پاڻ کان پڇون ته سچ اسان کي ڪيڏانهن ٿو وٺي وڃي (گيليليو: 1564 کان 1642).

1564ع ۾ اٽلي جي شهر پيسا ۾ جنم وٺندڙ گيليليو جنهن کي سائنس جو ابو سڏيو وڃي ٿو. جنهن ماڊرن سائنس جو باب تيار



ڪيو، سترهين صدي جي فزڪس ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. گيليليو جيڪو فزڪس ميٿاميٽڪ ۽ فلاسافي جو بهتر ڄاڻو هو، هن جي زندگي جا ڪجهه عجيب رخ آهن، ننڍي هوندي کان ئي انتهائي ذهين ۽ هوشيار گيليليو پنهنجي زندگي جي شروعات ۾ چرچ ۾ فادر بنجڻ جو اظهار ڪيو، جيڪو زندگي جو پهريو قدم هو پر پنهنجي والد جي چوڻ موجب هن ميڊيڪل جو شعبو اختيار ڪيو. هن کي رياضي ۽ فزڪس جي علم کان ان ڪري پري رکيو ويو جو ان شعبي ۾ ايتري ڪمائي نه هئي، هڪ ڏينهن هن پڙهائي دوران فزڪس جي استاد کان ليڪچر ٻڌي ذهن کي تيار ڪري والد کي ٻڌايو ته هو فزڪس جو شاگرد ٿيڻ چاهي ٿو جنهن جي اجازت ملڻ کانپوءِ هن پنهنجا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا. گيليليو پنهنجي ننڍي عمر ۾ ئي ذهني اوسر سان اڳتي وڌندو رهيو سائنسي کوجنائون هن پنهنجو مشغلو بڻائي ڇڏيو. گيليليو 1592 کان 1610 تائين يونيورسٽي ۾ هڪ عام رياضي جي استاد طور خدمتون سرانجام ڏنيون. 18 سالن جي عمر ۾ هن ڪيتريون ئي سائنسي روشني جون ترڪيبون ايجاد ڪري ذرتي جي چرپر، حرڪت ۽ رفتار جا اصول معلوم ڪيا. گيليليو جو اهو دور انتهائي ناساز حالت مان گذري رهيو هو، ان دور وڏي هلچل برپا ڪري ڇڏي هئي. هڪ طرف اقتداري قوتون ٻئي پاسي مذهبي ٺيڪيدار رجعت پسند ٽولا ۽ اهي انڌا گروهه جيڪي سجاڳي جي سوجهري کي پنهنجو موت پائيندا هئا ان موت جي پوءِ ۾ هنن شدت پسندانه ٽولن هزارين روشن خيال سجاڳ سنسار جي حامين روشن ضمير انسانن کي ڪوڙو ڪافر غدار ۽ باغي جهڙن الزامن ۾ جڪڙي انهن باهمت ۽ حوصلامند ذهنن کي ماري جيئرو ساڙي پنهنجي خوف ڏياءُ ۽ هيبت کي برقرار رکڻ لاءِ ترقي پسند خوشحال خيال انسانن کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو. گيليليو اهڙي دور ۾ ان ناپاڪ سوچن جي هجوم ۾ رهي پنهنجي ڏاهپ ۽ ڪرتب نما دماغ مان سنجيدگي سان ڪم وٺندو رهيو، جنهن جي نتيجي ۾ 1608ع ۾ هن عينڪ نموني سان دوربيني ايجاد ڪئي، جنهن کي وقتن به وقتن بهتر صورت ۾ آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو جيڪا دوربيني شين کي ٽيهه حصا وڏيڪ وڏو ۽ ويجهو ڪري ڏيکارڻ واري فارمولي ۾ ڪامياب ٿي انهي دوربيني سان آسمان جا تارا هن جي اکين جي ويجهو ٿي پيا جنهن تي گيليليو پنهنجي دوستن سان خوشي جو اظهار ڪيو ۽ چيائين ته دنيا ۾ انسان جو دماغ ممڪن لفظ تي نظرثاني ڪري ته ناممڪن لفظ هن جي اڳيان بي معنيٰ ٿي پوندو. گيليليو انهيءَ دوربيني سان آسمان جي بلندين کي پرکيو، ڏٺو ۽ پنهنجي ڪيل محنت تي خوشي جو اظهار ڪيو. گيليليو کي ان ٽائيم خبر هئي ته مان جيڪو ڪم ڪري رهيو آهيان ان جي تفصيل ۽ وضاحت کي اڄ جو مڪار معاشرو ڪڏهن به قبول نه ڪندو، گيليليو جي زندگي کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هن جو سچ سان ڏاڍو گهرو ۽ معتبر رشتو آهي. گيليليو جي نظرئي جو بنياد اهو ئي آهي ته منگهڙت ۽ غير علمي عقيدا جيڪي ڪمزور ذهنن ۾ ٺوڪيا ويا آهن، اهي معاشري لاءِ انتهائي خطرناڪ آهن، هن جڏهن دوربيني جو رخ آسمان جي دنيا ڏي موڙي آسماني راهن، رستن، چنڊ تارن کي ڏسي پنهنجي وسيع سوچ جي گهرائي سان ڪاٿو لڳايو ته سيئي ٻڌل قصا، ڪهاڻيون ۽ ڏند ڪٿائن جا راز ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. هن انهيءَ سيني ڳالهين کي رد ڪري ڇڏيو جيڪو رڳو خيالي حوالي سان ديو مالائي سمجهاڻيون هيون. هن جي انهي زبردست ايجاد ٿيل دوربيني جي اک اهو ڪم ڪري ڏيکاريو ته هي آسمان ۾ نوح نبي جي ٻيڙي جو رستو ناهي پر هي هڪ لکين تارن جي هجوم جو ميڙاڪو آهي، انهيءَ دوربيني جي مدد سان گيليليو پنهنجي مقصد کي سمجهي ويو. هن انهيءَ دوربيني سان آسمان جي سج چنڊ تارن سميت آسمان جي دنيا جا نرالا رنگ بيان ڪيا. مشتري گرهه چنڊ ۾ نظر ايندڙ نشان غارن تي مسلسل مشاهدن تجربن مان گذرندي گيليليو اهو کلي اقرار ڪيو ته سج پنهنجي مدار تي ڦري ٿو ۽ ان جي اها گردش 28 ڏينهن ۾ پوري ٿئي ٿي. اهڙي سچائي تي وڏي هاڪ متي گيليليو جي اهڙي سائنسي کوجنا تي 1615ع ۾ مذهبي گروهه جي اڳواڻ پوپ گيليليو کي پاڻ وٽ گهرائي سائنسي تجربن کي شيطاني علم جو الزام ڏئي وضاحت طلبي ته هن مقدس مسيحيٰ دين کي رنجايو آهي ۽ خدائي ڳجهن رازن ۽ مقدس ڪتاب جي توهين جو الزام مڙهي مخالفت ڪئي آهي، پر گيليليو ان وقت ڏاهپ ۽ دانائي کان ڪم ورتو هو پنهنجي گذريل وقت مان به چڱي ريت واقف هو، هن مذهبي گروهن صاحب اقتدارن وٽ پهچي پنهنجي علم ۽ ڏاهپ سان علمي مناظرو ڪري هنن کي مطمئن ڪيو. جڏهن ان بحث مباحثي ۾ گيليليو جا دليل جبلن جيان ارڏا ۽

پختا هئا تہ انتها پسند مذهبي ٺولن پنهنجي حاڪميت ۽ ڪمظرفي واري سوچ جو مظاهرو ڪري گيليليو تي سائنسي ڪوجنائن ڪرڻ تي بندش وڌي ۽ ڪيس سائنسي ڪتابن کان پاسو ڪرڻ لاءِ چيو ويو ۽ زمين جي چرپر، حرڪت ۽ زمين جي ڦير واري ڳالهہ ٻيهر نہ ڪرڻ ۽ انهي زميني حقيقت جي ڪنهن کي تعليم نہ ڏيڻ ۽ انهن سيني شين کي عام نہ ڪرڻ لاءِ هدايت ڪئي وئي. جنهن سان مقدس ڪتاب انجيل جي توهين ٿئي، جيڪا تعليم ان وقت جي ديني ڪتاب جي مڪمل مخالفت ۾ شمار هئي ڪليسا جي انهيءَ مذهبي شدت پسندن اڳواڻن اهڙي ڪڌي فيصلي تي گيليليو کي دلي طور انتهائي تڪليف پهتي پر گيليليو وقت جي نزاڪتن ۽ انهيءَ دور کي سمجهي خاموش نہ وينو ۽ نہ ئي پنهنجي علم تان هٿ کيائين ڳجهہ ڳوهہ ۾ اڳي کان اڳيرو ٿي پنهنجو ڪم ڪندو رهيو ۽ اڳتي وڌندو رهيو. گيليليو سمجهي پئي سگهيو تہ هي وقت منهنجي ڪم ڪاردگي جو آهي جيڪو نروار ٿي نہ پر لڪي بہ بہ ڪري سگهجي ٿو. مذهبي ٺيڪيدارن جو گيليليو مٿان اهڙي پابندي واري فيصلو هوندي بہ گيليليو ان وقت سائنس جي دنيا ۾ پنهنجي محنت تان هٿ نہ ڪڍندي دنيا جا "ٻہ عظيم نظام" نالي ڪتاب لکيو جيڪو آسماني دنيا، زمين جي گردش، سج چنڊ ۽ تارن جي بحث تي مبني هو، ستر سال جي عمر ۾ گيليليو جي انهي ڪتاب ان وقت جي ڪليسائيت کي وڏو ڌچڪو رسايو. مذهبي ٽولن ۽ ڪمتر ذهنن جا گيليليو جي انهي ڪتاب پڳهر ڪڍي ڇڏيا. سائنسي تصديق واري فيصلي تي جڏهن گيليليو مٿان پابندي مڙهي وئي، مٿان وري جڏهن انهي مشاهدن کي هن ورجائي مڪمل تصديق ٿيل ڪتاب لکي اقتدار جي صاحبن ۽ مذهبي ادارن ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر پيدا ڪري ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ گيليليو جي انهي ڪتاب کي ضبط ڪري گيليليو کي روم جي احتسابي عدالت ۾ گهرايو ويو جتي هن کي ان وقت جي ٽارچر سيلن کان ويندي مختلف عذابن جا هٿيار ڏيکاريا ويا، ان وقت گيليليو عمر جي لحاظ کان ڪافي هيٺو ٿي پيو هو ۽ هلندڙ ان احتسابي عدالت جي برن ڏينهن هن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو. عدالت جي اڳيان ڪافي ڏينهن جي اذيت برداشت ڪرڻ بعد گيليليو چيو تہ جنهن کي سچ جي خبر ناهي اهو هڪ احمق آهي، پر جنهن کي سچ جي خبر هوندي بہ هو سچ کي ڪوڙ سڏي ان جهڙو خطرناڪ رهزن ٻيو ڪو ناهي اهڙي طريقي سان گيليليو احتسابي عدالت جي اڳيان مذهبي ٽولن جي باهہ کان انهن طرفان لکي ڏنل توبهہ نامو پڙهي اهو اقرار ڪيو تہ مان غلط آهيان اوهان سڀ صحيح آهيو، منهنجون سموريون سائنسي ڪوجنائون منگهڙت فضول ۽ بي فائدي آهن. مان سموري سائنسي تحقيقن جي مغز کي غلط قرار ڏيان ٿو. انهن حالتن ۾ اهڙي فيصلي بعد هن پنهنجي زندگي جا بچل ڏينهن نظر بندي ۾ هوندي پنهنجي گهر ۾ گذاريا. انهيءَ وقت ۾ گيليليو جي دادلي ڌيءَ مري چڪي هئي جنهن خبر هن کي اڃا وڌيڪ دلگير ڪري وڌو، پر هن وري بہ هار نہ مڃي ۽ قيد ۽ نظر بندي ۾ هوندي جتي اقتدار جي صاحبن ۽ مذهبي جنونيت جي نيچ سوچن پاران هن مٿان چوڪي ڏني ويندي هئي تہ مٿان هي ڪٿي وري نہ سجاڳي يا شعور جي ڪا باهہ ٻاري وجهي، اهڙي بندشن هوندي بہ هن رات جي چانڊوڪي ۾ ويهي "علمي مباحثا" نالي ڪتاب لکي پورو ڪيو. انهيءَ نظر بندي ۾ رهندي ڪتاب لکڻ واري جستجو ۾ هن پنهنجي اکين جو نور وڃائي ڇڏيو ۽ پنهنجي بقايا زندگي انهيءَ زندان ۾ گذاري. 1642ع

۾ هميشہ لاءِ جسماني طور تي اسان کان جدا ٿي ويو ۽ اڄ جڏهن هر انسان هر قسم جي آسائشن جو عادي آهي، هو سالن جو سفر مهينن ۾ طئي ڪري سگهي ٿو. هزارين ڪلو ميٽر پري ويٺل انسانن سان تمام آساني سان ملاقات ڪري سگهي ٿو، اهو سڀ سائنس جي ترقي سان ئي وجود ۾ آيو آهي. اهي سهولتون جيڪي اڄ انسان پنهنجي روز مره جي زندگي ۾ استعمال ڪري ٿو، پر اهي ترقي جو اهو سفر ايترو آسان نہ رهيو آهي، اها ترقي اسان تائين پهچائڻ لاءِ علم ۽ تحقيق جي جستجو رکڻ وارن انسانن گهڻيون مشڪلاتون ۽ مصيبتون برداشت ڪري بلڪ ڪيترائي سائنسدان انهيءَ ڏوهہ ۾ عبرتناڪ سزائن ۾ اچي موت جو ڪاڄ بڻجي ويا. تاريخ ۾ واضح ٿيو تہ هي دنيا هر ان شخص جي ويري رهي آهي، جنهن بہ عالمي سجاڳي توڙي انساني ڀلائي يا حقوق العباد جي پاسداري ڪئي آهي، گيليليو جي زندگي پڙهندي معلوم ٿيو تہ هن زمين تي رهندڙ هڪ سجاڳ باشعور علم دوست انسان کي ڪيترين اهنجن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو. گيليليو اهو ماهر فلڪيات هو جنهن زمين جي گردش، آسمان ۾ سج، چنڊ، تارن ۽ سيني گرهن تي روشني وجهي سائنسي ميدان ۾ اهو مڃرايو تہ سج زمين جي چوطرف نہ پر زمين سج جي چوڌاري ڦري ٿي. اهڙي تحقيق بعد بہ هن گهڻو ڪجهہ ڪرڻ پئي چاهيو جيڪو هن سنسار جي ازلي دشمنن کان هضم نہ پئي ٿيو.

گيليليو جڏهن پنهنجي علمي سائنسي ڪوجنا ذريعي دوربيني تيار ڪئي تہ مذهني رکوالن، مخالف قوتن ۽ اقتدار جي نشي ۾ بدمست ذهنن ۾ طوفان مچي ويو، پر هو اهو سياڻو ۽ داناءُ هو جنهن وقتي نزاڪتن کي سمجهندي هڪ نفسياتي ماهر وارو ڪردار ادا ڪري ان ٽائيم جي عدالتن ۽ مذهبي پنچائتن ۾ پاڻ کي گهٽ ڪري اڳتي گهڻو ڪم ڪرڻ جي جستجو ڪندي ان اقتدار جي صاحبن ۽ تعصب پرست قوتن اڳيان هار مڃي هئي. ان وقت جو هڪ مشهور جملو آهي تہ گيليليو کان جڏهن سندس دوستن ان هار مڃڻ واري معامري تي سوال ڪيا ۽ پڇائون هئائون تہ هن ڪچهري ۾ چيو "جڏهن مان هوندس تہ ڪجهہ ڪندس جڏهن مان هوندس ئي نہ تہ ڇا ڪندس" ان دور ۾ شدت پسندي، اڻ سهپي ۽ مذهبي قوتون عروج تي هيون. انهيءَ وقت ۾ گيليليو جو همعصر فيلسوف، سائنسدان ۽ پنهنجي وقت جو ذهين ترين مفڪر هن پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن ۾ ٻڌايو تہ 1473 ۽ 1543 جون سائنسي ڪوجنائون بلڪل درست آهن. برونو جي اهڙي تصديق تي مذهبي ٺيڪيدارن ۽ اٿر اقتدار جي مالڪن هن مٿان ڪفر، دهريت ۽ ڪوڙي هجڻ جا الزام مڙهي جيئري ساڙڻ جي سزا ڏني ۽ برونو کي 17 فيبروري تي روم شهر ۾ جيئرو ساڙيو ويو.

اهڙي ظالم دور ۾ ڪيترن ئي انسان دوستن، عالمن، مفڪرن ۽ سائنسدانن کي عبرتناڪ سزائون ڏنيون پئي ويون. انهن حالتن کي نظر ۾ رکندي گيليليو جو اهو فيصلو سياڻپ، دانائي ۽ حاظر دماغ هجڻ جو بهترين مثال آهي. سترهين صدي جي هن عظيم سائنسدان گيليليو جي شاندار شخصيت علمي ڪارنامن ۽ قربانين کي ڏسي برٽالٽ بريخت هن جي زندگي تي ڊرامو پيش ڪيو، جنهن بعد هڪ صدي جي ڏاهي انسان ابراهيم جويو صاحب سنڌي ۾ ان ڊرامي جو ترجمو ڪري سائنس جي شاگردن لاءِ لاڀائتو تحفو ڏنو آهي.



Email.meer94khan@gmail.com

# سنڌ جا سامونڊي ٻيٽ

## جاويد شيخ

گل حسن ڪلمتي جيڪو هڪ نامور مُحقق ۽ ليکڪ آهي ۽ هو لڳاتار ڪراچي جي ماڳن تي تحقيق ڪندي ڪتاب لکندو رهيو آهي سندس هڪ نئون ڪتاب "سنڌ جا سامُونڊي ٻيٽ" ڇپيو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي سونن سامُونڊي بندرن جي تاريخ ۾ جهاتي پاتي وئي آهي. گل حسن سمُنڊ جي فطري سونهن، ڊيلٽا جي اُجاڙ حالتن ۽ سهولتن جي کوٽ، قبضي گيريءَ ۽ ٻين سامُونڊي حُسن ۽ حقيقتن جي تصوير ڪشي ڪئي آهي. هِن ڪتاب ذريعي سامونڊي سرحدن جي معلومات ماحول ۽ خوف خطرن کان پڻ آگاهي ڏني آهي. هيءُ ڪتاب مُڪمل تحقيقي ۽ تخليقي ڪاوش آهي. هي ڪتاب ۾ سامونڊي ٻيٽن جي ڄاڻ کان علاوه شاهه لطيف جي بيتن (سُر سامُونڊي ۽ سُر سري راڳ) کي سمجهڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ڪافي هنڌن تي ڪلمتي لطيفي فڪر جي شرح پڻ ڪندو هلي ٿو. ان کان علاوه سامونڊي دنيا سان سلهاڙيل لفظن، محاورن، سامونڊي اصطلاحن ۽ انهن جي حقيقت ۽ بُنياد بابت ڄاڻ بہ اسان سان ونڊي ٿو، جيڪي ٻيٽائي لوڪن جي علمي عقلي حيثيت جي ساک پرين ٿا.

ڪلمتي صاحب جي قلم ٻيٽائِتن/ماهيگيرن جي دنيا جهان جي ريتن رسمن ۽ ٻوليءَ بابت ڪافي ۽ حيرت انگيز ڄاڻ ڏني آهي. هِن ڪتاب جو اسلُوب نهايت سادو سُهڻو ۽ وڻندڙ آهي. هن جي ڪتاب لکڻ جو مقصد ٻيٽائي لوڪن جي مُکيہ مسئلن ۽ کوٽ جي نشاندهيءَ سان گڏ انهن جو آسان ۽ ديرپا حل بہ ڏسڻ آهي. هو تمر جي وڻن جي واڍي ۽ تباهيءَ جو ذميوار ڪراچي بندر اختياريءَ (KPT) کي تہ سمجهي ٿو، پر گڏوگڏ انهن جي بچاءَ جون بهترين تدبيرون بہ ٻُڌائي ٿو.

گُل حسن جي نثر ۾ لساني جمال ۽ خوشبوءِ بہ آهي تہ طنز بہ آهي. هُن جون لکڻيون گلاب جي ٽاريءَ وانگي آهن جن ۾ خوبصورتي، رنگ ۽ خوشبوءِ تہ هوندي ئي هوندي آهي، پر منجهن ڪنڊا بہ هُوندا آهن، پر شين کي پيش ڪرڻ جو سندس انداز محبت ڀريو ۽ مانيٽو آهي. جهڙي سندس پُر اسرار مُرڪ آهي. آئون پنهنجي ڪيل ڳالهہ جي ثابتي سندس ئي ڪتاب "سنڌ جا سامُونڊي ٻيٽ" مان پيش ڪريان ٿو. اوهان پڙهو، سوچ جا گهوڙا ڊوڙايو تہ ڪلمتي صاحب ڪنهن کي ۽ ڪٿي ٿو ڏک هڻي؟ هو ڏک بہ هڻي ٿو ۽ لَٺ بہ بچائي ٿو. هُو ماڙي پُور جو نالو بدلائڻ پُٺيان ڪهڙي ڪهاڻي ٿو ٻُڌائي؟

"1967ع ۾ هوائي اڏي کي مسرور بيس اڏي جو نالو ڏنو ويو هو. ونگ ڪمانڊر مسرور جيڪو انهيءَ اڏي جو آفيسر هو. يونيورسٽي روڊ تي حئي سنز بلب فيڪٽريءَ جي اوپر ۾ سندس جهاز ڪِري تباهہ ٿي ويو هو. جهاز سان هڪ "باز" ٽڪرايو هو. انهيءَ واقعي ڪانپوءِ ماڙي پور بيس يا هوائي اڏي جو نالو "مسرور بيس" رکيو ويو هو." (سنڌ جا سامُونڊي ٻيٽ، ص، 34).


گل حسن شاعر تہ نہ آهي پر سندس نثري تحريرون ڪنهن قدر لطيفي فڪر "جاڳو جاڙيجا، سما سُک مَ سُمهو" واري سماجي فڪري شعور جو پرتوو لڳن ٿيون. هن ڪتاب ۾ هُو حڪومتي يا سياسي ناسمجهي، بلڊر مافيا جي حرام پاين، ڌرتيءَ ڌڻين جي چشم پوشين ۽ ٻين ڪوڙ سارين سچاين، حقيقتن تان پردو کڻي ٿو.

گل حسن ڪلمتيءَ جا هي ٽي تحقيقي ڪتاب "ڪراچي سنڌ جي مارئي"، "ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار" ۽ تازو آيل سندس ڪتاب "سنڌ جا سامُونڊي ٻيٽ" اهي ڪتاب ڪراچي تي تحقيق ڪرڻ وارن لاءِ تمام وڏو اثاثو ثابت ٿي سگهن ٿا. ڪلمتي صاحب ڪراچي شهر جي ڪردارن، گهٽين، چوڪن، ٻيٽن، بلڊنگن، هر قسم جي ماڳن مڪانن مٿان گم ناميءَ جي گرد لاهي، هڪ ماهر سوناري وانگر ڪراچيءَ جي تاريخ کي اُجاري نئين سر سونهن بخشي آهي. ڪلمتي صاحب ڪولمبس وارو ڪم ڪندي ڪراچي شهر کي نئين سر تاريخي طور ڳولي لڌو آهي. هو هڪ هنڌ بندرن جي ڀيانڪ ۽ اُجاڙ حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو تہ ٻئي پاسي ساڳين بندرن جي شاندار ۽ شاهُوڪار ماضيءَ جي ياد بہ ڏياري ٿي. ابن بطوطا جي ڪتاب مان ڏنل هيءُ حوالو مُنهنجي ڳالهہ جي ثابتي پيش ڪري ٿو.

"هيءُ نهايت خوبصورت شهر سمنڊ جي ڪناري تي ٻَڌل آهي ۽ سنڌو درياءُ پڻ ان جي ئي ڀرسان اچي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. اصل ۾ هيءُ شهر وڏو بندر گاهہ آهي، جتي يمن ۽ فارس جا جهاز ۽ واپاري تمام گهڻا اچن ٿا. انهيءَ ڪري هيءُ شهر تمام مالدار آهي. بندر جو محصُول سٺ لک دينار آهي." هيءَ ڳالهہ تہ ابن بطوطا پنهنجي سفر نامي ۾ ڪئي هُئي، پر گل حسن انهيءَ جو حوالو ڏئي اسان کي ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ ڪيئن نہ سنڌ جو فقط هڪڙو بندر ئي سنڌ جي شاهوڪاريءَ جو ضامن هو، جتان پرڏيهي ناڻو جهجهو ڪمايو ويندو هو. هيءُ بندر جهازن جو لنگر گاهہ هُجڻ ڪري سندس محصول سٺ لک دينارن تائين هو. 1333ع ۾ هيءُ بندر سٺ لک دينار ڪمائيندو هو تہ اڄ ڇا نہ ڪمائي ڏئي ها؟ پر افسوس جو ورهاڱي ڪانپوءِ ڪافي شيون اسان جي هٿن مان کسجي ويون آهن.

هن ڪتاب پڙهڻ سان هيءَ ڳالهہ سامهون آئي تہ سنڌ جي ڀهراڙين ڪانسواءِ سنڌ جي شهري زندگيءَ ۾ بہ مذهبي رواداريءَ جا رنگ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. غير مُسلم مُسلمانن جي مذهبي ڏڻن ۽ عبادت گاهن جو احترام ڪندا هُئا تہ مُسلمان وري غير مُسلمانن جي مذهبي معاملن کي پنهنجو سمجهندا هُئا. تاريخ ۾ اُهي ئي قومون زنده رهنديون آهن يا رهيون آهن جيڪي انسانيت ۾ ويساهہ رکنديون هُيون يا آهن. منهوڙي تي حضرت يوسف شاهہ جي درگاهہ متعلق اليگزينڊر ايف بيلي جي ڪتاب مان ڏنل حوالو روادار سنڌ جي عظمت جو اُهڃاڻ آهي. هُو منهنجي نظر ۾ ڪراچي شهر جي علمي، ادبي، سياسي، سماجي، اقتصادي، تهذيبي ۽ تاريخي تالي جي چاٻي آهي.

ڪراچي، جنهن لاءِ فاتح سنڌ "چارلس نيپيئر" چيو هو تہ "ڪراچي! تون اوڀر جي راڻي ٿيندينءَ!" اڄ اگر زنده هُجي ها تہ سندس روح جي عجيب حالت هُجي ها. سندس هڪ اک کلي ها تہ ٻي اک روئي ها. روئي ان ڪري ها تہ سندس راڻيءَ وارو خواب ساڀيان نہ ماڻي سگهيو ۽ کلي ان ڪري ها تہ سندس پويان گل حسن گهڻ ۾ گهڻ ڪراچي شهر جي اصلي تاريخ کي اُجاري اڇو ڪري ڪتابن ۾ تہ يادگار بڻائي ڏيکاريو. هُن هيءُ ڪتاب لکي فقط لطيفي فڪر "جاڳو جاڙيجا، سَما سُک مَ سُمهو" جو ورجاءُ ڪيو آهي. هُن سُر سامُونڊيءَ ۽ سُر سري راڳ مان سنڌ جي سامُونڊي ٻيٽن کي ڀيهر جنمايو آهي.



# اکري سئو وکري

## بيت _ شاهہ لطيف

همسري

**جاجِڪ1 جهوُنا ڳُڙه ۾، ڪو عَطائيِ2 آيو،**
**ٿنهِن ڪامِل3 ڳَڏي ڪيِئرو4، ويهي وَڄايو،**
**شَهرُ سَڄوئي سُرَ سين، ٿَنڌُنِ ٿَپايو،**
**دايُوَن5 دَرمانڊِيون6 ٿِيُون، بايُنِ7 باڏايو،**
**چارَڻ ٿي چايو8، تہ ماري9 آهي مَڱڻو.**

**ڏکين اکرن جي معنيٰ:**

1. **جاجِڪ**- مڱڻهار. 2. **عطائي**- ڏات عطا ٿيل. 3. **ڪامِل**- ماهر. 4. **ڪيِئرو**- سُرندو. 5. **دايُون**- ٻانهيون. 6. **دَرمانڊِيون**- وياڪل. 7. **بايُنِ**- راڻين. 8. **چايو**- چوايو (سرندي ڪان). 9. **ماري**- شڪاري (مارينڌڙ).

***

## پهاڪو

همسري

### مِروانِ موت، ملوڪان شڪار:

ڪنهن تلاءُ ۾ گهڻا ڏيڏر رهندا هئا. هڪ دفعي ڪن شاگردن، ڏيڏرن کي پٿر هڻي، دل پئي وندرائي، پر پٿرن لڳڻ ڪري، ڪيترا ڏيڏر زخميا ۽ ڪيترا مري ويا. تنهن تي هڪ ڏيڏر ائين چيو تہ، "مروان موت، ملوڪان شڪار" يعني اوهان ملوڪن (شهزادن) لاءِ شڪار آهي، پر اسان مرُن يا جانورن لاءِ تہ موت آهي.

****

نئين ڪوتا

## عورت

### عيسيٰ ميمڻ

جيڪا درد جي گهڙيءَ ۾ پيدا ٿي آهي،
تنهن ڪري هوءَ
درد جي معنيٰ کي ڄاڻي ٿي
درد سهڻ جو هنر بہ ڄاڻي ٿي،
جنهن جو درد بہ بامعنيٰ آهي.
هن درد کي ابتو سبتو ڪري بہ ڏٺو آهي
پر درد وري بہ ساڳيو ئي رهيو
جنهن درد ۾ جيون اجاڙ اجاڙ ٿي ويو آهي.
هن جو سرد جسم
صدين کان ڪوٺن کان محلن تائين
بي درد هٿن جو رانديڪو رهيو آهي
هي مٽيءَ جو مجسمو
جنهن ۾ ڪي احساس رهن ٿا
جنهن ۾ جذبات رهن ٿا ڪي
مگر
بي حسي وسي ٿي ايتري
هر مرد هن جي جسم سان کيڏڻ ٿو چاهي
هن جي جسم کي
ڳجهن جيان پٽڻ ٿو چاهي.
بي حسي ايتري ٿي وسي.!!!

****

مختصر ڪهاڻي

## ايجنسيون

### ڊاڪٽر مقبول مارو

همراهہ منهنجي پاڙي ۾ رهندو هو، نالو هئس پتاشو. همراهہ کي اچي شوق ٿيو تہ ليڊر ٿيان ۽ امير ٿيان. ٻڌو هئائين تہ اسان جي ملڪ ۾ ايجنسيون جنهن کي چاهين ليڊر ٺاهين ٿيون ۽ خالي ليڊر نٿيون ٺاهين پر ايوان اقتدار تائين بہ پهچائي ڇڏين ٿيون. سو انهن ايجنسين جي تلاش ۾ همراهہ روزانو ڪجهہ ماڻهو گڏ ڪري مختلف مسئلن جي باري ۾ پريس ڪلب پهچي تقريرون ڪندو هو ۽ ڳوٺ جي مختلف مسئلن تي پريس ڪانفرنس ڪندو هو. ڳوٺ ۾ ڪنهن بہ ماڻهو کي ڪو مسئلو پيش اچي ها همراهہ انهيءَ جي حل لاءِ پيش پيش هوندو هو. ڳوٺ شهر ۽ ضلعو ڇڏي حيدرآباد، ڪراچي ۾ ڪنهن بہ ماڻهو يا پارٽي جو جلوس هجي ان ۾ شامل ٿي خوب تقريرون ڪندو هو. هن جون تقريرون دونهين ڌار هونديون هيون تقرير ڪندي همراهہ کي ڪافي ڄاڻ ۽ تجربو ٿي ويو هو. همراهہ جي تقريرن تي خوب تاڙيون وڄنديون هيون هن جو فوٽو روزانو اخبارن جي زينت هوندو هو. هن جي تقريرن کي ٽي وي وارا بہ اهميت ڏيڻ لڳا هئا. همراهہ جوانيءَ کان اهو ڪم شروع ڪيو هو. هاڻ همراهہ پوڙهو ٿي چڪو هو، وارن ۾ چاندي پئجي ويئي هئس، پر همراهہ کي نہ تہ ڪو ايجنسي وارو مليو ۽ نہ همراهہ ايوان اقتدار تي پهتو. ايجنسي وارن جي تلاش ۾ اڃان بہ روزانو جلسو ڪيڏي پيو ۽ تقريرون ڪري پيو!؟.

****

هيلٿ ٽپ

### ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو

## زيتون

زيتون دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ٿئي ٿو سوادي هجڻ ڪري شوق سان کاڌو وڃي ٿو. منجهس ڪيترين وٽامنون ۽ معدنيات هجڻ سبب گهڻين بيمارين جي علاج لاءِ اڪسير بہ سمجهيو وڃي ٿو. زيتون وزن وڌائي ۽ گهٽائي بہ ٿو، ڪيترين ئي خاصيتن سبب زيتون ڏينهون ڏينهن مقبول ٿي رهيو آهي. ڀاري ڀرڪم جسم وارا ماڻهو زيتون سان پنهنجو وزن گهٽائي سگهن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو تمام سنها آهن ان جي استعمال سان پنهنجي وزن ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا. هي بلڊ پريشر ۽ ذيابيطس لاءِ بہ تمام مفيد آهي. زيتون جيئن تہ هائيپو گلائيسمڪ (گهٽ کنڊ وارو) ۽ تاندوري ۾ جهجهو هجي ٿو ان سبب بلڊ پريشر گهٽائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. غذائي تاندورو رت جي پاڻيٺي خاصيت برقرار رکي ان کي گهاٽي ٿيڻ کان بچائي ٿو. زيتون دستن، سوري ۽ آنڊن جي سوڄ کي گهٽائيندڙ آهي. ان کان علاوه هي ٿائيرائيڊ يا غدود جي ڪيميائي عملن يا ميٽاپوليزم کي روان دوان رکڻ لاءِ تمام سٺو وکر آهي.

رپورٽ

# سنڌ پبلڪ لائبريري ۾ ٻارڙن جي مطالعاتي ويهڪ

**طارق مشتاق**

ڪراچي جي علائقي ٻئائي آباد ۾ پنهنجي مدد پاڻ هيٺ ڪم ڪندڙ سنڌ پبلڪ لائبريري ۽ سگا ٻئائي آباد شاخ طرفان بي ايم بي اسڪول جي ٻارڙن جي مطالعاتي ويهڪ ڪرائي وئي. جنهن جو خاص مهمان آغا نور محمد پٺاڻ هو. جڏهن تہ سنڌ پبلڪ لائبريري جو سربراهہ جاويد مهر ۽ سگا ٻئائي آباد شاخ جو صدر انور مهراڻوي اعزازي مهمان هو، ڪمپئرنگ جا فرض نصرالله جمالي نڀايا. تقريب جي باضابطا شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿي، جيڪا نائين ڪلاس جي شاگرديائي ثمرين علي بخش ڪئي. جڏهن تہ اٺين ڪلاس جي شاگرديائي اقرا جان محمد نعت پڙهي. ان ڪانپوءِ سگا ٻئائي آباد شاخ جي صدر انور مهراڻوي کي سڏايو ويو، جنهن آغا نور محمد پٺاڻ کي سنڌ جي روايت موجب اجرڪ اوڍائي. جڏهن تہ سگا جي جنرل سيڪريٽري طارق مشتاق سگا جي سالياني ڪارڪردگي تي ٻڌل ڪتاب پيش ڪيو. ان موقعي تي مطالعي لاءِ ٻارڙن ۾ مختلف شخصيتن بابت ڪتاب سنڌ جا سپوت ورهايو ويو. جڏهن تہ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ سٽون لکڻ لاءِ ڪين هڪ پنو ۽ پين بہ ڏني وئي. ان ڪانپوءِ آجيان واري تقرير لاءِ سنڌ پبلڪ لائبريري جي باني جاويد مهر کي گهرايو ويو. ويهڪ کي خطاب ڪندي هن چيو تہ لائبريري طرفان اڳ ڪيتريون ئي تقريبون ٿي چڪيون آهن، پر هن ڀيري ٻارڙن کي بہ ادبي ماحول ڏيڻ لاءِ سندن مطالعاتي ويهڪ ڪرائڻ جو فيصلو ٿيو. هن چيو تہ ڪتاب هڪ بهترين دوست آهي، جيڪو مطالعو ڪندڙن کي ڪڏهن بہ اڪيلائي محسوس ڪرڻ نٿو ڏئي، انهي ڪري ٻارڙا مطالعو ضرور ڪن. جاويد مهر چيو تہ اڄڪلهہ انٽرنيٽ جو دور آهي، پر ڪتاب جي اهميت ڪڏهن بہ ختم نٿي ٿي سگهي. هن چيو تہ ٻار نيٽ ضرور استعمال ڪن، پر اهو هاڪاري مقصد لاءِ هجڻ گهرجي. سگا ٻئائي آباد شاخ جي صدر انور مهراڻوي پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ سگا پڙهيل لکيل ماڻهن جي تنظيم آهي، جنهن طرفان روشن تارا اسڪول پراجيڪٽ ٻارڙن جي وڏي خدمت آهي. انور مهراڻوي ڪانپوءِ تقريب جي خاص مهمان آغا نور محمد پٺاڻ کي خطاب لاءِ گهرايو ويو. سندس چوڻ هو تہ انڊس ڪاٽيج لائبريريز نيٽ ورڪ جو مقصد سرڪاري اسڪولن ۾ لائبريريون قائم ڪرڻ آهي جنهن ۾ هو گهڻي ڀاڱي ڪامياب ويا آهن. آغا نور محمد پٺاڻ چيو تہ لائبريريون ان ڪري قائم ڪيون پيون وڃن تہ جيئن ٻارڙا پنهنجي اسڪولن ۾ ئي مطالعو ڪري سگهن، جيڪو بہ اسڪول لائبريري ٺاهڻ چاهيندو، انڊس ڪاٽيج لائبريريز نيٽ ورڪ طرفان ڀرپور سهڪار ڪيو ويندو. هن اعلان ڪيو تہ مطالعاتي ويهڪ ۾ حصو وٺندڙ ٻارڙن کي اسلام آباد مان سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا انعام موڪليا ويندا. پنهنجي خطاب دوران آغا نور محمد پٺاڻ مطالعي لاءِ ڏنل ڪتابن مان ٻارڙن کان مختلف سوال بہ ڪيا، جن جا هنن جواب ڏنا. مطالعاتي ويهڪ جي آخر ۾ ٻارڙن کي ريفريشمينٽ ڪرائي وئي. تقريب ۾ بي ايم بي اسڪول جي استادن سيد احمد شاهہ، صديق ٻالادي، سيموئل راهي، علي اصغر ڪليار، محمد نديم غلام، حقيق الرحمان، رفيق احمد جوڻيجي، منور علي ۽ سماجي سڌارڪ اقبال جوکئي پڻ شرڪت ڪئي.

---

رپورٽ

# ساهتي پرڳڻي جي گهڻ ٻوليائي شاعر اديب غلام رسول ناطق هالاڻوي سان رچيل رهاڻ

**خواجہ غلام اڪبر**

سچل ڪميونٽي ڊولپمينٽ ويلفيئر ايسوسيئشن محراب‌پور پاران پبلڪ لائبريري ۾ سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جي نامياري شاعر اديب غلام رسول ناطق هالاڻويءَ سان رهاڻ رچائي وئي. جنهن جي صدارت سنڌ جي نامياري صحافي ۽ اديب ظهير حسين حيدري ڪئي، هن چيو تہ غلام رسول ناطق خود پنجابي هئڻ باوجود سنڌ ۾ رهي ڪري سنڌي ٻولي تي وڏو عبور حاصل ڪيو آهي. غلام رسول ناطق سنڌ جي جهنگ جهر وڃي شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين صوفي شاعرن جو پيغام گهر گهر پهچائي سنڌي ٻولي جي وڏي خدمت ڪئي آهي. خاص مهمان ۽ رهاڻ جي سرواڻ غلام رسول ناطق چيو تہ منهنجي وڏي خوش قسمتي آهي تہ هنن نوجوانن مون سان رهاڻ رچائي آهي. خاص مهمان ڊاڪٽر الطاف محبوب جوکيو چيو تہ غلام رسول ناطق جي وڏي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌي، فارسي، اردو، پنجابي، پشتو، سرائيڪي، بلوچي ۽ انگريزي سميت ٻين ٻولين ۾ بہ شاعري ڪري پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. اعزازي مهمان ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي آڊيٽر ڄام محبت علي سهتو چيو تہ غلام رسول ناطق پاڻ پنجابي هجڻ جي باوجود بہ سنڌي ۾ ڪتاب لکي تاريخي ڪم ڪيو آهي. سنڌي ادبي سنگت جي رابطا سيڪريٽري سيد مختيار حسين شاهہ خواجا ذوالفقار خطاب دوران پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. تقريب جي ڪارروائي سنڌي ادبي سنگت شاخ هالاڻي جي ڪائونسلر اقبال گاڏهي هلائي. آجياڻي جي تقرير لاءِ سچل ڪميونٽي محراب‌پور جي اڳواڻ خواجا غلام اڪبر آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ چيو تہ اڄ اسين انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون تہ پنجابي ٻولي ڳالهائيندڙ سنڌي ٻولي ۾ شاعري ڪري سنڌ جي نمڪ حلالي جو ثبوت ڏنو آهي. سنڌي ادبي سنگت هالاڻي جي سيڪريٽري شريف سومري چيو تہ غلام رسول ناطق سونهن ۽ سچ جو شاعر آهي جنهن پنهنجي زندگي ۾ رت نچوڙي سنڌي ٻولي جي واڌاري لاءِ شاعري ڪئي. سنڌي ادبي سنگت شاخ خانواهڻ جي سيڪريٽري پروفيسر ذوالفقار علي جلباڻي چيو تہ مان نهايت ئي دل سان شڪرگذاز آهيان سچل ڪميونٽي جو جنهن ساهتي جي جهوني شاعر غلام رسول ناطق سان رهاڻ ملهائي آهي. هن بزرگ شاعر پنهنجي شاعري ۾ سنڌ جي سک سلامتي لاءِ لکيو آهي. شاعر مرتضيٰ ناز چيو تہ غلام رسول ناطق طبيعتن سادو سودو شخصيت جو مالڪ آهي، سندس شاعري رومانوي ۽ ڌرتي واسين سان محبت جو سنو اهڃاڻ آهي. خواجا ذوالفقار چيو تہ غلام رسول ناطق پيارو شاعر آهي سندس شاعري مان غريب پورهيتن، هارين، مزدورن جي حقن جي حاصلات لاءِ ڀرپور آواز اٿاريو آهي. هن محفل ۾ عبدالغفور سحر خانواڻي، ڄام محبوب سهتي وقفي وقفي سان ترنم ۾ ڳائي محفل جي رونق واڌائي ڇڏي. پروگرام ۾ شهر جي معزز صحافين، اديبن، شاعرن، سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

رپورٽ

# مستقبل ۾ انٽرنيٽ جي تعليمي اهميت

**لطيف گاد**

سينٽر آف ايڪسيلنس ان آرٽ اينڊ ڊزائين مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري پاران ڊي ڪيو-19 ڊانسنگ آن سائبر ڪلائوڊ انٽر ڪانٽينينٽل ميوزڪ اينڊ ڊانس پرفارمنس آن ايڊوانسڊ نيٽ ورڪنگ نالي هڪ عالمي سطح جو پروگرام ڪوٺايو ويو. 19 فيبروريءَ 2019 تي هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد ۽ پاڪستان ايجوڪيشن ريسرچ نيٽ ورڪ (پرن) جي سهڪار سان انٽرنيٽ ذريعي منعقد ٿيل هن پروگرام ۾ پاڪستان، بنگلاديش، ملائيشيا، پارٽ، ڏکڻ ڪوريا ۽ ويٽنام شرڪت ڪئي. پروگرام جو مقصد مستقبل ۾ انٽرنيٽ جي ذريعي اڪيڊمڪ سهولتن کي وڌائڻ آهي جيئن مختلف ملڪن جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي يونيورسٽين ۾ ويهي ڪنهن ليڪچر، سيمينار يا تحقيقي ڪم جي حوالي سان هڪٻئي سان رابطي ۾ رهن. پاڪستان ۾ سينٽر آف ايڪسيلنس ان آرٽ اينڊ ڄامشوري ملڪ جي نمائندگي ڪئي جنهن لاءِ يونائيٽيڊ اسٽيٽس پاڪستان سينٽر فار ايڊوانسڊ اسٽڊيز ان واٽر مهراڻ يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ اسٽيج ٺاهيو ويو جتان باقي پنجن ملڪن جي آرٽسٽن سان رابطي کي ممڪن بڻايو ويو. پاڪستان ۾ پروگرام جي ميزباني سينٽر آف ايڪسيلنس ان آرٽ اينڊ ڊزائين جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر ڀائي خان شر ۽ نامياري سينئر صحافي ناز سهتي ڪئي. پاڪستان جي نمائندگي ڪندي سينٽر آف ايڪسيلنس ان آرٽ اينڊ ڊزائين پاران ناميارن فنڪارن ريشمان پروين، شوڪت فقير، سدا بهار ۽ روضم صديقي فن جو مظاهرو ڪيو جن سنڌي، اردو، انگريزي، پنجابي، پشتو، بلوچي ۽ سرائيڪي گيتن تي سرن جي ورکا ڪئي. پاڪستاني آرٽسٽن جي پرفارمنس، آڊيو، وڊيو ڪوالٽيءَ جي عالمي سطح تي وڏي واکاڻ ڪئي وئي. هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد پاران هي ٻيو پروگرام سينٽر آف ايڪسيلنس ان آرٽ اينڊ ڊزائين ۾ ڪيو ويو جڏهن ته پهريون پروگرام ڊسمبر 2017ع ۾ ٿيو هو جنهن ۾ ٽن ملڪن پاڪستان، پارٽ ۽ ويٽنام شرڪت ڪئي هئي هاڻي اهو دائرو ڇهن ملڪن تائين پهتو آهي. جڏهن ته هن ڀيري وڌيڪ ڪاميابي ملي تنهنڪري اڳتي دنيا جي وڌيڪ ملڪن جي اعليٰ تعليمي ادارن سان اڪيڊمڪ حوالي سان رابطي ۾ رهي سگهبو. پرن هائر ايجوڪيشن ڪميشن جو انٽرنيٽ وارو پراجيڪٽ آهي جنهن ذريعي ملڪ جي سمورين يونيورسٽين کي انٽرنيٽ جي فراهمي ڪئي وڃي ٿي ۽ هي پروگرام به انهي انٽرنيٽ نيٽ ورڪ ذريعي ڪيو ويو جنهن ۾ هڪ جدت پريو خيال هو جنهن جو مقصد ايشيا جي مختلف يونيورسٽين کي پاڻ ۾ ملائي تعليمي سهولتون پيدا ڪيون وينديون ۽ اڳتي هلي اهو دائرو دنيا جي ٻين ڪنڊن تائين وڌايو ويندو. سينٽر آف ايڪسيلنس ان آرٽ اينڊ ڊزائين جي ٽيڪنيڪل ۽ آرگنائيزنگ خاص ڪري هيڪ جي محمد عامر، سي ايڊ جي منصور شر ۽ ارشد قريشيءَ ٽيم جي صورت ۾ ڀرپور محنت ڪري هن تجربي کي ڪامياب ڪيو ۽ انٽرنيٽ جي مثبت استعمال کي يقيني بڻايو. سينئر صحافي ناز سهتي ۽ سندس ٽيم جو به ڀرپور سهڪار رهيو جن مسلسل محنت ڪري مستقبل ۾ ملڪ جي ٻين يونيورسٽين لاءِ تعليمي سهولتون وڌائڻ جي حوالي سان وڏو ڪم ڪيو. پاڪستان جي پرفارمنس ۾ فنڪارن اردو ڪلام چاپ تلڪ، پشتو ڪلام بيبي شيريني، پنجابي ڪلام مست ملنگ، بلوچي ڪلام وشملي، سرائيڪي ڪلام سانولا ۽ سنڌي ڪلام مور ٿو تلي راڻا پيش ڪيو جڏهن ته روضم صديقي سمورن ملڪن جي فنڪارن سان گڏجي انگريزي ڪلام پيش ڪيو.









## ناول_ قسط ايڪٽيھين

# رنگ گِرھڻ

ضراب حيدر

هڪ پيري، مان ائين ئي نسرين مهتاب سان ملڻ هليو ويو هئس. مون کي ڏسي هوءَ سَرهي ٿي پئي هئي.
هن مون کي جيئن ڏٺو تہ ساڳئي انداز سان ڳالهايو هئائين.
”مون کي خبر هئي تہ توهان ضرور مون سان مِلڻ ايندا.“ مون مُرڪندي کيس چيو هو،
”توهان کي ڪيئن خبر هئي تہ مان توهان سان مِلڻ ايندس؟“
”بس ڇڏيو، اِها بہ هڪ راز جي ڳالهہ آهي.“ مون ٺهڪ ڏيندي چيو هو، ”پلا راز جون سڀ ڳالهيون توهان وٽ ڇو هونديون آهن.“
”اِها بہ وڏي راز جي ڳالهہ آهي...“ هُن بہ هڪڙو ٺهڪ ڏنو هو. مون کي ويهڻ لاءِ چوندي هُن مون کي پائي ويندڙ نگاهہ سان ڏٺو هو ۽ چيو هئائين.
”مصور صاحب! هر ماڻهوءَ کي پلي ڪنهن ٻئي جي خبر نہ هُجي پر پنهنجي خبر هوندي آهي...“
”معنيٰ هاڻي پنهنجي ڳالهہ تان ڦِرو پيا...“ مون يڪدم کيس چئي ڏنو.
”نہ نہ... ڦِران ڪٿي پئي!، توهان اجا منهنجي ڳالهہ ٻڌي ڪٿي. مون چوڻ پئي چاهيو تہ جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻندو، سمجهندو آهي اُن جو ٻئي ماڻهو لاءِ اندازو هرو ڀرو ايترو غلط نہ نڪرندو آهي...“
مان حيرت وچان کيس ڏسڻ لڳس تہ هُن وري ڳالهايو،
”ڏسو ڇا ٿا... مان سچ پئي چوان...“ دل ئي دل ۾ چيم،
”ها بلڪل تون سچ پئي چوين، پر سوچيان ٿو تہ تون ايڏي سياڻي ڪيئن ٿي آهين.“
مان پنهنجي سوچ ۾ هئس تہ هُن وري چيو،
”سياڻي تہ مان ننڍپڻ کان هئس، ڪو اڄڪلهہ ڪونہ ٿي آهيان...“ مان ڄڻ ڇرڪي ويس...
نسرين! ڪي منهنجي سوچ يا خيال جو اندازو ڪيئن ٿو ٿي وڃي... ڪٿي هوءَ هيپناٽزم يا مسميريزم جي ڄاڻو تہ ڪونهي يا وري اِهو محض اتفاق آهي. اُن ملاقات ڪانپوءِ منهنجي نسرين سان ڳِهرائي ٿي وئي. مان اڪثر ساڻس ملڻ هليو ويندو هئس ۽ هوءَ بہ ڪڏهن ڪڏهن مون سان ملڻ فليٽ تي ايندي هئي. هوءَ سچ پچ بہ هڪڙي لاجواب ڇوڪري هئي، احساس محرومي توڙي برتريءَ کان پاڪ، بلڪل وِچٽري ۽ بيلنسڊ.
مون کي ياد آهي تہ اُستاد جان جوزف هڪڙي پينٽنگ ٺاهي هئي، اُها پينٽنگ جڏهن ٺهي مڪمل ٿي هئي تہ جان جوزف اُن پينٽنگ کي پنهنجي دڪان جي وچين پٽ تي بلڪل وچ تي نمايان ٽنگي ڇڏيو هو. اُن پينٽنگ جي خاصيت اِها هئي تہ اُها بلڪل بليڪ اينڊ وائيٽ هئي، مطلب تہ اُن پينٽنگ ۾ اُستاد رڳو ڪاري رنگ جو استعمال ڪيو هو، بس رڳو ڪٿي ڪٿي هلڪڙا شيڊ واڱڻائي رنگ جا هئا. اُن پينٽنگ جي وڏي خاصيت اِها بہ هئي تہ اُها بليڪ اينڊ وائيٽ هوندي بہ رنگين لڳندي هئي. جنهن ۾ الائي تہ ڪيڏا ۽ ڪيترا رنگ جهلڪندي محسوس ٿيندا هئا.
اُستاد جوزف اڪيلائيءَ ۾ اڪثر اُن پينٽنگ کي ڏسندو رهندو هو. مون جڏهن ڪانئس پڇو هو تہ،
”استاد، هيءَ پينٽنگ ڪنهن جي آهي...؟“ تنهن تي وراڻيو هئائين،
”ڏسين تہ پيو تہ، ڇوڪريءَ جي آهي...!“
”جي بلڪل اُستاد اُهو تہ ڏسان پيو پر منهنجو مطلب آهي تہ ڪهڙي ڇوڪريءَ جي آهي.“ هُن ٿورو مُرڪيو هو ۽ پوءِ چيو هئائين...
”ملهار! هيءَ پينٽنگ اُن ڇوڪريءَ جي آهي جيڪا اڃا شايد پيدا ئي ڪونهي ٿي. جي ڪٿي پيدا ٿي بہ هوندي تہ مون کيس ناهي ڏٺو نہ ئي ساڻس مِليو آهيان...“
”اُستاد! مان توهان جي ڳالهہ سمجهيس نہ...“
”ڳالهہ سولي آهي، ملهار، هيءَ ڇوڪري هڪ آئيڊيل ڇوڪري آهي.“ مان کيس حيرت وچان ڏسندو رهيس،
”ها ملهار! هيءَ آئيڊيل ڇوڪري آهي... اهڙيون ڇوڪريون لکن هزارن ۾ ڪي ڪي هونديون آهن.“
مان وري بہ کيس ڏسندو رهيس.
”توکي خبر آهي ملهار! تہ هيءَ پينٽنگ مون صرف ڪاري رنگ سان ڇو جوڙي آهي...!“
مون کيس ڪابہ ورندي ڪونہ ڏني هئي، خاموش کيس تڪيندو رهيو هئس.
”تنهنجي خاموشي ٻڌائي ٿي تہ تون منڌل آهين، پر مان توکي ڪاري رنگ جي هڪڙي خاصيت ٻُڌايان تہ ڪارو رنگ سمورن رنگن کي پنهنجو پاڻ ۾ جذب ڪري وٺندو آهي. ڪاري رنگ جي اِها خاصيت ٻين سڀني رنگن کان مٿانهين آهي، نہ صرف ايترو پر ڪارو رنگ اسٽيبل هوندو آهي، مطلب هميشہ هِڪڙو رهندو آهي. پنهنجي خاصيت ڪڏهن بہ وڃائيندو ناهي. ڪارو رنگ جيئن هر شيءَ کي پوشيده ڪري ڇڏيندو آهي، ائين ئي ڪاري رنگ ۾ ڪيئي راز بہ پنهان هوندا آهن، رات جيان...“
اُستاد جوزف هڪ نهار پينٽنگ ڏانهن نهاريو هو ۽ هڪڙو ٿڌو ساهہ کنيو هئائين.
”ملهار! هيءَ پينٽنگ منهنجي اِهم پينٽنگس مان هڪ آهي، تون شايد هن پينٽنگ جي نزاڪت سمجهي نہ سگهين، پر مون کي خبر آهي تہ هيءَ پينٽنگ ڇا آهي. هيءَ پينٽنگ ڪنهن جي آهي؟“ اُن لمحي استاد جوزف جون ڳالهيون ڄڻ منهنجي مٿان گذري ويون هيون، پر مون وري بہ کيس چيو هو،
”تڏهن تہ پڇان پيو تہ اُستاد! هيءَ پينٽنگ ڪنهن جي آهي؟“
”هڪ آئيڊيل ڇوڪريءَ جي توکي چيم جو... ائين سمجهہ تہ هيءَ تصوير هڪ اهڙي خيالي تصوراتي ڇوڪريءَ جي آهي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن ساپيان ٿي زندگيءَ ۾ ايندي آهي ۽ جنهن جي بہ زندگيءَ ۾ ساپيان ٿي ايندي آهي اُهو وڏو خوشنصيب هوندو آهي.“
مان کيس ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو هئس، شايد اُستاد جوزف منهنجي ڪيفيت سمجهي رهيو هو، اِن ڪري هُن هڪڙو ٺهڪ ڏيندي چيو هئائين...

”ملهار! تون اجا ٻيرو آهين، زندگي اجا ڪنهن وسيع ۽ طويل شاهراهه وانگي اڳتي آهي، جيڪا اجا الائي ڪيترين وڏين توڙي ننڍين شاهراهن ۾، لنڪ روڊس توڙي پيچرن ۾ ورهائبي... تون جڏهن اُهي سڀ مسافتون ڪندين تڏهن توکي ڪجهه ڳالهيون سمجهه ۾ اچي سگهنديون. رنگن جي دنيا تمام وڏي آهي ملهار! نه صرف وڏي پر ڏاڍي ڳُجهي به آهي. بس توکي ايترو ٻُڌائي ڇڏيان ته بي رنگ شيون اسٽيبل هونديون آهن ۽ رنگين شيون ڪڏهن به اسٽيبل ناهن هونديون... سو رنگن جي فريب ۾ ڪڏهن به نه ڦاسجانءِ...“

مان حيرت مان اُستاد جوزف کي ڏسندو رهيو هئس، اُستاد جوزف جڏهن به ڳالهائيندو هو، مان خاموشيءَ وچان سمجهندي نه سمجهندي ڪيس ٻُڌندو رهندو هئس. هو تمام وڏو آرٽسٽ ماڻهو هو. رنگن جي انسائيڪلو پيڊيا هو. هُن کي خبر هئي ته رنگ ڇا آهن، اُنهن جو فرق ڪيئن ڪرڻ گهرجي.

ڊاڪٽر رائو بشير جيئن مون کي هڪ ڀيرو چيو هو ته،

”ائبنارمل ماڻهو گهڻو سُپر نارمل هوندا آهن. اُهي سدائين ٻن الڳ ڇيڙن تي رهندا آهن يا ته صفا منفي يا وري صفا مثبت يا ته صفا تڏا يا نرم يا وري صفا تتل ۽ ڪاوڙيلا. ائين ئي نفسياتي مونجهارن ۾ ڦاتل ماڻهو به ٻن متضاد ڪنارن تي رهندا آهن يا پاتال ۾ هوندا آهن يا وري پولار ۾ رهندا آهن.“ هُن وڌيڪ عشق پيار ۽ نفسيات تي ڳالهائيندي چيو هو ته،

”ملهار! زندگيءَ ۾ جيڪڏهن رڳو مزا ونڻا هُجن ۽ رُڳو ماڻٺو ئي هُجي ته ڪڏهن به ڪنهن اُلجهاءُ ۾ ورتل عورت سان پاڻ نه ڦسائجانءِ. جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪجهه سِڪڻو پرائڻو ۽ دنيا جي رنگ ۽ آرٽ کي سمجهڻو هُجئي ته پوءِ ضرور ڪنهن ائبنارمل/اُلجهائن ۾ ورتل عورت سان پاڻ اڙائجان. مطلب عشق پيار جو مزو حقيقت ۾ ڪامپليڪس کان پاڪ عورت ۾ هوندو آهي.“ ائين ئي اُستاد جوزف مون کي اشارن ۾ اِها ڳالهه هن ريت سمجهائڻ چاهي هئي ته،

”ملهار! زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن رنگين ڇوڪريءَ جي چڪر ۾ نه اچجانءِ... رنگين ڇوڪريون بي انت مونجهارن جو شڪار هونديون آهن ۽ اندر ۾ بي رنگ هونديون آهن...“

مون اُهو وقت ڪيس وري گهرائي سان ڏٺو، اِن تاثر سان ته مون ڇڻ سندس مقصد نه سمجهيو، اُستاد جوزف مُرڪندي وري چيو ته،

”ملهار! منهنجو مقصد اِهو آهي ته جيڪي ماڻهو رنگين نظر ايندا آهن، سي اندران صفا بي رنگ هوندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو ظاهر ۾ بي رنگ نظر ايندا آهن، سي اندران ڏاڍا رنگين هوندا آهن...“

نسرين، اُستاد جان جوزف توڙي ڊاڪٽر رائو بشير جي ڳالهين جي مڪمل تصوير نه هئي، پر ڪنهن حد تائين انهن تي لهندڙ ضرور هئي... هوءَ ٻاهران ته بلڪل بي رنگ محسوس ٿيندي هئي، پر سندس اندر ۾ وڏا رنگ هئا، وڏيون ڪائناتون هُيون.

شروع شروع ۾ جڏهن اسان هڪٻئي سان مِلڻ جُلڻ لڳاسين ته هوءَ اڪثر مون کان فائزا متعلق پُڇندي رهندي هئي، فائزا متعلق پُڇيل سندس سوال به عجيب هوندا هئا، مون کي ائين محسوس ٿيندو هو ته نسرين، فائزا لاءِ شايد جيلسي رکي ٿي، پر ائين نه هو، نسرين کي فائزا سان ٻنهه گهڻيون همدرديون هيون، هوءَ اسپتال ۾ فائزا جي ڪجهه ڏينهَن جي رَهڻ دوران فائزا کي مون کان وڌيڪ ڄاڻڻ لڳي هئي.

هوءَ فائزا متعلق جيڪو به ڄاڻي پئي، اُن جي اُبتڙ هوءَ مون کي جيڪو ڪجهه به ٻُڌائيندي يا اُن متعلق ڳالهائيندي هئي، سو صرف منهنجو ڀيد ڄاڻڻ خاطر ٻُڌائيندي ۽ ڳالهائيندي هئي. هو ڏسڻ چاهيندي هئي ته مان فائزا لاءِ دل ۾ ڇا ٿو رکان، منهنجي ساڻس انوالوَمينٽ ڪيتري آهي.

روبيءَ جي جيتوڻيڪ طبيعت ڪنهن حد تائين نسرين سان ملندڙ هئي، پر روبي بهرحال ڪنهن خاص گول/مقصد يا آدرش جي حاصلات ۾ رهندي هئي ۽ اُن جي حاصلات لاءِ هوءَ ڪابه قيمت ڏيڻ لاءِ به تيار رهندي هئي. پر نسرين وٽ ڪي به آدرش نه هئا نه ئي وري سندس ڪي خاص گول يا مقصد هئا. هڪ ڀيري، نسرين ڳالهين ڳالهين ۾ مون کي چيو هو،



”توهان ته آرٽسٽ ماڻهو آهيو، رنگن جي دنيا ۾ رهڻ ۽ رنگن جي دنيا کي سمجهڻ وارا ماڻهو آهيو. مون کي ٻُڌائي سگهندئو ته حاصلات ڪانپوءِ، ماڻهوءَ جي فطرت ۾ پستي جو رنگ ڇو لهي ايندو آهي.“

گهڻو ئي سوچڻ باوجود سندس سوال جو جواب ڏئي نه سگهيو هئس.. بس ايترو چيو هئم ته،

”ماڻهو حاصلات ڪانپوءِ سَرهو ٿيندو آهي يا وري مغرور ٿي ويندو آهي.“ هوءَ کِلي پئي هئي، چيو هئائين،

”مغروري، پستي ناهي؟ ڇا خيال آهي توهان جو؟“ مون ڪيس صرف ايترو چيو ته،

”منهنجي خيال ۾ سرهائي ماڻهوءَ جي فطرت آهي، جڏهن به ڪنهن شيءِ کي هو حاصل ڪندو آهي ته سرهو ٿيندو آهي يا وري مغرور ٿيندو آهي.“ هُن هلڪڙو ٽهڪ ڏنو هو ۽ چيو هئائين،

”مغروري جيئن شين جو قدر ۽ قيمت وڃائي ڇڏيندي آهي تيئن ئي سرهائي بيزاريءَ ۾ بدلجي ويندي آهي... ٻئي ڪيفيتون بهرحال پستي آهن...“

”ماڻهو محبت ۾ پستيءَ ۾ ڇو ويندو آهي؟ هُو حاصلات ڪانپوءِ شين جو قدر قيمت ڇو وڃائي ويهندو آهي، متعلق سوچيندو رهندو هئس.“ منهنجي اُستاد جوزف هڪ ڀيري چيو هو ته،

”ماڻهو حاصلاتن ڪانپوءِ شين جو قدر قيمت ان ڪري به وڃائي ويهندو آهي جو ماڻهو رڳو شين جي رنگين هجڻ جي موهه ۾ موهجندو رهندو آهي.“ اُستاد جوزف جڏهن به مون سان محبت جي باري ۾ ڳالهائيندو هو ته پنهنجي محبت جي باري ۾ ضرور ٻُڌائيندو هو، اُها محبت جيڪا سندس زال ريٽا هئي، هو چوندو هو ته،

”ملهار! مان جنهن عورت سان پيار ڪندو هئس، جنهن کي ئي زندگيءَ جو سڀ ڪجهه سمجهو هئم اُن ئي زندگيءَ جو سڀ ڪجهه ختم ڪري ڇڏيو. غلطي منهنجي ئي هئي ملهار جو مان سندس رنگينيءَ جي موهه ۾ موهجي ويو هئس. مون سمجهو هو ته ريٽا جي اچڻ سان منهنجي بي رنگ زندگي رنگين ٿي پوندي پر يار سڀ ڪجهه اُن جي اُبتڙ ٿيو، اهڙو اُبتڙ ٿيو جيڪو شايد مان پنهنجو پاڻ کان به لِڪائيندو هُجان.“

اُستاد جوزف مون کي ڪڏهن به سندس زال ريٽا جي زندگيءَ جو اُهو پاسو اُهو رُخ نه ٻڌايو هو جيڪو سمرينا ٻُڌائيندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن اُستاد جوزف جڏهن کُلندو هو ۽ پنهنجي زندگيءَ جون انيڪ ڳالهيون ٻُڌائيندو هو. هُن مون کي گهڻو پوءِ ٻڌايو هو ته جيتوڻيڪ بليڪ اينڊ وائيٽ پينٽنگ واري تصوراتي ڇوڪري هُن ڪڏهن ڪونه ڏٺي آهي پر ڪنهن حد تائين اُن سان ملندڙ جُلندڙ هڪ معذور ڇوڪري هُن ڏٺي هئي. اِن بليڪ وائيٽ پينٽنگ ۾ هُن اکيون اُن معذور ڇوڪري جون عڪس ڪيون آهن. نه صرف ايترو پر اُن معذور ڇوڪريءَ جا بي رنگ عڪس پڻ اُن پينٽنگ ۾ پريا هئا، الائي ڪيئن انهي بي رنگ پينٽنگ ۾ ايڏا سارا رنگ نظر اچي رهيا آهن. اُستاد جوزف ٻڌايو هو ته اُها معذور ڇوڪري ڏاڍي بي رنگ ۽ گدلي نظر ايندي هئي. ڪو زمانو اڳ جڏهن هو ڇوڪراٽ هو ۽ پنهنجي اُستاد جي دڪان تي ڪم سِکندو هو ته اُها ڇوڪري اُن دُڪان سامهون پنندي هئي. هوءَ هڪڙي ٻِگل ويل چيئر تي اچي دُڪان جي سامهون ويهندي هئي. گهڻي قدر ماڻهو ساڻس همدرديءَ بدران ڪيس ڌڪاريندا هئا. جيڪي ڪيس خيرات به ڏيندا هئا ته پري کان ڪيس سِڪا اُڇلائي ڏيندا هئا. هوءَ نفرت ۽ حِقارت واري اُن رويي تي مايوس يا ڏُکاري نه ٿيندي هئي پر مُرڪندي رهندي هئي. اُستاد جوزف اِهو پڻ ٻڌايو هو ته هو پنهنجي خيال ۾ اُن ڇوڪريءَ کي نان سينس سمجهندو هو، پر ائين هو ڪونه، هوءَ صفا بي زرر هئي. هوءَ ماڻهن جا رويا جذب ڪري ويندي هئي ان ڪري جو سندس اندر ۾ وڏا رنگ هئا جيڪي خارجي روين کي پنهنجي داخلي سياءُ سان سهڻو ڪري ڇڏيندي هئي. اُستاد اُن ڇوڪري بابت ٻُڌائيندي هڪ لاجواب ڳالهه پڻ ڪري ويو هو ته،

”ملهار! مان به شايد ائين ئي پنهنجي داخلي سونهن سان اُها پينٽنگ ٺاهي ويو هئس جنهن ۾ ايڏا رنگ پنهنجو پاڻ اچي ويا هئا. جيتوڻيڪ مون جنهن ڪرب کي هِن پينٽنگ ۾ ظاهر ڪرڻ چاهيو هو، سو ظاهر ٿي نه سگهيو هو.“ اُستاد جوزف جي ان ڳالهه ڪانپوءِ مان اِن نتيجي تي پهتو هئس ته دنيا جون شاهڪار تخليقون آرٽسٽ جي اندر جو پرتوَ هونديون آهن جيڪي خارجيت کي جذب ڪري داخليت جو روپ ڌاري نِڪرنديون آهن.

اُستاد جوزف ٻڌايو هو ته اُها معذور ڇوڪري اڪثر منجهند جي ٽائيم جڏهن سج ڪيس سامهون ٿيندو هو ته سج جي تپش ڪارڻ سندن دُڪان جي اوٽ واري ڇانوري ۾ اچي ويهندي هئي. هوءَ ساڻس ڳالهيون ڪندي هئي ۽ ڪيس چانهه پيئارڻ جي فرمائش ڪندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي معصوميت مان ڪيس چوندي هئي.

”توهان ڪيڏيون نه سُٺيون تصويرون ٺا ٺاهيو، منهنجي به ڪڏهن ڪا تصوير ٺاهيو نه!“ پوءِ وري پاڻ ئي ٽهڪن ۾ پئجي ويندي هئي ۽ چوندي هئي ته،

”توهان وٽ اُهي رنگ ئي ڪٿي هوندا جيڪي منهنجي شِڪل تي آهن. منهنجي بدصورتيءَ جهڙو رنگ ڪٿان آڻيندوَ؟“

اُستاد جوزف ٻڌايو هو ته جنهن معصوميت وِچان هوءَ ڳالهائيندي هئي اُن مان ڪيئي خوبصورت رنگ جهالرن وانگي ترندا نِڪرندا هئا ۽ پوءِ اُستاد جوزف هڪڙو هلڪڙو ٽهڪ ڏيندي چيو هو،

”ملهار! سماعتن جا پل کي رنگ نه هُجن پر يار آواز جي صوتيات جا کي ئي رنگ هوندا اٿئي. آواز ڪڏهن سج جيان ٽهڪندڙ ته ڪڏهن وري رڳو ڇانورا هوندا اٿئي. ملهار، مون کي پنهنجي ماءُ جو آواز ڇانورا محسوس ٿيندو هو، رُکي سُکي هُجڻ باوجود امڙ جڏهن پاروٿي ماني پيار وچان پُڪاري ڏيندي هئي ته پاروٿي سُڪل مانيءَ ۾ به تازگيءَ جا ڪيئي رنگ اچي ويندا هئا ۽ هڪڙي ريٽا به هئي جيڪا ڳالهائڻ ۾ به جڻ آلا اُڇلائي هٽندي هئي.“


اُستاد جوزف جي اکين ۾ اُن لمحي پاڻياٺ جا رنگ لهي ايندا هئا. اُستاد جوزف ڳالهه کي وڌائيندي چيو هو ته هڪ ڀيري اُن معذور ڇوڪريءَ کيس چيو هو ته،

”تون منهنجي بي رنگ تصوير ٺاهه، تو وٽ جيڪي به ٻُچڙا ڪِنا رنگ آهن اُهي منهنجي تصوير ۾ ڀرِ، پر تون ڏسجانءِ ته اُن تصوير ۾ ڪيئي رنگ لهي ايندا... خبر اٿئي ڇو؟ ان ڪري جو رنگ نور آهن، اُهي قدرت جو نور آهن تون جيئن به ڪين ڀيٽيندين ليپيندين اُهي پنهنجي نوراني صفت سان نِڪري ويهندا.“ اُستاد اُن وقت معذور ڇوڪري جي ڳالهه ٻُڌائيندي هڪڙو ٿڌو ساهه کنيو هو ۽ چيو هئائين،

”ملهار! منهنجي اُن لمحي لون ڪانڊارجي وئي هئي. جنهن ڇوڪريءَ کي مان نان سينس ڇوڪري سمجهندو رهندو هئس سا ته تمام وڏي ڳالهه ڪري وئي هئي. مون ڪانئس پُڇو هو ته ”ڇوڪري توکي ڪنهن ٻُڌايو ته رنگن ۾ نور هوندو آهي؟“ چو ته ملهار، مون لاءِ به اِها حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه هئي، مون زندگي ۾ صرف هڪ دفعو پنهنجي اُستاد کان اِهو ٻُڌو هو ته رنگن ۾ نور هوندو آهي.“ اُستاد ٻڌايو هو ته سندس سوال جي جواب ۾ معذور ڇوڪريءَ کيس چيو هو ته ”هُن اِهو سڀ ڪجهه قرآن ۾ ٻُڌو آهي.“ جنهن تي اُستاد کي وڏيڪ حيرت ٿي هئي. اُستاد جوزف ٻڌايو هو ته مون ورائي ڪانئس پڇو هو ته ڇا تون قرآن پڙهيل آهين جنهن تي معذور ڇوڪري وراڻيو هو ته، ”نه بلڪل به نه... هُن ته بس قرآن ۾ ٻُڌو آهي. قرآن جيڪو صبح صبح سان پرسان واري مِنائي جي دُڪان تي ترجمي سان هلندو آهي. جيڪو ٻُڌائيندو آهي ته ”اللهُ نُورُ السّمَاوَاتِ وَلارضِ“ يعني الله آسمان ۽ زمين جو نور آهي. سو بس زمين يا آسمان ۾ جيڪي به شيون آهن سي اُن نور سان آهن. چو نه اُهي رنگ هُجن. اُستاد جوزف چيو هو ته،

”ملهار! اُن ڏينهن مون کي پڪ ٿي وئي هئي ته ظاهر ۾ بي رنگ شيون ئي اندر ۾ رنگين ۽ روشن هونديون آهن. پوءِ جڏهن مون ظاهر ۾ بي رنگ نظر ايندڙ ڇوڪريءَ جي تصوير ڪاري رنگ سان ٺاهي هئي ته اُن ۾ ڪيئي رنگ پنهنجو پاڻ اچي ويا هئا.“

الائي ڇو مون کي به اِهو ويساهه ٿيڻ لڳو هو ته ظاهر ۾ بي رنگ نسرين مهتاب اندر ۾ وڏا رنگ ۽ روشنيون رکندڙ آهي ۽ جن ماڻهن جي اندر ۾ رنگ ۽ روشنيون هونديون آهن سي پنهنجو پاڻ کي به سُڃاڻندا آهن نه صرف ايترو پر اُهي ٻين کي به سمجهي سهي ڪري ويندا آهن. .....(هلندڙ).....



Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

ڳالهه ٻولهه

# فقير حاجن نظاماڻي ۽ فقير محمد اسماعيل ميرجت

## زاهده ابڙو

**زاهده ابڙو: لطيفي راڳ ڇا آهي؟**

**فقير حاجن نظاماڻي:** هڪ ڳالهه توهان کي ٻڌايان ته هي راڳ عام رواجي راڳ بلڪل نه آهي. هي راڳ ذڪر آهي ۽ ذڪر شوق سان ٿيندو آهي. توهان جي مٿان ڪو بندوق جهلي بيهي ته توهان ذڪر ڪيو ته اهو ذڪر زباني هوندو پر روحاني نه هوندو. لطيفي راڳ ذڪر آهي جيڪو دم سان ٿيندو آهي. جنهن کي فقيري ٻوليءَ ۾ خفي جو ذڪر چوندا آهن. هڪڙو جلي ذڪر هوندو آهي ٻيو خفي هوندو آهي، هڪ مخفي هوندو آهي اهي ذڪر جا قسم آهن، هڪڙو خيال سان ٿيندو آهي، ٻيو ساهه سان ٿيندو آهي، ٽيون زبان سان ٿيندو آهي. جيڪو زبان سان ٿيندو آهي اهو جلي آهي، جيڪو دل ۾ توهان جي خيال سان ٿئي ٿو ان کي نفي چوندا آهن. هي ذڪر خفي وارو آهي جيڪو اندر لڪل هوندو آهي، پر لطيف سائين ان جو اهڙو ته ميلاپ ٺاهيو آهي جو خفي ۽ جلي وارو ذڪر پاڻ ۾ ملي راڳ ٿئي ٿو.



**زاهده ابڙو: راڳ ڳائڻ وقت توهان ڪهڙي احساس مان گذرندا آهيو؟**

**فقير حاجن نظاماڻي:** اسان جي ڪيفيت اها هوندي آهي ته ڌڻي سامهون ويٺو آهي ان ڌڻي جي سامهون اسان راڳ پيش ڪري رهيا آهيون. مان توهان کي ڪيهر فقير جو هڪ واقعو ٻڌائڻ چاهيندس، ڪيهر فقير راڳ ويٺي ڳايو راڳ ڳائيندي ڳائيندي ماروي جو سُر ڪري وري فقير ماروي جو سُر ڪيو. هن راڳ جي اها روايت آهي ته اوهان ماروي هڪ دفعو ڪري ويا آهيو پوءِ چاهي ان ۾ هڪ داستان پڙهو يا ٻي داستان پڙهو ان جي پابندي ڪونهي، پر هڪ دفعو ماروي ڪرڻ ڪانپوءِ توهان ٻيو دفعو ماروي نه ڪندءَ، وائي ٿي اختتام ٿي ويو. هاڻي توهان ڏناسري ڪري سگهو ٿا، ڏينهن وارا سُر ڪري سگهو ٿا، اڳيان سُر به نٿا ڪري سگهو. فقير ماروي ڪري وري ماروي ڪئي ٻيا سڀ فقير ان تي حيران ٿي ويا ته اهڙي روايت اڳ ۾ ڪاب ڪانه ٿي ملي پوءِ ان ڳالهه بابت ٻين فقيرن ڪيهر فقير کان پڇيو ته اوهان ماروي ڪري وري ماروي ڇو ڪئي، هن جيڪو جواب ڏنو اهو توهان جي سوال جو جواب به آهي ته لطيف سرڪار مون کي چيو ته منهنجا مهمان آيا آهن انهن کي وري ماروي ٻڌائي، مون وري ان ڪري ماروي ٻڌائي. هاڻي ان واقعي ڪانپوءِ توهان سمجهي سگهو ٿا ته راڳ وقت اسان سڀ فقير ڪهڙي ڪيفيت ۾ هوندا آهيون. راڳ کان پهرين فقيرن کي وضو ڪرڻو پوندو آهي پوءِ چاهي اهي گهران ڪري اچن يا هتي اچي ڪن. ٻيا راڳ ته وقت سان گڏ تبديل ٿيندا پيا وڃن ڇو جو انهن ۾ عقل شامل هوندو آهي، پر عبادت ۾ عقيدت شامل هوندي آهي ۽ ان ۾ روحانيت جو وڏو عمل دخل آهي.

**زاهده ابڙو: ڇا لطيفي راڳ سيني سُرن ۾ ٿيندو آهي يا ڪجهه مخصوص سُرن ۾ ٿيندو آهي؟**

**فقير حاجن نظاماڻي:** ان ڳالهه کي سمجهڻ ضروري آهي ته سُر، ڪلاسيڪل راڳ ۽ ٻي جيڪا موسيقي آهي، لطيفي راڳ انهن سيني کان ڌار آهي. جيئن ايمن ڪلياڻ ۽ ڪلياڻ آهي، اهي انهن سان ملن ضرور ٿا، پر لطيف سائين هنن کي پاڻ ايجاد ڪيو جيڪي اسان هتي ڳايون ٿا، هي اهي سُر ڪونهن جيڪي عام طور تي ڪلاسيڪل موسيقيءَ

۾ ڳايا وڃن ٿا ڇو تہ ”ڏسُ“ جو ڪٿي بہ ڪو راڳ ڪونهي ڪو جيڪڏهن قوالي ڳائي ويندي آهي تہ سڀ ڳڏجي ڳائيندا آهن، هڪڙو اڳتي پوئتي ڳائيندو ۽ ساڳيو لفظ وري وري نہ ورجائيندا. ”ڏسُ“ خاص لطيف جي راڳ جو انداز آهي. ائين سمجهو تہ اهو تحت الفظ، هڪ فقير بيت ڏسيندو ۽ ٻيا فقير ان کي سُر ۾ ڳائيندا. ان ”ڏسُ“ ۾ ٻہ سُر هوندو آهي ان کي تار سان ڳايو ويندو آهي ۽ وري وري ورجايو ويندو آهي ۽ ان کي سُر ۾ ملايو ويندو آهي ۽ جيئن ئي اهو سُر ۾ تند سان ڳائي ختم ڪندو تہ وري فقير ”ڏسُ“ ڏيندو ۽ ائين راڳ جو سلسلو هلندو رهندو.

**زاهده ابڙو: راڳ جا گهڻا قسم آهن؟**

**فقير حاجن نظاماڻي:** راڳ جا ٻہ قسم آهن هڪ ڪڙي وارو راڳ ٻيو جهونگار وارو راڳ. جهونگار وارو راڳ سمجهڻ بنسبت ڪڙي واري جي سولو آهي، ڪڙي وارو راڳ سمجهڻ ٿورو عام ماڻهو لاءِ ڏکيو آهي. ڪن روايتن موجب ڪڙي وارو راڳ هوندو هو ان ۾ گيرام (بيس) هوندو هو جنهن کي ڪلي جو راڳ چئون ٿا جنهن ۾ هيٺيون سپتڪ سنهو چئون ٿا يا سڏ چئون ٿا ان کي ايجاد ڪرڻ وارو فقير ابراهيم هو.

**زاهده ابڙو: راڳ ڪهڙي سُر سان شروع ڪيو ويندو آهي؟**

**فقير حاجن نظاماڻي:** لطيفي سُر جو افتتاح دنبوري جي تند وڄائي ڪئي ويندي آهي، ان سُر جا ٻہ ڪيترائي آلاپ آهن. جيڪڏهن ان تند ۾ راڻو وڄايو ويندو تہ توهان کي خبر پئجي ويندي تہ راڻو وڄايو پيو وڃي جيڪڏهن ڪلياڻ وڄايو ويندو ۽ ٻڌڻ واري کي پرک هوندي تہ ان کي خبر پئجي تہ ڪلياڻ وڄايو پيو وڃي. ضرورت اها آهي تہ ٻڌڻ واري کي ڄاڻ هجڻ ضروري آهي. تند ڪانپوءِ جهڙ تند هوندي آهي جنهن ۾ چار يا پنج تسبيون وڄايون وينديون آهن. سڀ فقير ان کي گڏ وڄائيندا آهن. اها موسيقي جي پوري سائنس آهي جنهن تي لطيف سرڪار ڪم ڪيو. جنهن رات اسان ڳائيندا آهيون يعني خميس جي رات ان رات خاص طور تي لطيفي راڳ سان شوق رکندڙ ماڻهو، اتي اچي ان ٽائيم تي ويهندا آهن جيئن فقير سائين تند وڄائي تسبي پوري ڪندا تہ هو چوندا بسم الله، هاڻي ٻيو ڪير ان بسم الله جو مقصد نہ سمجهي سگهندو، پر انهن کي خبر آهي تہ هڪ تسبي پوري ٿي هاڻي ٻي شروع ٿي ۽ پنهنجي منهن چوندا تہ هاڻي فقير راڻو پيو ڳائي. هاڻي توهان کي ڪهڙي خبر تي فقير راڻو ڪيئن ڳائيندو ڇو تہ فقير تند راڻي جي وڄائي يا ڪلياڻ جي وڄائي يا يمن ڪلياڻ جي وڄائي. راڳ شروع ڪرڻ کان پهرين سيئي تندون گڏ وڄائي پوءِ راڳ شروع ڪيو ويندو آهي.

**زاهده ابڙو: راڳي فقيرن جون ڪيتريون ٽوليون آهن ۽ انهن جي راڳ جو پروگرام ڪير تيار ڪندو آهي؟**

**فقير حاجن نظاماڻي:** اصل ۾ جيڪا روايت اچي پئي ان جي مطابق لڳ ڀڳ 1144 هہ کان راڳ جمعي جي رات هلي ٿو انهن روايتن ۾ هڪڙي روايت سائين غلام شاهہ ڪندو هو تہ راڳ جي شروعات خميس جي رات ٿي هئي پر ان جو مسلسل ۽ مقرر بنياد جمعي جي رات کان پيو. ان جا ڪارڻ اسان کي خبر ناهن تہ خميس رات کان جمعي جي رات ڇو ٿيو. ڇنڇر جي رات لنجواڻي فقيرن جي ٽولي، آچر جي رات گل محمد فقير خاصخيلي جي ٽولي ڳائيندي آهي ۽ سومر جي رات سائين سجاد جُڻاڻ فقير ڇڄڙو، اڱاري جي رات قمبر فقير ڳائيندو آهي، اربع جي رات فقير قادر بخش خاصخيلي ڳائيندو آهي، خميس رات نظاماڻي فقير ڳائيندا آهن، جمعي جي رات سائين جمن شاهہ ڳائيندو آهي، ان جون مختلف ٽوليون آهن ۽ انهن ٽولين ۾ ٻہ ڪيترائي ماڻهو آهن. وري جمعي جي ڏينهن صبح جو ڪبڙ فقير ڳائيندو آهي، شام جي وقت فقير چانڊيو. اهو هڪ اهڙو سلسلو آهي جيڪو صبح ۽ رات جو هلندو رهندو آهي. ڪيترائي فقير رات وارين ٽولين ۾ آهن تہ ڪيترائي فقير صبح وارين ٽولين ۾ ڳائين ٿا. ڪيترا فقير اهڙا بہ آهن جيڪي هفتي ۾ ٻہ يا ٽي دفعا بہ راڳ ڪن ٿا.

**زاهده ابڙو: ڇا راڳ شروع کان ئي ان طريقي سان ڏينهن ۽ رات جو ڳايو ويندو هو؟**

**فقير اسماعيل ميرجت:** پهرين راڳ صرف رات جو ٿيندو هو ۽ اهو اسان جي اڪين ڏٺي جو احوال آهي تہ راڳ ڏينهن جو بہ ٿيڻ لڳو آهي ان کي لڳ ڀڳ پندرهن سال ٿيا هوندا. ان جا سبب ڪجهہ هي آهن جو جمعي يا آچر جي ڏينهن جڏهن ڪي خاص مهمان ايندا هئا تہ راڳ انهن لاءِ خاص طور تي ڪرايو ويندو هو.

**تعارف:**

فقير حاجن نظاماڻي: آئون فقير حاجن نظاماڻي جي نالي سان درگاهہ تي سڃاتو وڃان ٿو، منهنجو والد صاحب راڳي هو جيڪو خميس جي ڏينهن راڳ چوندو هو پنهنجي استاد سان گڏ ويهي راڳ جو سلسلو هلايائون، سندس وفات 2002ع ۾ ٿي. 1956ع کان وٺي هو درگاهہ تي ڳائيندو هو آئون 2000ع کان هتي راڳ ڳايان پيو. مون کي 19 سال ٿيا آهن، آئون وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ايم فل ڪيان پيو، منهنجي صوفي ازم ۾ ماسٽرز ٿيل آهي. ايم اي سنڌي ۾ بہ ٿيل آهي، هر خميس جي ڏينهن عبرت اخبار ۾ ڪالم بہ لکندو آهيان. ان کان علاوه ٻين بہ ڪيترين اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ لکيو آهي. ان کانسواءِ ننڍو آبادگار بہ آهيان.

فقير محمد اسماعيل ميرجت: منهنجو نالو اسماعيل ميرجت آهي پر هتي گهڻا ماڻهو مون کي ڪاڪا جي نالي سان سڃاڻن ٿا. شاهہ جي راڳ ۾ منهنجو استاد جمن شاهہ لطيفي انيس الحسنين شاهہ آهي پر مشهور جمن شاهہ جي نالي سان آهي. اسان جي خاندان ۾ اهڙو ڪو راڳي فقير نہ هو پر مون کي راڳ سکڻ جو شوق هو ۽ سائين جمن شاهہ جي مهرباني تہ ان مون کي راڳ جي تربيت ڏني. مون کي بہ لڳ ڀڳ سترهن ارڙهن سال راڳ ڳائيندي ٿي ويا آهن.

Regd. No: 3160
ماھوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

پوءِ انتظاميہ اهو فيصلو ڪيو تہ ائين ڇو ڪجي تہ راڳ خاص مهمانن لاءِ ڪنهن وقت ڪرايو وڃي ڇو نہ ان کي مستقل بنيادن تي صبح جو بہ جاري رکجي. ان جي شروعات بہ جمعي ڪان ٿي. هينئر جيڪو درگاهہ جو گادي نشين سائين وقار حسين شاهہ، سندس ڏاڏي قبلہ سائين غلام شبير سائين ڪان باقائدي ان جي موڪل ورتي تہ ڏينهن جو بہ ان سلسلي کي جاري رکجي. ائين ڏينهن جي راڳ جي شروعات جمعي ڪان ٿي جيڪا هاڻي مسلسل هلندي اچي.

**زاهده ابڙو: ڇا ان راڳ جي تربيت فقير پنهنجي گهراڻي ۾ ئي ڏيندا آهن يا انهن گهراڻن ڪان ٻاهر بہ ڪو ان راڳ کي سکي سگهي ٿو؟**

**فقير حاجن نظاماڻي:** خانداني يا موروثي راڳ تمام گهٽ رهيو آهي جيئن نظاماڻي، لنجواڻي، ٻگهيا، تمراڻي انهن جو بہ هڪ سلسلو آهي ان سلسلي ۾ ضروري ناهي تہ توهان ساڳي ذات يا گهراڻي سان تعلق رکندا هجو بلڪہ توهان جي پيري مريدي وارو سلسلو هوندو آهي. ان طريقي سان انهن فقيرن جو بہ سلسلو هلندو آهي جنهن ۾ ڪوبہ فقير اچي داخل ٿي سگهي ٿو. لطيف جي راڳ ۾ هڪ عجيب رنگ آهي جيڪو ذات پات، حسب نسب جي پرواهہ نٿو ڪري ۽ ڪلاسيڪي راڳ ڪان هي راڳ مختلف آهي. هن ۾ توهان جي جسماني ويهڪ، خيال، دنبوري پڪڙڻ جو ڍنگ، دنبوري جون تندون وائي جا سر جڏهن پاڻ ۾ ملن ٿا تڏهن وڃي لطيفي راڳ ٺهي ٿو. هي راڳ ڪنهن هڪ شيءِ جو نالو ناهي. جيڪڏهن فقير ڪنهن هڪڙي شيءِ کي وساري وينو تہ پوءِ اهو لطيفي راڳ نہ هوندو. راڳي فقير جڏهن راڳ شروع ڪندا آهن تہ هو پنهنجي آسپاس ڪان بي خبر ٿي ويندا آهن. اسان جي گلي جي آواز سان اسان جي ساهہ جو آواز ملڻ بہ ضروري هوندو آهي جنهن کي روح جو آواز بہ چئجي ٿو. ان جي ملڻ ڪانسواءِ لطيفي راڳ نٿو ڳائي سگهجي. جيڪڏهن موروثي هجي ها تہ هو صرف پنهنجي خاندان کي سيکاري ها، پر اهو موروثي نظام جي نفي هئي. ان ۾ مختلف قومن جا ماڻهو شامل هئا. هن وقت ڪوبہ ماڻهو ڪنهن فقير جو شاگرد ٿي راڳ سکي سگهي ٿو اهو منحصر آهي ان سکڻ واري تي تہ هو ڪيتري سچائي سان اهو ڪم سکندو.

**زاهده ابڙو: فقيرن جي راڳ جو شيڊيول ڪير فراهم ڪندو آهي. جڏهن ڪو نئون فقير راڳ جي ٽولي ۾ شامل ٿئي ٿو تہ ان جون ڪهڙيون رسمون ادا ٿين ٿيون.**

**فقير حاجن نظاماڻي:** پهرين اهو انتظام فقير لائق ڏني وٽ هو، پر هاڻي ان جو انتظام سائين گادي نشين وٽ آهي. هن وقت سائين وقار حسين شاهہ درگاهہ جو گادي نشين آهي. گرو ۽ چيلي وارو ڪوبہ حساب هتي نہ آهي ۽ ڪي بہ خاص رسمون نہ هونديون آهن جيڪو بہ نئون فقير راڳ سکڻ چاهي ٿو ۽ جنهن فقير ڪان سکڻ چاهي ٿو تہ اچي ان جي شاگردي ۾ اهو راڳ سکي ٿو. باقي پنهنجي مرضي سان جيڪڏهن هو منائي ورهائڻ چاهي تہ اها ان جي پنهنجي مرضي آهي.

**زاهده ابڙو: هڪڙي فقير کي لطيفي راڳ جو سفر مڪمل ڪندي سکڻ ۾ ڪيترو وقت لڳي ٿو.**

**فقير حاجن نظاماڻي:** اسين بہ اڃان سکون پيا.

**فقير اسماعيل ميرجت:** ڪجهہ فقير اهڙا بہ آهن جيڪي پوري ريت ان عمل جي سکيا نہ وٺي سگهيا آهن انهن کي چاليهہ چاليهہ سال بہ ٿي ويا آهن. اهو عشق آهي جيڪو انهن کي ان راڳ سان ڳنڍي وينو آهي جيڪو ٽٽي نٿو جيترو جنهن جو عشق هوندو اوترو اهو جلدي ڪاميابي جون منزلون ماڻيندو. اسان وٽ هينئر ادي پي لنگ جيڪا ٽائيوان مان آئي هئي ان تند بہ سکي ۽ راڳ ڳائڻ بہ سکي وئي ان کي سال ڏيڍ ٿيو.



**زاهده ابڙو: ڇا توهان وٽ عورتن جي راڳ سکڻ تي ڪا پابندي آهي يا اهي بہ سکي سگهن ٿيون ۽ اڄ ڏينهن تائين عورتن جي ڪا راڳي ٽولي ڇو نہ آهي؟**

**فقير اسماعيل ميرجت:** ڪجهہ سال پهرين الهبچائي فقير وٽ هڪ ادي آئي جنهن جو نالو نسرين ٻگهيو هو جنهن تي تمام گهڻي تنقيد ٿي. ڇو تہ ان ڪان پهرين اسان ڪنهن بہ عورت کي ائين راڳ سکندي نہ ڏٺو هو. عورتون گهرن ۾ تہ لطيفي راڳ ڳائينديون آهن بذات درگاهہ تي اسان جي سامهون اهو پهريون پيرو هو جو اسان ڪنهن عورت کي هتي اچي راڳ سکندي ڏٺو. سندس تعلق پٽ شاهہ سان آهي اها فقير الهبچائي جي همت هئي جو ان ادي کي راڳ سيکاريو، ايئن ساڳئي طريقي سان ادي پي لنگ جيڪا تائيوان مان آئي هئي ان کي فقير منٺار راڳ سيکاريو، هن پنهنجين ٻن نياڻين کي بہ راڳ سيکاريو. لطيف سائين جون ڪيتريون راڳي فقير عورتون بہ هيون. وساڻن جي ماين کي بہ راڳ ايندو هو، انهن جي ماين کي سائين غلام شاهہ راڳ سيکاريو پر ثقافتي طور تي ان ڳالهہ تي شايد سماج راضي نہ ٿيندو تہ عورتون اچي شاهہ جي درگاهہ تي ڳائين. اسان سماجي پابندين ۾ جڪڙيل رهيا آهيون انهن ڪان نڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. لطيف سائين جي پهرين راڳي عورت مائي ٺوڙهي هئي، سندس قبر بہ مزار جي

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

احاطي ۾ آهي. هوءَ اسماعيل فقير جي دور جي هئي، جنهن جو هڪ واقعو به مشهور آهي ته ڪجهه ڏينهن سندس آواز خراب ٿي ويو ۽ ماڻهو مٿس ڪلڻ لڳا هوءَ وڏي راڳائي هئي وڏي اوطاق جو انتظام به سنڀاليندي هئي. انهن ڪلن تي هوءَ روئڻ لڳي، روايت موجب ڪيس درگاهه مان آواز آيو ته مائي تنهنجو راڳ اسان کي اڄ پيو وڻي، تون ڳائي. ماڻهو چون ٿا ته اهو آواز وينل سيني زائرين به ٻڌو هو. اهي سڀ روايتون آهن جنهن جو ڪو مستند ذريعو ڪونهي پر ماڻهو ان قسم جون ڳالهيون ضرور ڪن ٿا.

**زاهده ابڙو: هن وقت راڳي فقير ڪهڙن مسئلن کي منهن ڏيئي رهيا آهن ڇا ڪو ادارو سندن معاونت ڪندو آهي؟**

**فقير حاجن نظاماڻي:** اسين لطيف سرڪار جي ذات جا درٻاري راڳي آهيون، اسان جو اهو يقين آهي ته لطيف سرڪار اسان کي پاڻ ٻڌي ٿو. اهو ان خيال کان توهان کي ٿو ٻڌايان ته سياري جي گهٽين ٿڌين راتين ۾ زائرين تمام گهٽ هوندا آهن يا ڪجهه راتيون اهڙيون هونديون آهن جڏهن مينهن پون ٿا، پر ڪلام ٻيهندو ڪونهي ڪلام سڄي رات جاري رهندو آهي، پر فقيرن کي ڪابه لالچ نه هوندي آهي ته ڪو اچي انهن کي پئسا ڏيندو يا نه يا ماڻهو ناهن ته هو اڄ راڳ کي اڌ ۾ ڇڏي وڃن، پر اڄ ڏينهن تائين درگاهه تي راڳ بند نه ٿيو آهي. ان خيال ۾ ته لطيف سائين اسان کي پاڻ ٻڌي ٿو ۽ اسين ان جي اڳيان ٿا ڳايون.

هاڻي اسان جي فقيرن جو ساليانه وظيفو شروع ٿيو آهي جيڪو ثقافت کاتو ڏي ٿو ان جو تعلق اوقاف کاتي سان ڪونهي. سٺ فقير جن جا نالا رجسٽر ٿيا انهن کي اهو وظيفو ڏنو وڃي ٿو. زائرين فقيرن کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيئي ويندا آهن جيڪو مقرر ڪونهي ۽ اسان ان مان سڀ ونڊ ڪري کڻندا آهيون. ڇو ته اسان ان جا مستحق آهيون ۽ ان کي تبرڪ سمجهي کڻندا آهيون. لطيف سرڪار جي مهرباني آهي جو اهڙو وڏو ڪو مسئلو ڪونهي، پر حڪومت جي طرفان اسان راڳي فقيرن جي ڪا گهٽي ساهتا نٿي ڪئي وڃي. ثقافت کاتي وارا مهربان ٿين ته سٺ هزار ڏيئي ڇڏين مرضي پوين ته پنجٽيهه هزار ڏين. هتي تمام گهٽا مسڪين به آهن جن جو گذارو صرف راڳ تي آهي ان کان علاوه انهن جو ٻيو ڪو ساهتا ڪرڻ وارو ناهي. راڳين جي لاءِ سهولتون هجڻ کپن ته جيئن هو پنهنجي راڳ تي محنت به ڪري سگهن ۽ گهر جي معاشي مسئلن کان بي فڪر ٿي هتي اچي راڳ ڳائي سگهن.

**زاهده ابڙو: ڇا فقير زائرين کي ڏاڳو وٺي ڏين ٿا ۽ ان جا پئسا به گهرندا آهن؟**



**فقير اسماعيل ميرجت:** نه بلڪل نه اهو عقيدت جو ڏاڳو هوندو آهي جيڪو زائرين اسان کان وٺرائيندا آهن ۽ زائرين ان ڏاڳي جو هديو پنهنجي مرضي موجب جيترو به ڏيڻ چاهي ڏيئي ويندو آهي اسان جي ڪابه گهر نه هوندي آهي.

**زاهده ابڙو: ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته لطيفي راڳ سمجهڻ ۾ مشڪل آهي ڇو ته ان جي گائيڪي جو انداز ڏکيو آهي توهان جو ڇا خيال آهي.**

**فقير حاجن نظاماڻي:** ان موضوع تي مون هڪ آرٽيڪل لکيو هو جنهن ۾ آئون سائين امر جليل جو ٿورائتو آهيان جنهن اهڙو ڪجهه چيو جو مون کي دلي صدمو پهتو ۽ ان دلي صدمي مون کي اهو آرٽيڪل لکڻ تي مجبور ڪيو هو. رسالي آس ۾ 2015ع تي سندس انٽرويو ڇپيو هو جنهن ۾ هن چيو ته لطيف سائين جو راڳ صرف فقير عبدالغفور، علڻ فقير، محمد جمن ۽ ڊول فقير ڳايو انهن ماڻهن لطيف جي پيغام کي اڳيان وڌايو باقي فقيرن جو ان راڳ کي اڳيان وڌائڻ ۾ ڪوبه عمل دخل ناهي. اسان جي عقيدت جي اها انتها آهي جو لطيف سرڪار جي ڪنهن به ڳالهه جي اجائي مخالفت ٻڌي اسان جا لڱ ڪاندارجي ويندا آهن. هر شيءِ جي هڪڙي اسپيشلائيزيشن ٿيندي آهي ۽ جيڪو اسپيشلسٽ هوندو آهي ان کي وڌيڪ ڄاڻ هوندي آهي راڳ جي به اسان کي جيتري خبر آهي اوتري شايد عام ڳائڻن يا ٻڌڻ وارن کي خبر نه هوندي. ڪڏهن ڪڏهن ٻڌڻ وارن کي به اصل راڳ جو چس وٺڻ لاءِ راڳ کي سمجهڻو ۽ سکڻو پوندو آهي. درگاهه تي لطيفي راڳ مان هڪ عام ماڻهو ويهي اهو مزو ماڻي نه سگهندو جيڪو هڪ ڄاڻو ماڻهو ماڻيندو. جيڪي ماڻهو پاڻ کي ان سان منسلڪ ڪندا ته انهن جي ان راڳ سان وابستگي پيدا ٿيندي جيئن حاجي مومن هو جنهن ڪڏهن به راڳ نه ڳايو پر وايون سڀ سمجهندو هو، فقيرن جون چالون سڀ سمجهندو هو، ان کي راڳ جي مڪمل ڄاڻ هئي. ٻيو متارو واڍو، عبدالڪريم واڍو جيڪو هڪڙو فقير سڄي رات بيت ياد ڪندو هو ٻيو وري آيتون ياد ڪندو هو. سڄي رات جيڪو راڳ ٿيندو هو انهن کي صبح جو ياد هوندو هو. ٻڌڻ واري ۾ به اهليت هجڻ ضروري آهي. ڪڏهن ڪڏهن پڙهڻ وارن کي به وسري ويندو آهي ته انهن ڇا پڙهيو، پر ٻڌڻ وارا اهڙا اهل هوندا آهن جو انهن کي سڄو راڳ ياد هوندو آهي. حاجي مومن کي درگاهه تي مڪمل روايتن جي ڄاڻ هئي. جيئن اسان جو اٺن ماڻهن جو گروپ آهي ان ۾ مون جيڪڏهن ان مان ڪنهن هڪڙي ڏسُ واري سان حجت ڪئي ته ڪيس ڪا وائي يا سُر وڻي ٿو ته ان مطابق به راڳ ڳايو ويندو آهي. ڪجهه اهڙا سڄاڻ ٻڌڻ وارا به اچن ٿا جيڪي اسان کان فرمائش ڪري ڪنهن خاص سُر ۾ وائي يا داستان جي فرمائش ڪندا آهن ۽ اها

فرمائش رکو اهي ماڻهو ئي ڪري سگهن ٿا جن کي راڳ جي ڄاڻ هوندي باقي اڻ ڄاڻ لاءِ ان جي ڪابہ اهميت نہ آهي.

**فقير اسماعيل ميرجت:** اسان کي هن وقت ڪابہ ڳالهہ ڏکي نہ لڳندي آهي ڇو تہ هينئر اسان جا ڪيترائي پيائر ۽ پينرون يونيورسٽي مان ايندا آهن جيڪي اسان کان ان ڳالهہ جي فرمائش ڪندا آهن تہ شاهہ جو "ٽڙي پوندا ٽارئين جڏهن ڳاڙها گل" ڳائڻ لاءِ چوندا آهن هاڻي اسان انهن کي ڇا چئون تہ اهو شاهہ جو ڪلام ئي ناهي انهن کي اها خبر ئي ناهي، جن کي اها خبر نہ هجي تہ اها وائي شيخ اياز جي آهي يا شاهہ جي آهي تہ انهن ماڻهن سان ڪهڙي شڪايت ڪجي. يونيورسٽي ۾ اسان کان هڪ دفعو فرمائش ڪئي وئي تہ "ڳاڙهو وڳو" ٻڌايو، سو اها سڄي ڄاڻ جي ڳالهہ آهي. اسان کي ان ڳالهہ جو ڏک ٿو ٿئي تہ لطيف سائين جو ڪلام سنڌي ۾ آهي، پر اسان وٽ ڪافي ماڻهن کي ان جي سمجهہ ڪونهي. يقين ڪيو تہ ان قسم جي فرمائش نہ ڪڏهن ڪنهن جرمن اسان کان ڪئي آهي نہ ڪڏهن ڪنهن پرڏيهي اسان کان شاهہ جي ڪلام کان ٻاهر ڪا فرمائش ڪئي آهي، انهن کي شاهہ جون وايون ياد آهن ۽ اها وائي اسان کي چوندا آهن تہ اسان انهن کي ڳائي ٻڌايون، انهن کي سُرن جي بہ پرک آهي.

**زاهده ابڙو: ڇا راڳي فقيرن کي ڪي پرفارمنس ايوارڊ ملندا آهن؟**

**فقير حاجن نظاماڻي:** لطيف سائين جي سالياني پروگرام ۾ راڳي فقيرن کي هڪ لطيف ايوارڊ ڏنو ويندو آهي. هاڻي جيستائين ڪنهن فقير کي ايوارڊ ملي وري جڏهن ٻئي جو نالو اچي تيستائين تہ اهو ويچارو گذاري ويندو. اسان جي سنڌ حڪومت کي گذارش آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ اهي لطيف ايوارڊ پنج ڪيا وڃن. اهي ايوارڊ اسان جي فنڪارن جو پيٽ تہ نٿا ڀري سگهن، پر انهن جي همت افزائي ضرور ٿئي ٿي. ان سان گڏوگڏ انهن لاءِ مالي معاونت بہ ضروري آهي تہ جيئن هو عزت سان پنهنجي زندگي گذاري سگهن.

**زاهده ابڙو: هن وقت ثقافت کاتو فقيري راڳ جي واڌ ويجهہ لاءِ ڇا ڪري رهيو آهي؟**

**فقير اسماعيل ميرجت:** ثقافت کاتو ڪجهہ بہ نہ ڪري رهيو آهي انهن کي ان شيءِ کي پروموٽ ڪرڻ کپي هڪ ڪميٽي ٺاهڻ گهرجي. جيئن سائين بشارت اسان وٽ هتي موجود آهي جيڪو پروفيسر آهي پر هو راڳ ڳائيندو آهي. حاجن ايم فل ڪري رهيو آهي، منهنجي گريجوئيشن ٿيل آهي. استاد گل محمد فقير پڙهيل لکيل آهي سترهين گريڊ ۾ واپڊا ۾ نوڪري ڪندو آهي. جمن سائين اسڪول جو پرنسپل آهي، انهن سيني پڙهيل لکيل ماڻهن کي ويهاري هڪ ڪميٽي ٺاهي وڃي جن کان راڳ جي واڌ ويجهہ لاءِ ۽ بين الاقوامي طور تي ان کي پروموٽ ڪرڻ لاءِ صلاحون ورتيون وڃن. ان ۾ اسان جا فقير بہ پروموٽ ٿيندا تہ لطيفي راڳ جيڪو صدين کان مخصوص انداز ۾ ڳايو پيو وڃي ان کي نہ رڳو مقامي سطح تي پر بين الاقوامي سطح تي بہ روشناس ڪرايو ويندو. ٻين ملڪن سان گڏجي اهڙا ڪلچر پروگرام ٺاهيا ويندا جنهن ۾ فنڪارن جي ڏي وٺ ٿي سگهي ٿي ۽ اهو راڳ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي سگهجي ٿو.

**زاهده ابڙو: هتي راڳ جو اسڪول ڪم ڪري رهيو آهي اسان کي ان بابت ڪجهہ ٻڌائيندا.**

**فقير حاجن نظاماڻي:** راڳ جي اسڪول جي لاءِ ميوزيم سان گڏ هتي هڪ ڪمرو مليل آهي جنهن ۾ سهولتون نہ هجڻ جي برابر آهن. ثقافت کاتي طرفان 2008ع ۾ ان جو افتتاح ڪيو ويو، پر نہ ان ۾ اسٽيج جي سهولت آهي نہ پروجيڪٽر آهن نہ ئي مڪمل ساز جا سامان آهن. ان ۾ ڪمپيوٽر هجڻ کپن ۽ داخلائن جو پراسيس هجڻ کپي، جنهن جا اشتهار ڏنا وڃن تہ جيئن ان اسڪول کي باقاعده فنڪشنل ڪري ان مان نوان شاگرد پيدا ڪيا وڃن، پر اهڙي ڪابہ شيءِ توهان کي هتي نظر نہ ايندي صرف ان جو نالو آهي تہ اسڪول آهي. جيئن ڀٽ شاهہ ۾ صوفي يونيورسٽي کلي پئي آهي، پر جنهن جو زمين تي توهان کي ڪوبہ وجود نظر نہ ايندو. هن وقت اسڪول ۾ صرف بہ ٽي دنبورا موجود آهن، بہ ٽيچر آهن ۽ چند شاگرد آهن. انهن سيني ڳالهين مان ائين چئي سگهجي ٿو تہ راڳ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ شايد اسان جو ثقافت کاتو تمام غير سنجيده نظر اچي ٿو.

**زاهده ابڙو: همسري جي پڙهندڙ لاءِ ڪو پيغام؟**


**فقير حاجن نظاماڻي:** سائين تمر فقير جو هڪ بيت آهي:

**جي تون آسائو آهينئين ڪر ڀٽ تي ڀيرو،**
**سونهاري سيد جو ديک اچي ديرو،**
**تُرت ۾ تيرو مطلب مڙيوئي ٿئي.**

منهنجي حڪومت کان گهر آهي تہ جيڪڏهن اقباليات پڙهائي ٿي وڃي تہ ادارن ۾ لطيفيات بہ پڙهائي وڃي. سنڌ ۾ سنڌين جي حڪومت آهي ۽ جيڪڏهن ڪو اهڙو قانون پاس ڪيو وڃي تہ لطيفيات پڙهائي سگهجي ٿي.

**فقير اسماعيل ميرجت:** سائين جن جون بہ لائينون پڙهبيون تہ انهن ٻن سٽن ۾ سڄي زندگيءَ جو فلسفو سمجهہ ۾ اچي ويندو، سائين انهن بہ سٽن ۾ چيو آهي:

**ڪڏهن ٿجي ڪن تہ ڪڏهن ٿجي وات،**
**ڪڏهن ٿجي ٻڪرو تہ ڪڏهن ٿجي ڪات.**





# آن لائين مهمان وٽ ارم

## ادل سومرو

## ارم محبوب

**ارم: زندگي ؟**

**ادل سومرو:** زندگي هڪڙو ئي ڀيرو آهي ۽ ان سان هر حال ۾ نڀائڻو آهي. ڏکن سکن جي ڇانو ۾، ان اڳيان هار ناهي مڃڻي، جيئن شيخ اياز چيو هو:

**موت تي ڪهڙي ميار، جيئن اچي ڄاتي اچي،**
**ڳالهہ آهي زندگيءَ جي توڙ تائين مڃ نہ هار.**

**ارم: محبت ؟**

**ادل سومرو:** بخيل دل ۾ محبت ناهي ايندي، هي ڪشادي دل وارن سخين جي مهمان ٿيندي آهي، هي سڃاڻپ ڪارڊ ناهي ڏسندي، محبت کان وڌيڪ ڪو ڀاڳ ناهي.

**ارم: ٻالا زندگيءَ جو حسين دور ؟**

**ادل سومرو:** ٻالڪپڻ، جنهن ۾ ڪابہ خواهش ناهي، بي پرواهي آهي.

**ارم: وقت ؟**

**ادل سومرو:** ڪهڙو بہ وقت هجي، گذري وڃي ٿو، بدترين وقت جي اها چڱائي آهي تہ اهو بہ گذري وڃي ٿو.

**ارم: خواب ؟**

**ادل سومرو:** زندگيءَ مان خواب نڪري وڃن تہ اها بي رنگ ۽ بي چس بڻجي وڃي، زندگيءَ جي ڏيڻ ۾ خواب ئي جيئڻ جو سبب بڻجن ٿا.

**ارم نفرت ؟**

**ادل سومرو:** ڪڏهن ڪڏهن نفرت، محبت کان وڌيڪ طاقتور بڻجي وڃي ٿي، انسان دشمن قوتن سان نفرت، انياءَ سان نفرت، اهي نفرتون بہ ڪڏهن جيئڻ جو سبب بڻجي وڃن ٿيون، ان احساس کانسواءِ محبت جو تصور نٿو اڀري.

**ارم: وفا ؟**

**ادل سومرو:** وفا، هڪ رويو آهي يا ڪيفيت آهي بهرحال شاعرن وٽ ان جو تذڪرو گهڻو رهيو آهي، اسان صرف ٻين مان ان جي تقاضا ڪندا آهيون.

**ارم: ثقافت:**

**ادل سومرو:** ثقافت وقت ۽ حالتن سان تبديل ٿيندي رهندي آهي، اهڙي ثقافت جيڪا اسان جي اخلاقي، سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ رڪاوٽ بڻجي ان کان پاسو ڪجي.

**ارم: سياست ؟**

**ادل سومرو:** سڌريل معاشرن جو هڪ اهم هاڪاري هٿيار، حقن جي حاصلات جو اهم محاذ، اسان وٽ ان کي ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪيو ويو، جنهن ڪري عام ماڻهوءَ جو ويساهہ مجروح ٿيو.

**ارم: اسان جو ادب ؟**

**ادل سومرو:** روشن خيالي ۽ ترقي پسندي اسان جي ادب جي مکيہ سڃاڻپ رهي، ڪنهن وقت سنڌي ڪهاڻي کي ٻين نقادن عالمي سطح جو قرار ڏنو هو، هن وقت ناول جي سٺي اوسر ٿي آهي، باقي ڪيترن شعبن ۾ فخر لائق ڪم نہ ٿيو آهي.

**ارم: شاعري ؟**

**ادل سومرو:** سنڌي شاعري مقدار جي لحاظ کان اڳيري آهي، وڏي تعداد ۾ شعري مجموعہ شايع ٿين پيا، جن شاعرن پنهنجي انفراديت قائم ڪئي آهي انهن جو تذڪرو رهندو، باقي آهي شوق تہ ان جو ڪو ملهہ ناهي.

**ارم: سوشل ميڊيا ۽ اسان ؟**

**ادل سومرو:** هاڻي جڏهن سنڌي رسالا شايع نٿا ٿين تہ سڀني سوشل ميڊيا جو رخ ڪيو آهي. پيا ڪيترائي سياسي ۽ قومي مسئلا بہ اتي اچن پيا، مجموعي طور تي سڄاڻ قومن جيان اسان ان جو اڃا صحيح استعمال ناهيون سکيا، ڪڏهن ڪڏهن تماش بيني ڪلچر حاوي ٿيو وڃي.

**ارم: اسان جو نوجوان ؟**

**ادل سومرو:** اسان جا نوجوان گهڻا باصلاحيت آهن، پر انهن کي موقعا گهٽ ملن ٿا. ميرٽ جي لتاڙ سبب انهن ۾ مايوسي پکڙجي ٿي.

**ارم: سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا ؟**

**ادل سومرو:** ڪجھ دوا ڪجھ دعا مڙئي سلسلو هلي پيو، پروفيشنل ازم جي اڃان پهرين ڪلاس ۾ آهي.

**ارم: سماج مان ڪا منفي شيءِ رد ڪرڻ جو اختيار ملي تہ ؟**

**ادل سومرو:** ڪوڙ ڳالهائڻ تي مڪمل پابندي هڻان.

**ارم: ساڀيان ؟**

**ادل سومرو:** هڪ اهڙي تمنا جنهن جو ڪو انت ناهي، جيترا خواب آهن اوترين ساڀيائون ناهن.

**ارم: شڪايت ؟**

**ادل سومرو:** شڪايت پنهنجن سان رهي ٿي، جن سان تعلق ئي ناهي انهن سان ڪهڙي شڪايت.

**ارم: سنڌ ؟**

**ادل سومرو:** مون کي شهرت نہ ڪوئي بہ نالو کپي سنڌ منهنجي سڃاڻپ جو اهڃاڻ آ، بس اهوئي تہ مون کي حوالو کپي، سنڌ آهي تہ اسان بہ آهيون، ان کانسواءِ اسان جي ڪهڙي سڃاڻپ.

**ارم: شاهہ لطيف جي شاعري ؟**

**ادل سومرو:** سنڌي ٻوليءَ جي چوڌاري مضبوط ڪوٽ آهي، سنڌي تهذيب ۽ ثقافت جو امين.

**ارم: ادبي ميلا ؟**

**ادل سومرو:** چڱي ادبي سرگرمي، پاڻ ۾ گڏجڻ ۽ ويچار ونڊڻ جو سٺو موقعو آهي ان کانسواءِ ميلائي مخلوق جي گذر سفر جو وسيلو.

**ارم: اڄوڪي موسيقي ؟**

**ادل سومرو:** ٻين جون ڌنون چورائڻ تي اسان جي شرمساري بہ نٿي ٿئي.

**ارم: سنڌي صحافت ؟**

**ادل سومرو:** قومي خدمت سان گڏ پنهنجي خدمت ۽ طاقت جو خمار.

ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد
Regd. No: 3160

## ڪهاڻي

# ڪڌ

**ڊاڪٽر اعجاز سمون**

سڄي گهر ۾ خاموشي هئي، رڳو ڪوڏر جي لپي هڻڻ جو آواز ماحول ۾ ٿي گونجيو... گهر ياتي، گهر ۾ ائين خاموش ۽ سراپيل هئا ڄڻ ڪو نانگ ڪکي ويو هجين. هر ننڍي وڏي ياتيءَ جون اکيون رڳو سانوڻ جي وجود ۾ ڪتل هيون. سانوڻ جيڪو گهڻي دير کان گهر جي پڊر ۾ ڪوڏر سان هڪ اونهي ڪڌ کوٽي رهيو هو. هو مسلسل بنا ساهيءَ جي لپي مٿان لپو هڻي رهيو هو... هن جو سڄو وجود پگهر ۾ پرجي ويو هو. جيڪو پگهر هاڻي نرڙ تان لهندي اکين ۾ پوڻ لڳو هئس. جنهن جي ڪري هن جون اکيون ڪرڻ لڳيون هيون. هو قبر نما ڪڌ مان پوري سگهه سان لپو ٻاهر اُڇلائي ٿو، جنهن مان ڪجهه مٽي جا ذرا شهزاديءَ کي وڃي لڳن ٿا... شهزادي جيڪا سانوڻ جي زال آهي. جنهن جي سونهن سڄي پاڙي ۾ عورت ۽ مرد جي اک جو مرڪز هئي. شهزاديءَ جا ڊگها ڪارا وار، هلڻ وقت ڄڻ ڪاريهر نانگ وانگر پيا جهومندا هئا. سندس چمڪندڙ اکيون، ڳالهه ڳالهه تي مرڪي پوڻ ۽ ڳٽن ۾ چگهه پوڻ ئي هن جي سونهن جو ڪارڻ هئا. هوءَ خاموش پَٽ تي ڪنهن بانديءَ وانگر ويٺل هئي. سندس ڪنڌ جهڪيل هو، هٿ ۽ پير رئي سان ٻڌل هئا. مٿي جا وار کليل هئا، جنهن سان سندس اڌ چهرو ڍڪيل هو، چهري تي هلڪا هلڪا ڌڪن جا تازا نشان پڻ ظاهر هئا. هوءَ ڪوٺيل ڪاهيءَ جي ٿورو پريان ديوار کي ٽيڪ ڏيو ڪنهن بيوس وجود وانگر ويٺل هئي. سانوڻ ڪڌ مان لپو ٻاهر اڇلائي هڪ دفعو زال کي ڪروڌ ۽ ڌڪاريل نظرن سان ڏسي ٿو، جنهن جو ڪنڌ جُهڪيل ۽ اکيون آليون هيون. سانوڻ جي چهري تي ڪاوڙ جون ريکائون چٽيون ۽ ظاهر ٿي بيهن ٿيون. هو نفرت مان منهن پري ڪري ٻيهر ڪڌ کوٽڻ ۾ لڳي وڃي ٿو... سامهون وراندي ۾ گل بانو ويٺل هئي، جنهن جي چوگرد سانوڻ جون ٽي ڌيئرون ويٺل هيون. جيڪي اهو سڀ ڪجهه ڏسي رهيون هيون، سانوڻ جي وڏي ڌيءَ ستن سالن جي ۽ آخري ڌيءَ ٻن سالن جي آهي، جيڪا روئي روئي هاڻي گهري ننڊ ۾ ستل هئي. سانوڻ کي پٽ جو اولاد نہ هو. سانوڻ چار ڌيئرون، پٽ جي آسري ۾ بنا وقفي جي پيدا ڪيون هيون، جن لاءِ اڪثر چوندو هو تہ "منهنجي گهر ۾ رڳو گُڏين جهڙيون ڌيئرون آهن، جيڪي منهنجي وجود ۾ ساهہ ڪٽي رهيون آهن."

اندر ڪمري ۾ سرواڻ ويٺل هو، جيڪو ڪمري جي دريءَ مان گهڻي دير کان سڄي ماحول کي ڏسي رهيو هو. هو پنهنجي چاچي سانوڻ تان نظر هٽائي هڪ نظر پنهنجي ماءُ گل بانو جي چهري تي وجهي ٿو، جيڪا ڪنهن فاتح شهنشاهه جيان شهزاديءَ کي ڏسي ۽ مرڪي رهي هئي...

گل بانو سانوڻ جي ياڄائي آهي، جيڪا هن وقت تائين سڄي گهر جي اڇي، ڪاري جي مالڪياڻي هئي. جنهن جي چوڻ کانسواءِ پکي بہ گهر ۾ نہ ايندو آهي... هن جي ڪاوڙ ۾ رڙ ڪرڻ سان سيني ياتين جو ساهہ ڄڻ مٺ ۾ اچي ويندو آهي... گل بانو جو مڙس ٻارنهن سال اڳ مري ويو هو. هو پنهنجي آفيس جي ملازمن سان ابل درياءَ تي پڪنڪ ملهائڻ لاءِ ويو هو تہ گهر ڪونہ موٽيو هو. هن وهنجڻ لاءِ پُل مٿان درياءَ ۾ ٽپو ڏنو هو، هو تارو هجڻ باوجود پاڻيءَ ۾ گم ٿي ويو هو. هن جي گم ٿيڻ تي سڄي آفيس جو عملو پريشان ٿي ويو هو. بعد ۾ هن جو لاش ٽن ڏينهن جي ڳولا ڪانپوءِ روهڙي ڪئنال مان لڌو. موت جو سبب مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ هو. ان وقت سانوڻ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو ۽ سڄو خرچ سندس وڏو ياءُ مور ئي ڏيندو هو... مور جي مرڻ ڪانپوءِ سانوڻ پڙهائي ڇڏي اچي گهر وينو هو، پر سندس ياڄائي گل بانو ائين ٿيڻ نہ ڏنو هو ۽ سانوڻ کي پڙهڻ لاءِ ٻيهر يونيورسٽي موڪليو هو.

مور پنهنجي پٺيان هڪ بيواهہ سان گڏ ڇئن سالن جو پٽ بہ ڇڏي ويو هو، جنهن جو نالو سرواڻ هو. جنهن جي پالنا ياءُ جي مرڻ ڪانپوءِ سانوڻ ئي ڪئي هئي. جنهن جي هن وقت عمر لڳ ڀڳ ٻارنهن سال آهي ۽ هو ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پڙهندو آهي ۽ هن وقت وئڪيشن تي ڳوٺ آيل هو.

سانوڻ يونيورسٽي مان ماسٽرز ڪرڻ ڪانپوءِ هاءِ وي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلارڪ ڀرتي ٿيو هو ۽ ڪجهه ئي سالن ۾ ڊپارٽمينٽ جو امتحان پاس ڪري هو هاءِ وي ڊپارٽمينٽ ۾ اڪائونٽنٽ ٿيو هو. مٿين ڪمائي هجڻ ڪري، هاڻي هن وٽ پئسو ڏوڪڙ گهڻو اچي ويو هو. گهر جي ڪار پورچ ۾ بہ نئين ماڊل جون گاڏيون بيٺل هونديون هيون، جنهن مان هڪ پنهنجي لاءِ ۽ ٻي گهروارن لاءِ استعمال ۾ هوندي هئي. سانوڻ جي ڳچيءَ ۾ هڪ ٿلهي سوني چين، ٻانهن ۾ راڊو واچ ۽ بوسڪيءَ جو وڳو سندس سجاڳپ هو. هن جو گهڻو اٿڻ ويهڻ وڏن ماڻهن سان هو. سياسي ماڻهن جون دعوتون اڪثر سندس گهر تي هونديون ئي هونديون هيون. جنهن ڪري شهر جي وڏن ٺيڪيدارن کان وٺي سياستدانن جي اک جو تارو هو.



گل بانو جي چهري تي هڪ عجيب ڳنڀيرتا هئي، جيڪا گهڻي دير کان شهزاديءَ کي ٽڪ ٻڌي ڏسي رهي هئي ۽ پنهنجي منهن پئي پڻڪي "ٿُڪ هجئي منهن ۾... هاڻي ويني ڪيئن آهي... ڪجهه تہ خيال ڪرين ها... ايڏو عرصو تہ ڪونہ ٿيو هو... جو گرميءَ ويهڻ ئي ڪونہ ڏنئي..."

شهزادي پريان پڊر ۾ کوٽيل ڪڌ پرسان پٿر جي مورتيءَ وانگر ويٺل هئي... جنهن جي اکين مان ڳوڙها ٽمي رهيا هئا، پر گل بانو جي چهري تي هن لاءِ احساس جي ڪا سَٽَ ئي اندر ۾ نہ ٿي اُڀري، هوءَ سانوڻ کي ٽڪ ٻڌي ڏسي ٿي، جيڪو پنهنجي چيلهہ تائين ڪڌ کوٽي چڪو هو. هوءَ ڪير جو فيڊر ڪٽي سندس ننڍڙي ڌيءَ نورالنساءِ جي وات ۾ وجهي ٿي، جنهن جي وات مان ڪير جي بوتل نڪري وئي هئي، جيڪا بوتل مان چُسڪي وٺي... ٻيهر اکيون بند ڪري... ننڊ جي آغوش ۾ هلي وڃي ٿي. سانوڻ ڪوڏر جي لپي لپي سان سوچڻ لڳي ٿو. هن ائين ڇو ڪيو؟... ڪيڏو تہ مان هن کي چاهيو... ڪيڏو

ته مان هن کي پيار ڪيو... توري تڪليف به ٿيندي هئس ته سڄي سڄي رات جاڳي هن سان گذاريندو هئس. هر اها شيءِ هن اڳيان آڻي اچي رکندو هئس، جيڪا هوءَ وات مان ڪڍندي هئي، پوءِ هن ائين ڇو ڪيو؟... ڇو منهنجي وجود ۾ داغ هڻيائين؟ ڇو پنهنجي خوبصورت وجود ۾ ڪنهن ٻي کي پيوند ڪيائين؟... ڪيڏو ته مون کي ڪمزور ڪري ڇڏيائين... هڪ ئي ڌڪ ۾ منهنجي ڇيله ٽوڙي وڌائين... کهڙي منهن سان هاڻي مان لوڪ ۾ ويهندس... سندس سنگ گهرڻ لاءِ مون ڪيڏا نه ايلاز ۽ منٿون ڪيون هيون سندس پيءُ کي، الائجي ڪيئن نور محمد سنگ ڏيڻ لاءِ راضي ٿيو هو. پوءِ هي هن ڇا ڪيو؟... ائين هن ڇو ڪيو؟..." هن جي هٿن مان اچانڪ ڪوڏر ڍري ٿي رڪجي وڃي ٿي... هو ڪڏ مان نڪري وارندي ڏانهن اچي ٿو. ٽئي ڏيئرون سندس وجود کي چنبڙي وڃن ٿيون... هو ٽنهي ڏيئرن کي ڇاتيءَ سان لائي سڏڪي پئي ٿو...

"سانوڻ فيصلي ڪرڻ ڪانپوءِ... توکي پڇتاءُ پيو ٿئي ڇا؟"

گل بانو سانوڻ کي سڏڪندو ڏسي ڇيو.

"نه هرگز نه... فيصلو منهنجو اٽل آهي... اها سزا ئي هن جو مقدر آهي" "الائجي تون سڏڪي جو پئين؟"

"سڏڪي پيس ٻارن جي محبت ۾" سانوڻ پنهنجون اکيون صاف ڪيون. "ٻارن جو فڪر تون نه ڪر... مان جو ويٺي آهيان" گل بانو دلداري ڏيندي چيس.

سانوڻ ڪجهه سوچڻ ڪانپوءِ ڪنڌ لوڏي ها ڪري ٿو...

"منهنجي مڃ ته تون انهيءَ داڳيل کي... پستول جي گولي هڻي... انهيءَ کڏ ۾ پوري ڇڏينس" گل بانو ڪاوڙ مان لفظ ڪڍيا. سرواڻ ماءُ جا لفظ ٻڌندي ڇرڪ پريو ۽ پٽر جو ڇڻ ٻت ٻڻجي ويو.

"نه ياڇائي مان انهيءَ ڪميڻيءَ کي گولي هڻي ايڏو جلدي موت ڪونه ڏيندس... مان هن کي انهيءَ کڏ ۾ جيئرو پوريندس ته جيئن هن جي اذيت سان پريل... مان هڪ هڪ رڙ ٻڌان... هن جي وجود جي تڙپ ڏسي سگهان..." سانوڻ ڪاوڙ ۽ نفرت مان لفظ ڪڍيا.

گل بانو هڪ نظر شهزادي تي وڌي ۽ هن کي پونڊو ڏيندي چيو

"ڏسي ڪيئن پئي... ڇڻ ڪو ڪوٺ ڪٽيو ويٺي آ... ڇا رڳو پندرهن ڏينهن عمري ڪرڻ لاءِ ويا آهيون؟ ته پنيان منهن ڪارو ملايو ويٺي آ... اهو ٻه انهيءَ ڪني ڇُهڙي ڊرائيور سان" سانوڻ کي گل بانو جا اهي لفظ گولي ٻڻجي ڇاتيءَ ۾ لڳا. هن وڏي ڏيءَ کي ياڪر ۾ پريو... جنهن اهو سڀ ڪجهه ٻڌايو هئس ته هن ماءُ سان ستل اگهاڙي جسم، ڊرائيور کي پادر ڪٽي ڪٽيو هو ۽ سندس شلوار ڪٽي لڪائي هئي... جنهن تي ماٽس ڏاڍي مار ڪدي هئي ۽ اها ڳالهه ڪڻ تي زهر ڏيئي مارڻ جي ڌمڪي ٻه ڏني هئي، پر وڏي ڏيءَ شهناز اها سڄي پيرائتي ڳالهه ساوڻ کي روئيندي روئيندي ٻڌائي هئي ۽ اها شلوار ٻه ڏيکاري هئي... ڏيءَ جي ڳالهه ٻڌندي ئي سانوڻ جي پيرن هيٺان ڇڻ زمين ترڪي وئي هئي. هن زال کي ڪاوڙ ۽ خار مان ڏاڍو ماريو ڪٽيو هو. سڄي گهر ۾ رڙيون ۽ ڇيخون پئجي ويون هيون. ان ڪانپوءِ سانوڻ دل تي پٿر رکي ڇڻ اهو فيصلو ڪيو هو... سانوڻ ڪاوڙ مان اُٿي بيهي ٿو، ٽئي ڏيئرون ٽنگن ۾ چنبڙي پونس ٿيون... هو ٻارن کي پاڻ کان زوري آجو ڪري ٿو... ڏيئرون روئڻ ۾ ٻڌجي وڃن ٿيون... وڏي ڏيءَ شهناز سڏڪندڙ ٻنهي ننڍڙين ڀينرن کي ياڪر ۾ ڪري ٿي، ننڍڙيون ڀينرون روئڻ ۾ ٻڌجي وڃن ٿيون... سانوڻ تيز قدمن سان شهزادي طرف وڌي ٿو... شهزادي جيڪا زمين تي ڪنهن زنده لاش جيان پيل آهي. هوءَ سانوڻ جي قدمن جي آواز تي هوريان هوريان اکيون مٿي ڪٽي هن کي ڏسي ٿي. سانوڻ هن جي ڇمڪندڙ اکين ۾ ڏسندي ئي سراپجي وڃي ٿو ۽ سندس قدم رڪجي وڃن ٿا. سڄو جسم ڇڻ ٽٽو ٿي وڃيس ٿو، هو وڏا ساهه پري ڇڻ پنهنجي وجود ۾ طاقت پرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو... هو شهزاديءَ جي ويڻيءَ ۾ پنهنجو مضبوط هٿ وجهي ٿو ۽ هن کي اُٿارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. گهڻي زور ڪانپوءِ شهزادي اُٿي هن جي سامهون بيهي ٿي... هو هن جي ڇهري ۾ ڇتائي ڏسي ٿو، پر ڏسي نٿو سگهي... ڇو جو هن جي ڇهري ۾ هن کي ڪابه پڇتاءُ جي ريکا ئي نظر نٿي اچي. رڳو درد ئي درد ڇهري تي پکڙيل نظر اچي ٿو... هوءَ نفرت مان سانوڻ جي ڇهري ۾ ڏسي ٿي. سانوڻ هن جي ڇهري تي ڪاوڙ مان هڪ زوردار ڇماٽ هڻي ڪڍي ٿو. هن جي نڪ مان رت ڦوهارو ٻڻجي وهڻ لڳي ٿو. هوءَ درد محسوس ڪندي سڏڪي پئي ٿي. سانوڻ هن کي کڏ ۾ اُڇلائڻ لاءِ ڇڪي ٿو. هن جا پير زمين سان گسجڻ لڳن ٿا. هوءَ ڇند قدمن جي مفاصلي تي کڏ کان پري هئي. سانوڻ زور سان هن کي ڇڪي کڏ ۾ اڇلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته اچانڪ هڪ مضبوط هٿ پنهنجي ٻانهن ۾ پوندو محسوس ڪري ٿو. هو ڇرڪ پري هن کي ڏسي ٿو،

"هي ڇا پيو ڪرين سرواڻ؟ هٽ ڪڍ"

سرواڻ خاموش بيٺو ئي رهيو... سانوڻ اڳيان پٽ ٻڻجي.

"مان چوائين ٿو هٽ ڪڍ سرواڻ"

"مان توهان کي اهو ڪرڻ نه ڏيندس چاچا"

سانوڻ جي اندر ۾ ڪروڌ پرجي وڃي ٿو. هو ڪجهه لمحن لاءِ خاموش ٿي وڃي ٿو ۽ سرواڻ جي ڇهري ۾ ڏسي ٿو، جنهن جي ڇهري ۾ ڇڻ آتش فشان ڦاٽو هجي... اچانڪ سرواڻ جي ڳڻتي تي زوردار ڇماٽ لڳي ٿي... هن جو هٿ شهزادي جي ويڻيءَ مان ڍرو ٿي وڃي ٿو. سامهون پنهنجي ماءُ گل بانو کي ڏسي ٿو... جنهن جي سڄي وجود ۾ ڪروڌ ۽ لفظن ۾ نفرت جو ڇڻ گندرف پريل هو.

"تنهنجي اها جرئت جو وڏي جي فيصلي کي روڪين ٿو. هي داڳيل آهي، ڪاري آهي ۽ اها ئي هن جي سزا آهي... سانوڻ ڏسين ڇا ٿو...؟ سوچين ڇا ٿو...؟ اُڇلائينس انهيءَ کڏ ۾."

سرواڻ ماءُ کي نفرت مان ڏٺو ۽ سانوڻ کي اکيون اکين ۾ ملائيندي چيو "نه چاچا نه، جيڪڏهن هيءَ داڳي آهي ته پوءِ تون ائن سالن کان اسان جي ڪمري ۾ اچي امان سان ننگو سمهندو رهيو آهين... هن کان وڌيڪ ته امان داڳي آهي... تون داڳي آهين... پهريان هن کڏ ۾ توهان کي پورڻ گهرجي."

سرواڻ جا لفظ نه هئا ڇڻ ڪو ائٽم بم هو، جيڪو هنن جي وجود مٿان ڪريو هو. ماحول کي خاموشي ڳڙڪائي وئي هئي... گل بانو ۽ سانوڻ جا وجود ڇڻ برف جي سر ٻڻجي پيا هئا. سانوڻ جا هٿ شهزاديءَ جي هٿن مان ڍرا ٿي هن کي آزاد ڪري ڇڪا هئا... هو مٽيءَ مٿان گوڏا کوڙي ويهي رهيو هو... سندس وجود مان سگهه ڇڻ ڪنهن ڪبوتر وانگر پڙڪو ڏئي اُڏامي وئي هئي... هو فيصلو نٿو ڪري سگهيو ته کڏ ۾ پهريان ڪنهن کي پورجي...



### ڪهاڻي

# ڪرامت

**انور شيخ**

منظور شاهه اتر سنڌ جي ڪڇي جو سيد هو ڏاڍو ڪلڻو ملڻو ۽ مهمانواز هو. انور سومري سان گهڻي لڳندي هئس. انور سومرو پڪي تي بند جي پرسان ڳوٺ ۾ رهندو هو. سائين منظور شاهه ڪچي وڃي يا اچي ماني نه ته به ڊڪ پاڻيءَ جا ضرور انور جي اوطاق تي پيئندو ويندو هو. هڪ ڏينهن ڪلندي انور چيس، سائين توهان جا وڏا ته پتيون هلائيندا هئا، توهان ڪي ته موٽرسائيڪل به هلائڻ ڪونه ٿي اچي.

موٽ ۾ مرڪندي چيائين، پتيون هلنديون هيون ويساهه سان سيدن ۾ ساهه ڪونهي جو لانگ ورائي پٽ ڪي چون هَلُ ته هلي پوي، ماڻهو اهو ئي مڃي ٿو جيڪو مڃڻ چاهي ٿو، اڄ اهي اکيون ئي ڪونهن. اکين جو فرق آ نه ته سيد ته مان به آهيان پر ماڻهن ۾ اهي اکيون ئي ڪونهن جڏهن انهن نظرن وارا ماڻهو مليا نه پتيون به هلائي ڏيکاريندوسانءِ ۽ ڪرامتون به ڪبيون. سائين ڪي ٻاونجاهه ماڊل وليز جيپ هوندي هئي جنهن تي پيو سير سپاٽا ڪندو رهندو هو هڪ ڏينهن انور سومري ڪي ساڻ ڪري مريدن ۾ وڃي مهمان ٿيو، سائين ڇا پهتو سڄي ڳوٺ جا ماڻهو سڀ ڪم ڪاروبار ڇڏي سائينءَ جي سامهون پٽ تي پلٿي ماري ويهي رهيا. ڪو پاڻي پيو پڙهائي ته ڪو سڳو پيو سورائي، اوطاق وڏي لانڍ تي مشتمل هئي وچ تي ٻاهه پئي ٻري چوڏاري پلال جي پاٿاريءَ تي مريد، ميرن ڪپڙن ۾ موجود هئا، صرف سائين ٻاهه پرسان ڪشموري پاون واري کٽ تي ويهاٽا پاسن ۾ ۽ سوڙ ڄنگهن تائين سوريو وينو هو. انور سومرو به سائينءَ جي سيرانديءَ کان پاٿاريءَ تي وينو هو انور جي هيٺان به ٽڪ جي رلهي وڇايل هئي، اوطاق جو اڱر وڏو هو، چوڏاري ٿالهيءَ جا وڻ ٻيٺل هئا سائين ڳوٺ جي چڱي مڙس جي اوطاق تي ترسيل هو، سنڌ جي ڳوٺن جا چڱا مڙس هرو پرو زمين جي زور تي به ڪونهن هوندا. پڳائتا پريا مڙس پنهنجي ارڪانن آهر به جوءِ ۾ جاءِ ٺاهيو اچن، سو پريو مڙس پيرل به اهڙن انسانن مان هو، جنهن سائينءَ جي جتي لاهي پير ڌوئاريا هئا، سائين ڪي ڳوٺ ۾ دعوتون ته گهڻيون هيون پر سيني ڪي سائينءَ ويلو پڇائي موڪلڻ جو چيو هو باقي ويندي قدم سيني گهرن مان گهمائڻ جي پڪ ڏني هئائين شام جو انور سومرو هڪ مريد جي ٻي اوطاق تي هڪ نسلي ڪتو ڏسي آيو هو، سو رات جو ماني کائي وينا ته ان مريد به سائينءَ جي پيرن تي اچي هٿ رکيا، انور سومري سائين ڪي ڪن ۾ ڪتي جي ڳالهه ڪئي، سائين ڳالهين ڳالهين ۾ ان مريد جنهن جو نالو حمزو هو تنهن کي چيو

”حمزه تو وٽ ڪتو ڏسائجي ٿو“

”جيءُ مرشد ٻچو ڪري پاليو آ“

”بيمان ٿو ٿئين“

”مجال آ، قيامت ڪاري ڪندس، عيوضي ۾ مينهن ڏنم“

سڀ حيران ٿي ويا ته حمزي سائين کي ڪتي کان جواب ڏنو پر سائين چپ ڪئي ڇو جو ڪتي جا شوق سائين ڪندو ڪونه هو. موٽ ۾ مينهن مليس پئي، ڪتو ته ڪاهي وڃي ها انور سومرو.

صبح سان نيرن حمزو ڪرائي آيو هو، سائين جڏهن نيرن ڪئي ته حمزي چيس،

”مينهن تي هلي هٿ رکي پنهنجي ڪيو ته الکو لهي سڄو گهر پريشان آهي“

سائين سان گڏ موجود سڀ ماڻهو انور سميت روانا ٿيا. حمزي جي گهر پرسان منهن ۾ مينهن ڏسي سائين ٺري پيو. هٿ گهمائي دعا گهريائين. ان وقت سائينءَ کي خيال ٿيو ته جنهن ڪتي کان حمزي جواب ڏنو ۽ ههڙي ڀلي مينهن ڏني اٿائين سو ڏسجي ته سهي، سو حمزي کي چيائين،

”حمزه هاڻي ڪتو ڏيکار“

سڄو ڊنب ماڻهن جو سائينءَ جي ڪڍ اچي ڪتي مٿان بيٺا جيڪو اوطاق جي اڱر ۾ وڻ جي هيٺيان ٻڌل هو، سياري جي صبح جو ٽڙڪي بدران ڪنهن ڪتي کي وڻ هيٺان ٻڌو هو سو شايد سيءُ ڪري يا ماڻهن جو ڊنب ڏسي خوف سبب يا ڪڏهن اينڊو ڪرائڻ ڊس آرڊ جي ڪري به ڪتا شديد طريقي سان ڏڪندا آهن سو ڪتي تمام گهڻو ڏڪڻ شروع ڪيو، انور سومري به موقعي کي نه وڃايو هڪل ڪري سائينءَ جي قدمن ۾ ڪري چوڻ لڳس،

”رحم ڪر سيد ٻچا اٿئي“ سائين به انور جي فنڪاري پروڙي ويو سو اکيون ڦبرائيندي چيائينس،

”سچي آکه، سڄو ڳوٺ“ ”رحم سائين رحم“ چئي مرد سائين کي التجائون ڪرڻ لڳا. پريان لوڙهن کان بيٺل عورتون جيڪي سائينءَ جو لِڪ چوري ۾ ديدار ڪري گناهه گهٽائڻ آيون هيون تن ۾ روڄ پئجي ويو.

”مار پئي حمزي کي ڪتي کاڻ ڳوٺ ٿو ساڙائي“

حمزي پوتڙو لاهي سائين جي پيرن تي اڇليندي چيو،

”سائين ڏنم، رحم ڪيو“

منجهند جي ماني کائي مريدن کان مليل سوکڙيون ۽ ڏن وٺي سائين مينهن پنهنجي ڪري ڪتو جيپ ۾ وجهي روانو ٿيو، رستي ۾ انور کان پڇائين،

”ايڏي حاضر دماغي ڪيئن آيئي“

”بس سائين پاڻ ته مينهن وٺي ننڊ پئجي ويو هئين سڄي رات مان ٻاهه تي ويهي ٻاهيون کائيندي گذاري هئي، صبح جو جڏهن ڏٺم ته ڪتو ڏڪي ٿو موقعو مهل پرکي مان به وار ڪيو ته جيئن مريد سمجهن ته سائين ڪتي کي ڏسي جلال ۾ آيو آهي ۽ ڪتي نه ملڻ جي ڪاوڙ اٿس جيڪا ماڻهن تي به اثر ڪري سگهي ٿي، تڏهن مان توهان کي چيو ته رحم ڪر ٻچا اٿئي“.

”هاهاها ۽ مان به موقعي تي ئي سمجهي ويس ۽ اکيون ڦبرائي چيو مان، سچي آکه، سڄو ڳوٺ“



”پوءِ ته هوش اڏري وين“. ها...ها...ها...ها.

تڏهن ته چوندو آهيان سڄاڻ لاءِ اها اک گهرجي، ڏنئي مرشد کي سڃاڻڻ واريون اکيون آيون ته ڪرامتون به شروع.

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

## تاثراتي ڪهاڻي

# فلائينگ ڪِسِ

حميره نور

منهنجي ڪهاڻي به هر ڏکايل شخص وانگر ڏکوئيندڙ آهي مون هر پل جيئندي ۽ مرندي گذاريو آهي. مون کي خبر ناهي ته مون ڪهڙو گناهه ڪيو آهي جو هڪ ئي وقت قدرت جي ۽ زماني جي سزا ختم ئي نٿي ٿئي...!!!؟

مان زارون قطار روئندي هئس ۽ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي هئس، پنهنجو پاڻ کان سوال ڪندي هئس ته هيءَ نه ڪٽندڙ سزا مون کي ملي آهي يا منهنجي پيءُ ماءُ کي...!!!؟

هڪ ڀيرو سکر بس اسٽينڊ تي بيٺي هئس ته اتي هڪ سوزوڪي اچي بيٺي ان ۾ هڪ گانو هلي رهيو هو (ڏک جي نه پڇاڻي آ، هر شخص ڪهاڻي آ) سچو گانو ٻڌم ۽ دل کي آٿت ملي ته صرف مان نه پر سڀ تڪليف ۾ آهن پريشان آهن.

ان ڪانپوءِ هڪ دڪان تي ويس ڪيسٽ واري کي چيم ته هن گاني واري ڪيسٽ ڏي، دڪان تي ٽي ڄڻا ويٺا هئا ٽنهي پاڻ ۾ هڪٻئي کي ڏٺو ۽ پوءِ مون کي غور سان ڏٺو پوءِ ٽيئي زور سان کليا ۽ مان صفا چپ هئس پر ڳالهائڻ جي همت ڪيم، چيم ڇو ٿا کلو؟ هڪ ڄڻي چيو تنهنجو ڇا ان گاني ۾ تون لوڪ گيت ۽ ڊسڪو ڊانسر وارا گانا ٻڌ ۽ ڊانس ڪر. مون چيو ڇو اسان انسان ناهيون؟ اسان کي تڪليفون نٿيون ملن؟ اسان بيمار نٿا ٿيون؟ اسان جو نفس ڪونهي؟؟؟ سڀ ڪجهه رڳو اوهان وٽ آهي، جلدي ڪر مون کي ڪيسٽ ڏي. انهن مان هڪ ڄڻي مردانگي ڏيکاريندي چيو بلي... هي به هاڻي غيرت مند ٿيا آهن! منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا پر برداشت ڪيم ظاهر ڪونه ڪيم پرس مان پئسا ڪڍي دڪاندار کي ڏنم ۽ هن مون کي ڪيسٽ ڏني ڪيسٽ تي (صادق فقير) لکيل هو ۽ فوٽو به لڳل هو.

مون سنڌي جا سڀ ڪتاب پڙهيا آهن پهرين کان ڇهه ڪلاس وارا ان ڪري سنڌي پڙهي ويندي آهيان ڪيسٽ کڻي گهر آيس ۽ اچڻ شرط ئي هٽ منهن ڌوئي کٽ تي ويٺيس ته هڪدم خيال آيو ته ڪيسٽ ٻڌان ٽيپ رڪارڊر ۾ ڪيسٽ وجهي گانو هلايم ته گهر جا سڀ ڀاتي منهنجي چوڌاري اچي بيٺا ۽ سڀ حيران پريشان مون کي ڏسڻ لڳا ۽ مان سڀني کي خاموشي سان ڏسندي رهيس ۽ اوچتو ڪنهن ٽيپ جو بٽڻ دٻايو ۽ گانو بند ٿي ويو ۽ آواز آيو ته بلي.... هن کي وڏا ڏک آهن تڪليف صرف هن کي آهي اسان کي ته ڪجهه آهي ئي ڪونه...!!! بند ڪر هي گانا.... هن قسم جا گانا اسان جو شان ناهن اسان کي هر حال ۾ خوش رهڻو آهي اسان خوشين جا گانا ڳائينداسين ته چار پئسا ملندا تڏهن وڃي گهر ۾ چلهه ٻرندي، ويس وڳا، ميڪ اپ ۽ زيور وٺنداسين ته هي سماج اسان کي اهميت ڏيندو نه ته گهر ۾ ڏوڙ پيا پائينداسين ته اسان کي ڪو پڇندو به ڪونه....!!!

جنهن ٽيپ بند ڪيو ۽ مون کي پاسڻ ڏنو ان ئي ٽيپ مان ڪيسٽ ڪڍي زمين تي اڇلائي ۽ سر کٽي صفا ٽوڙي مروڙي پٽ جي ٻاهران اڇلائي ڇڏي. ان وقت مون کي ائين لڳو ته مون کي ٽوڙي موڙي اڇلايو ويو آهي، پر مان بيوس هئس ڪجهه نه چيم چپ رهيس ۽ پنهنجي حياتي تي سوچيندي رهيس.

مون کي خبر ناهي قدرت مون سان ائين ڇو ڪيو؟ منهنجا ٽي ڀائر آهن ۽ مان چوٿون نمبر آهيان. منهنجو پيءُ سعودي عرب جده ۾ ٽرڪ ڊرائيور هو، بابا سال ۾ هڪ ڀيرو ايندو هو ۽ ٻه مهينا پاڪستان ۾ رهندو هو، اسان جو شهر ملتان ۽ ٻولي سرائيڪي آهي، پر مون کي هاڻي سرائيڪي ناهي ايندي هاڻي بس سنڌي ۽ اردو اچي ٿي ڇو جو گهڻو وقت سکر ۾ هاڻي حيدرآباد ۾ رهان پئي.

جڏهن مان امان جي پيٽ ۾ هئس ته امان تي الزام لڳو ته هي ناجائز ٻار آهي. (بابا ۽ امان پاڻ ۾ سئوٽ آهن) جڏهن بابا سعودي واپس وڃي رهيو هو ته ان وقت بابا جو سئوٽ چاچا رحيم بخش بابا سان ملڻ آيو هو ۽ هفتو پورو بابا سان گڏ گهمڻ ڦرڻ ۽ ڪچهريون ڪندي گذاريائين. ان ڪانپوءِ لاهور مان بابا جي فلائيٽ هئي ۽ بابا سعودي هليو ويو. اسان جو گهر وڏو هو، ڏاڏا ڏاڏي به گڏ هئا ان ڪري سڀ مٽ مائٽ اسان جي گهر ۾ رهندا هئا ۽ امان پئي سڄو ڏينهن انهن جون خدمتون ڪندي هئي. ان ڏينهن چاچا رحيم بخش به موڪلائڻ جي ڪئي پر ڏاڏا روڪيندي چيس ته به ٽي ڏينهن رهي پوءِ وڃجانءِ ۽ پوءِ چاچا به رهي پيو.



چاچا منهنجن سڳن چاچن سان گڏ بني تي ۽ خاندان جي ٻين گهرن ۾ گهمندو هو رات جو ڏاڏا ۽ ڏاڏي سان ڪچهري ڪري سمهي پوندو هو ۽ ٽن ڏينهن ڪانپوءِ چاچا به هليو ويو.

ٻن مهينن ڪانپوءِ امان جي طبيعت خراب ٿي پئي ۽ خبر پئي ته امان کي پيٽ آهي ان تي منهنجي يقين گوڙ ڪيو ته هي ناجائز ٻار آهي

اهو پيٽ ڪٽان ٿيو. انهن ڏينهن ۾ اسان جو ادا اتي هو ئي ڪونہ.... ۽ ڳالھہ وچي چاچا رحيم بخش تي بيٺي ڇو جو بابا جي وڃڻ ڪانپوءِ چاچا ئي ڏينهن اسان جي ڳوٺ/گھر ۾ رهيو هو.

منهنجي ڏاڏي پنهنجي ڏيئرن جي چوڻ تي امان کي مارڪٽ ڪئي ۽ منهنجن مامن کي گھرائي امان جا اڻ ڪيل گناھ مامن کي ٻڌايا ماما چپ ڪنڌ هيٺ ڪري ٻڌندا رهيا ۽ ڏاڏي فيصلو ڪيو تہ پنهنجي ڀيڻ کي وٺي وڃو مان پنهنجي پٽ کي گھرايان ٿي، اوهان کي طلاق لکي موڪلي ڏيئي ڇڏيندا سين.

ان ڳالھہ تي امان رني ڏاڏي ۽ ڏاڏا کي ميڙ منٿ ڪئي تہ هي ٻار ناجائز ڪونهي اوهان چئو تہ مان ٻار ڪيرائي ڇڏيان پر مون کي گھر مان نہ ڪڍو طلاق نہ ڏيارڀو.... امان جي ان جملي تي منهنجي هڪ پڦي منهنجن مامن کي هڪل ڪندي چيو تہ ڏسو ڏسو ٻار ڪيرائڻ ٿي چاهي اهو ناجائز آهي تڏهن تہ ڪيرائي ٿي...! نہ تہ جائز ٻار ڪير ڪرائيندو؟ ڇو ڪيرائيندو...؟

امان کي پڦين ڌڪا ڏيئي گھر مان ڪڍيو، ان وقت امان جي مٿان قيامت ٽٽي جڏهن ڏاڏي ٽي ٻار ڏيڻ کان اهو صاف انڪار ڪيو تہ تون گندي عورت آهين ۽ اسان پنهنجي نسل کي خراب نہ ڪنداسين جيڪو گندو نسل تنهنجي پيٽ ۾ آهي اهو پاڻ سان گڏ کڻي وڃ نڪري وڃ اسان جي اکين جي اڳيان. جنهن گھر ۾ امان ڪنوار ٻڻجي آئي هئي ۽ جنهن عزت سان آندو ويو هو اڄ ان گھر مان ٽن ڪپڙن ۾ ڌڪا ڏيئي ڪڍي ويئي، امان ناني وٽ روئندي رڙندي پهتي سڄو گھر روئيندو رهيو پر پرچائڻ لاءِ ڪوبہ ڪونہ هو، منهنجن مامن بابا سان رابطو ڪيو پر بابا اهو چئي فون بند ڪئي تہ في الحال مون سان ڪوبہ نہ ڳالهائي جڏهن پاڪستان ايندس تہ پاڻهي فيصلو ڪندس آئنده مون کي فون نہ ڪجو.

آهستي آهستي گھر جا حالات نارمل ٿيڻ لڳا پر امان ڪلاڪن جا ڪلاڪ روئندي هئي پنهنجن ٽنهي ٻارن کي ياد ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ روئندي هئي ۽ لڳل الزام تي سوچيندي هئي.

وقت گذرندو رهيو ۽ بابا ڪوبہ رابطو نہ ڪيو ۽ نہ ئي ٽنهي ٻارن جي امان سان ملاقات ڪرائي وئي ۽ نيٺ منهنجي پيدائش جو وقت بہ اچي ويو ٽن ڏينهن جي اذيت ناڪ تڪليف ڪانپوءِ مان هن دنيا ۾ آيس ۽ سيني جا منهن لهي ويا امان بي انتها روئندي رهي ۽ الله کي چيائين تہ مون کي ڇا جي سزا پيو ڏين مون کي منهنجو قصور ٻڌائي، او امان او امان الله کان پڇي ڏي منهنجو ڏوھہ ڪهڙو آهي مون کي بخشي ڇو نٿو....؟؟؟

امان روئندي رهي ان دوران منهنجي وڏي مامي منهنجي نانيءَ کي چيو تہ هن (کدڙي فقير) کي ڪاڏي ڪيون؟ ڪنهن جي حوالي ڪيون؟ هن جو ڇا ٿيندو؟ ڀيڻ جو ڇا ٿيندو؟ ان ڳالھہ تي دائي چيو تہ هي ٻار مان کڻان ٿي شهر ۾ کدڙن جي هڪ مڙهي آهي انهن جي حوالي ڪري اچان ٿي ۽ پوءِ مون کي دائي کڻي وئي.

دائي مون کي مڙهي جي بجاءِ گھر کڻي وئي ۽ منهنجو نالو رضيہ سلطانہ رکيائين ان گھر ۾ ٽي ٻار ٻيا بہ هئا منهنجي پرورش انهن ٻارن سان گڏ ٿيندي رهي.

هوڏانهن ڏاڏي ۽ پڦي وارن کي منهنجي پيدائش جي خبر پئي تہ سڄي ڳوٺ ۾ ڍنڍورو پٽيائون تہ ڏسو کدڙو ڄڻي ويٺي آهي اسان جي نسلن ۾ ڪڏهن کدڙو ناهي ڄائو هي ٻار کدڙو ڪيئن ٿيو ناجائز هو تڏهن تہ کدڙو ٿيو آهي.....!!؟



منهنجي بابا ۽ سڄي ڳوٺ ان ڳالھہ تي يقين ڪيو تہ امان کي طلاق ملي چاچا رحيم بخش کي شديد صدمو رسيو هارٽ اٽيڪ ٿيو ڪجھہ عرصو شديد بيمار رهيو ۽ گذاري ويو. بابا ٻي شادي ڪئي ۽ ڇهہ مهينن ڪانپوءِ زال کي وٺي سعودي هليو ويو. منهنجا ٽي ڀائر ڏاڏي ۽ پڦين جي رحم ڪرم تي پلجندا رهيا ۽ سال ٻن ڪانپوءِ ناني، امان جي ٻي شادي ڪرائي ڇڏي.


دائي امان مون کي پاليو جيئن سمجھہ ڀري ٿيس تہ مون کي گھر جي ڪمن ڪارين ۾ لڳائي ڇڏيائين، 7/8 سالن جي عمر ۾ گھر جي صفائي، ڪپڙا ڌوئڻ ۽ مال کي چارو ڏيڻ جي ذميواري منهنجي مٿان هئي ٿورو بہ غلط ڪم ڪندي هئس تہ بيدردي سان ماريندي هئي. امان 11/12 ڳوٺن ۾ دائي جو ڪم ڪندي هئي ۽ امان جو کدڙن سان بہ واسطو هو، جتي بہ کدڙا ٻار ڄمندا هئا ان جو اطلاع انهن کي ڏيندي هئي يا ٻار انهن جي حوالي ڪري ڇڏيندي هئي ۽ بدلي ۾ کدڙن کان ڪجھہ رقم بہ وٺندي هئي، معنيٰ تہ ڪاروبار ڪندي هئي.

هڪ ڀيري بہ کدڙا فقير ڏاڍا تيار ٿيل سڌو گھر آيا مان ڪپڙا ڌوئي رهي هئس، کدڙا منهنجي پٺيان هئا ان ڪري هنن مون کي ڪونہ ڏٺو ۽ سڌو دائي امان جي ڪمري ۾ ويا ۽ مان هنن جون ڳالهيون ڪن ڏيئي ٻڌڻ لڳيس، هيءَ جيڪا منهنجي کهاڻي آهي سا سڄي دائي امان کدڙن کي ٻڌائي ۽ مان روئي پيس، ان وقت مون کي احساس ٿيو تہ مان ڇوڪري ناهيان، ڇوڪرو بہ ناهيان، مان کدڙو آهيان....! مان ٽين جنس آهيان، مان هنن جهڙي ٿينديس...!!! ۽ مان روئنديس.

جنهن مهل کدڙا وڃي رهيا هئا ان مهل دائي امان منهنجي سامهون مون ڏي اشارو ڪندي فقيرن کي چيو تہ 8 ڏينهن ڪانپوءِ اچجو تيستائين مان هن کي سڀ ڪجھہ سمجهائي ڇڏينديس، اوهان پئسا ڏيئي پنهنجي امانت کڻي وڃجو، ويندي مهل ٻنهي فقيرن منهنجي مٿي تي هٿ رکيو ۽ بيپناھ دعائون ڏنيون ۽ هليا ويا.

منهنجي اندر ۾ نئون جهان جڙڻ لڳو مون پنهنجو پاڻ ۾ تبديلي ٿيڻ محسوس ڪئي ننڍپڻ جا ڇوڪرين وارا سڀ انگل آرا، ناز نخرا هاڻ پاڻ ئي ختم ٿيڻ لڳا ۽ ان سان گڏ مون کي منهنجي ماءُ ياد اچڻ لڳي تہ هوءَ ڪهڙي آ؟ هوءَ ڪيئن هوندي؟ هوءَ ڪٿي هوندي؟ مون کي ياد ڪندي هوندي؟؟؟

منهنجو مٿو ڦرڻ لڳو بس سوال ئي سوال هئا منهنجو بابا؟ منهنجا ڀائر؟ منهنجي ظالم ڏاڏي؟ منهنجو ڏاڏو؟ منهنجون ذليل پڦيون؟ منهنجا ماما؟ منهنجي ناني؟ منهنجي امان منهنجي ماءُ منهنجي پياري ماءُ، منهنجي جيجل ماءُ. منهنجي مٺي ماءُ، هڪ فلائينگ ڪِس ۽ بيپناھ ڳوڙها رضيہ سلطانہ جا ۽ منهنجا بہ.



humeranoor@gmail.com

ڪهاڻي

# بک ۽ عزت

عنايت نهڙيو

سگهڙ پنهنجي نريل چُلهه کي ڦوڪ ڏني، ڦلهيار سنڌس منهن تي پوڻ سان گڏ هن کي اها به ياد آئي ته چُلهه ڪالهه ڪان اجهاميل آهي. ڪاٺيون ميڙي ماچس ڳولڻ لاءِ هيٺ نمي چلهه جي ڦلهيار ۾ اڌ ڏٺيل ماچس کي ڪٺي ڪڙڪايائين پر ان ۾ تيلي جو نالو نه هو، ماچس جي پاسي تان لڳل اڌ تيلي سان چلهه ۾ اجلايل ڪکن جي موهري کي تيلي ڏنائين ته چلهه به سنڌس اندر جي بُک وانگيان ٻرڻ لڳي. چانهه ڪاڙهڻ لاءِ هن جيئن ئي ديگڙي باهه تي رکي تيئن سنڌس مڙس والم به کُلهي تي پيل ٽوال سان پگهر اگهندي چُلهه جي آڳوڻ جو پاسو ورتو. چُلهه ۾ باهه جي شعلن سنڌس منهن تي پيلاڻ هاري ڇڏي. "سيٺ ڇا چيو ؟" سگهڙ ٿوهر جي سُڪل ڏانڊي کي چُلهه اندر سيريندي پُڇيو.

والم پنهنجيون ڏرا ڏئي ويل اکيون پنهنجي ونې ڏانهن ڪنيون جيڪا بُکي شينهڻ پئي لڳي.

"ڇا چوندو سيٺ به هاڻي اڳيون ناهي ويرا وير پوئتي هٽندو پيو وڃي، چيائين ته پئسا وڌيڪ ڪٽي ويو آهين چار تاريخون لڳائي پوءِ خميس تي حساب ٽيندو ۽ پنهنجا پئسا به ڪٽي وڃجان."

"سيٺ ڪرمون جي دڪان تان سامان ڪٽي اچ، سيٺ اڳي به سامان اوڌر ڏيندو هو اسين جڏهن سيٺ جي ٻني پوکيندا هئاسين ته چيٽان چيٽ حساب ڪندو هو." سگهڙ اهو چئي دنگ ڪيو تيستائين سنڌن پنجن ورهين جو ننڍو ڪرشن به ڪٽ تان اٿي اکيون مهٽيندي ماڻس کي سڏ ڪندو آيو، سگهڙ پٽ ڏانهن نهاريو ۽ پنهنجي چني مان منجهند واري بچيل اڌ ماني جيڪا هوءَ پاڙي مان ڪٽي آئي هئي پٽ کي ڏنائين پاڻ رات ڪان لنگهڻ تي هئي، والم چانهه کي وهه سمجهي پيئڻ لڳو سنڌس اکين اڳيان سنڌس پُٽ چانهه مان ماني ٻوڙي پئي کاڌي سگهڙ مٽي تان هٿ ڦيري ڪيس پيار ڪرڻ لڳي والم جهوپڙي مان ٻاهر نڪري آيو.

شام ٿي چڪي هئي پر جهوپڙي مان ٻاهر نڪرندي ڪوسي واءَ اک ٿي ڪڍي، ٻاهر سُڃ واڪا پئي ڪيا هر طرف ٻنين جو دونهون هو. ڏيپلاڻ شاخ سڪڻ ڪانپوءِ سيٺ اميري جي سڄي زمين غيرآباد ٿي وئي هئي، سيٺ پنهنجي زمين تي سرن جو ٻنو ڪوليو هو. درياءَ جي ونگ جي نالي سان مشهور ونگو هاڻ سُڪي تباهه پئي ٿيو. ڪالهه جتي هاڪڙي ونگ تي وڏا اتي اڄ سوکهڙي پنهنجي سلطنت قائم ڪري ڇڏي هئي، والم هڪ جهتڪي ۾ ئي هاري ڪان ٻني جو مزدور بڻجي چڪو هو. والم جو ڳوٺ اڌو اڌ لڏي ٻئراج ڏانهن نڪري وڃڻ ڪانپوءِ ڳوٺ ۾ رونق نه هئي ڳوٺ ڪنهن جوان وڏوا جهڙو ڏيک ڏيڻ لڳو هو. ڪيس خبر ئي نه پئي ته هو هلندي هلندي سيٺ ڪرمون جي دُڪان تي پهچي ويو ڪرمون جي ڪيڪار سنڌس سوچن کي پيچي پورا پورا ڪري ڇڏيو.

"والم پلين آئين." سيٺ ڪنڌي واري ڪتاب ۾ ڪجهه لکندي وراڻيو.

"هائو سيٺ اڄ مڙئي توکي ڏسڻ لاءِ دل چيو هليو آيس." والم نم جي ٿهيل ننڍڙي منجي کي سرڪائي دُڪان ۾ ويهي رهيو. خوش عافيت ڪرڻ ڪانپوءِ ٻئي اوپاريون لهواريون ڪرڻ ويٺا. سيٺ جو دُڪان به اڳيون اوج وڃائي ويٺو هو، اڳي ڪس ڪان ماڻهو سيٺ جي دُڪان تان سيڌو وٺڻ ايندا هئا، سيٺ جي ڪاتي واري بندي وڏي هوندي هئي، هاڻ سئو رپين واري ننڍي بندي تي ڪاتا پئي لکيائين جنهن مان سيٺ جي سيٺپي ظاهر هئي.

"سيٺ اڄ تو ۾ اميدون ڪٽي آيو آهيان رات ڪان لنگهڻ تي آهيون ٻچڙن جي واسطي اڄ سيڌو ڏي خميس جو حساب ٽيندو پئسا ملندا توکي ڏيندس." والم پنهنجي مجبوري کي وڌيڪ لڪائي نه سگهيو ۽ سيٺ کي اچڻ جو مقصد صاف لفظن ۾ ٻڌائڻ لڳو.

"والم ڳالهه ٻڌ توکي ته خبر آهي ته اڳيون ڌنڌو ڪونه رهيو آهي، دڪان به لاچار نيمي ڪڍي ٿو نفعو ته پري جي ڳالهه آهي، تو ڏانهن اڳي به ستاويهه سئو رهيا پيا آهن."

"سيٺ! ويهن سالن ڪان ڪنڌو تو وٽ آهي ڪڏهن پري ته ڪڏهن پاڪر واري ڳالهه آهي، گهر سامان ڪونه آهي ان ڪري چوان پيو نه ته هر خميس تي ٽي سئو رپيا جمع ڪرايان پيو ۽ ها ٻيو سامان به توکان ئي وٺان."

والم پنهنجي ڇهري تي معصوميت جا هوڪا ڏنا پر سيٺ هڪ پاڻي ۾ نه رڌجي سگهيو. دڪان سوڙهو هجڻ ڪري اندر گهٽ پئي ٿي سيٺ ڪرمون هڪ ڪوڪي کي ڦاڙي ننڍي پاڻي سان پنهنجو پاڻ کي ٿڌو ڪيو ۽ چيائين:

"ٺيڪ آهي والم سامان ڪٽي وڃ پر اڄ سج لٿي مهل ننهنجي چانهه پيئڻ ايندس، هي ڦوٽا ۽ ڪمال پٽ ڪڻ الاهي ڏينهن ٿي

ويا آهن سگهڙ جي هٿ جي چانهہ ناهي پيتي.“ سيٺ ايترو چوندي کيس سامان توري ڏيندو ويو، ٿي کلو ڪٽڪ جو سادو اٽو، کلو چانور ۽ اڌ کلو گيهہ ڪٽي والم پنهنجو پاڻ کي دنيا جو فاتح سمجهڻ لڳو ۽ سيٺ کي هٿ ٻڌي موڪلائي روانو ٿيو ۽ سيٺ ڪرمون فاتحاڻي ۽ شيطاني مرڪ پنهنجي منهن تي وکيري ڇڏي. والم اجا بہ سيٺ جي چانهہ جي مطلب سمجهڻ کان ڪوهين ڏور هو.

سج لهڻ سان روشني تي اونداهي جي عارضي فتح ٿي وئي، مزدور ڪم تان لهي گهرن ڏانهن ورڻ لڳا هئا. ڌراڙ بہ ٻڪريون ڪاهي ڌرتي تان ڌوڙ اڏائيندي پئي آيا. سيٺ امير علي ٻني تي ڪونہ هو، سندس پٽ مزدورن کي هڪ ڪلاڪ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جو چيو سيٺ جو قرض هجڻ ڪري سندن زبان نہ ڪُڇي سگهي ۽ والم سميت سڀ مزدور ڪم ۾ لڳي ويا. سيٺ ڪرمون جي مهرباني جي ڪري اڄ ڪم ۾ سندس دل گهٽ پئي لڳي.



سيٺ ڪرمون معمول کان گهڻو اڳ دُڪان بند ڪري والم جي گهر ڏانهن نڪتو، ٻاهر رستي تي سگهڙ جو پُٽ ڪرشن ٻارن سان راند ڪيڏي رهيو هو، سيٺ هن کي سڃاڻندي سڏ ڪيو، هو ڊوڙندي آيو.

”ابا پڻهين ڪٿي آهي.“ سيٺ ڪرشن جي مٿي تي هٿ ڦيرائي کانئس پڇيو.

”بابا انا ڪونہ آيو آهي.“ ڪرشن ٻاتڙي ٻولي ۾ ورندي ڏني. سيٺ کيس ڪجهہ ڪتمنا ڏنا ۽ گهر اندر گهڙي آيو، والم جي گهر ۾ سانجهڻ لاءِ هڪ چوئنرو ۽ سمهڻ ۽ سامان لاءِ هڪ ننڍو ڪچو ڪُڏ هو.

سگهڙ کيس ايندي ڏٺو ۽ گهونگهٽ ڪڍي کيس اڱڻ ۾ پيل کٽ تي ويهڻ جو چيو ۽ چيائين:

”والم چيو هو تہ سيٺ اڄ چانهہ پيئڻ ايندو اجا پاڻ اچڻ ۾ دير ڪئي اٿس، چيائين پئي بس ٻني تان ٿي اچان ٿو خبر نہ آهي اجا نہ آيو آهي.“ سگهڙ گهر جي اڱڻ جي پار تان ٻيهي ٻاهر ڏٺو.

سيٺ جي اکين ۾ وحشت واسو ڪري وئي، سندس من ۾ ڪيئي خيال ايندا ۽ ويندا رهيا، سگهڙ جي ڳچي ۾ پيل چاندي جي هنسي هن جي سونهن کي اٺوڻ تي پئي وڌايو. هن والم جو انتظار نٿي ڪرڻ چاهيو ۽ پاڻي ڏيڻ وقت سگهڙ جي هٿ کي سوگهو ڪري ورتائين.

”سگهڙ منهنجي مچ تنهنجي چُلهہ سدائين ٻرندي رهندي، جڏهن بہ سامان کپي بس نياپو ڪج سامان موڪلي ڏيندس.“ سيٺ وحشت جي واسي ۾ ٻڙ ٻڙ ڪندو ويو. سُگهڙ سٽ سان سندس هٿ ڇڏايو ۽ سندس ساڄي ڳل تي پنج آڱريون ڇاپي ڇڏيائين.

”سيٺ! ٻڌي ٿو مرين اسان مسڪينن تان اچي پيو آهين، اسان وٽ جيڪا بچيل عزت آهي اها بہ نوٽن تي خريد ٿو ڪرڻ چاهين، سيئين اسان جا هڏ تہ گروي ڪري ڇڏيا آهن، پر اسان جون عزتون بہ خريد ٿا ڪرڻ چاهيو.“ سگهڙ جي نسن ۾ رت جي بجاءِ بغاوت ڊوڙڻ لڳي، هن معاشري کان بغاوت ۽ هن معاشري جي ڪريل فردن کان بغاوت.

”سگهڙ والم اڄ سامان ڪٽي آيو آهي ان جو حساب وٺڻ آيو آهيان، ڪنهن کي بہ اوڌر تي سامان ڪونہ ڏيان اڄ والم آيو ان کي ڏنو اٿم.“ سيٺ پنهنجي ناجائز مطالبي کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ هٿ پير هنيا.

”سيٺ! سنو طريقو آهي چند ڏوڪڙن جي عيوض ڪنهن جي عزت کي خريد ڪرڻ جو توکي حساب کپي نہ.“

سگهڙ ايترو چوندي ڳچي ۾ پيل پنهنجي شادي واري هنسي ڪڍي سيٺ جي منهن تي اڇلائي ۽ پنهنجي بي ترتيب ساهن کي سنڀاليندي سيٺ کي چيائين:

”هاڻ ٿر منهنجي اکين اڳيان وحشي انسان تنهنجي شڪل نٿي ڏسڻ چاهيان.“ سگهڙ ايترو چوندي سندس منهن تي ٿُڪ اڇلائي. سيٺ ڪرمون ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويو ۽ سندس سمورو رت هن جي چهري ۾ جمع ٿيڻ جي ڪري سندس چهرو ننگر جي ٽماٽي جهڙو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو:

”سگهڙ تو سيٺ ڪرمون جي منهن تي نہ پر پنهنجي نصيب تي ٿُڪ اڇلائي آهي.“

هاڻ سگهڙ کيس هڪ پل بہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي



سيٺ جي اکين اڳيان ڌنڌ ڇانئجي وئي، جڏهن هو کٽ تان لهي وڃڻ لڳو تڏهن کيس سگهڙ جا اهي لفظ ڇٽا ٻڌڻ ۾ آيا، هاڻ پنهنجي نصيب تي اٿو اڇلايو اٿم من مون تان ٻڪ لهي.

وائي

## راڻي او سنڌياڻي!

امداد حسيني

تنهنجي هوڏ يري هيءَ لوڏ لکن جي راڻي او سنڌياڻي!
تنهنجو روپ سَروپ اُهوئي- سِجُ ُ ڪري جيڪو بہ سياڻي.
راڻي او سنڌياڻي!
تون تہ سُهاڳڻ ڀاڳڻ تنهنجي نَڪَ ۾ نٿ ۽ نٿ ۾ ڏاڻي،
راڻي او سنڌياڻي!
لاڏُل، سوئل، ڀاڳُهل، مارُل، سونَ سريکي سُگهڙ سِياڻي،
راڻي او سنڌياڻي!
جَنني، پورهِت، اوڏڻ سائڻ، تون آرياڻي تون هارياڻي،
راڻي او سنڌياڻي!
جُڳ جُڳ لکندو شاعر تنهنجي سونن اکرن ساڻ آکاڻي،
راڻي او سنڌياڻي!
جيڏي سرتي سنڌ سرشٽي، تون ڌرتيءَ جي ڌيءَ ڏياڻي،
راڻي او سنڌياڻي!
پوک پچي وئي، جهارَ اچي وئي، اُٿ وارو ڪر ڪڻ ڪاڻياڻي،
راڻي او سنڌياڻي!
سِنڌُو ڪيئن سُڪائي سگهندا، جيسين تنهنجي اک ۾ پاڻي،
راڻي او سنڌياڻي!

## غزل

سومجي ڏاراڻي

محبت جا رنگ ۽ الفت جا انگ هئا،
منهنجي جيون ۾ بہ چاهت جا رنگ هئا.
هاڻي تہ خزان ئي خزان منهنجي چمن ۾،
ڪڏهن ان ۾ بهار جي رحمت جا رنگ هئا.
ٻڌجي ويس آئون ستارو ساري سنسار جو،
اهو منهنجي محنت ۽ ماءُ جي محبت جو رنگ هئا.
ڏٺي تصوير هڪ پيرو محسوس ائين ٿيو،
جڻ تہ هن ۾ سچي عقيدت جا رنگ هئا.
ڏٺا ماڻهو نچندي رقص ڪندي اگهاڙا هئا،
ائين لڳو مون کي جيئن قيامت جا رنگ هئا.
ڪيئن دنيا تباهہ ٿي جنهن جي خبر آ مون کي،
گلي گلي ۾ بغض ۽ عداوت جا رنگ هئا.
حالتن منهنجي هڪ تصوير چٽي هئي،
اي ”سومجي“ اک ۾ تہ منهنجي حسرت جا رنگ هئا.

## غزل

ڊاڪٽر محمد علي ماڻڪ

آ ڪيڏي حسين، بيقراريءَ جي موسم،
پونم ۾ اچين، انتظاريءَ جي موسم.
رابيلن ٽڙي، ڪونہ مهاڪايو آنگن،
نہ وجي ٿي اجان، اشڪباريءَ جي موسم.
ٻاري ٿا ٻرن، ديپ ساري تہ بدن کي،
روح ۾ پيي رهي، ٿي ڏياريءَ جي موسم.
مهڪي ٿي فضا، سار تنهنجي تہ ڪٽي هو،
طاري روز شب، آ خُماري جي موسم.
ماڻڪ وني سگهو، هاڻ ميراث قلندر،
مقتل تو سڏي، سنگباريءَ جي موسم.

نظم

## شهر ڳڙڪائي ويو سارا بهشت

سيد سراج

تون ملينءَ پيي ڌر تتيون ساڳيون رهيون
وڻ مسافر جي اکين جهڙا لڳا
چانو ڪنهن وِڌوا جيان محسوس ٿي
ڪاٻہ رستن ۾ گرم جوشي نہ آ،
شامَ پيي تو وانگيان محسوس ٿي
موسمن تي تُهمتون ساڳيون رهيون
تون ملينءَ پيي ڌر تتيون ساڳيون رهيون
اجنبي رشتن جو اڻ ڇاتل هجوم
مطلبي سارو زمانو بي شناسُ
ڪي ڪٽا ڪشڪول ۾ توڪان نہ پيا
اجڙيل هر آسن جو قاتل لباسُ
دل جي چولي تي چتيون ساڳيون رهيون
تون ملينءَ پيي ڌر تتيون ساڳيون رهيون
شهر ڳڙڪائي ويو سارا بهشت
منهنجي ارمانن جا آدم ۽ حوا
پنهنجي اوگهڙ کي لڪائڻ واسطي
هر دعا جا پن ميڙيندا رهيا
۽ خدا وٽ جنتون ساڳيون رهيون
تون ملينءَ پيي ڌر تتيون ساڳيون رهيون
توکي ماڻيم پر اڌوري ڪامِنا
هِنيانءَ ۾ هُر ڪُر اها ساڳي رهي
منهنجي ٻيڙي تنهنجي ساحل تي لٿي
پوءِ پيي ٻُڏتر اها ساڳي رهي
بي يقينيءَ جون رتون ساڳيون رهيون
تون ملينءَ پيي ڌر تتيون ساڳيون رهيون.

## نظم

زاهده ابڙو

ننڊ کي ننڊ اچي وئي
سارا هوءَ خواب ڪٽي وئي
ڪيئن مون سانديا هئا اکين ۾
ڏيئي هوءَ دوکو ڪٽي وئي
ننڊ کي ڪيئن مان جاڳايان
خوابن کي ڪيئن مان موٽايان
ڳٽتيءَ ۾ اهڙي مان آهيان
صدين لاءِ هوءَ آ سمهي پئي
سپنا هئا ايترا سندر
سارا هوءَ چورائي ڪٽي وئي
جاڳ ۾ جهاڳٽو پوندو
تعبيرون آ مون کي ڏيئي ويئي.

## غزل

سيما عباسي

حق کي برحق بہ ڪڏهن چوندا ڪيو
دار تي منصور ٿي چڙهندا ڪيو
محسنيون ۽ غمگساريون خواب ٿيون
غم ۾ ڪلندي پنهنجي منهن روئندا ڪيو
سور سڏڪا عشق جو هي ڏاج آ
پيار ۾ لڙڪن سندو سهندا ڪيو
ظلمتن جي ظرف کي ظاهر ڪري
ضبط جي پيالي کي پڻ پيئندا ڪيو
سات جي سائت سهاريندي بہ آ
قرب جو قاتل اثر وننڊا ڪيو
آسرن جون ڇو اميدون نارسا ٿين؟
عزم کي تاري بہ پو ترندا ڪيو
جاڳ کي تعبير جي پسٽي آهي
خواب جي خاطر ئي ڪجهہ سمهندا ڪيو

# مُورک مائيءَ جو خط

## نزار قباني

## مُترجم: بلقيس ابڙو

منهنجا پيارا ڏٽي!
هي خط هڪ مورک مائيءَ پاران آهي
ڇا مونکان اڳ ڪنهن وائڙيءَ مائيءَ تون
کي خط لکيو آهي؟
منهنجو نالو؟؟؟
نالي ۾ ڇا رکيو آ
رانيا، زينت
هند يا هافيا...
منهنجا ڏٽي!
وڏي مسخري اسان وٽ نالا ئي آهن
منهنجا مالڪ!
مان پنهنجا خيال ٻڌائيندي ڊڄان ٿي
مان ڊڄان ٿي، جيڪڏهن مان ٻڌايو تہ
بهشت سڙي ويندا
تنهنجي اوپرَ!
اندر جي اهاءَ جا اکر نپوڙي ڇڏيا
عورتن جي سينن ۾ خيال ڇپيائي ڇڏيا
انهن جي رڙين کي دٻائي مسمار ڪيو
اهو اوپر تہ
نارين سان ڳالهائڻ لاءِ
ڪات ۽ ڇُريون پيو هَلائي!
هن جي جذبن ۽ احساسن...
خوابن ۽ اڏمن
۽ ڪارين چوٽين کي ڪُهي ٿو
۽ تنهنجو اوپرُ!
پيارا مالڪَ!
عورت جي ڪوپڙيءَ مان
اوپر جو نفيس تاج ٺاهيو
مالڪ! مون مان ڇُڪون نہ ڪڍ!
جي منهنجي لکٽي چڱي ناهي
پر مان لکان ٿي
۽ تلوار منهنجي پنيءَ ۾ ٽُنبيل آهي

منهنجي ڪمري کان ٻاهر آنڌيءَ ۽
يونڪندڙن ڪُتن جون رڙيون آهن...
منهنجا مالڪ!
هو ڊيڄاريندڙ ڏوهاري منهنجي دروازي
پُٺيان لڪل آهي!
هو مونکي ڪُهي ڇڏيندو،
جي هُن منهنجو خط ڏٺو تہ...
هُو منهنجي سِسِي ڪَپي ڇڏيندو...
جي هُن منهنجي ڪپڙن جا اُيا گُهنجَ ڏسي
ورتا!
منهنجا مالڪ! هي تنهجو اوپرُ:
عورتن جو تيرن سان گهيرو ڪري ٿو...
۽ تنهنجو اوپر... منهنجا پيارا مالڪَ!
نبي ٿيڻ لاءِ مردن کي چوندي ٿو
۽ نارين کي زمين اندر دفن ڪري ٿو ڇڏي...
ڪاوڙ نہ ڪر!
منهنجا پيارا مالڪ...!
انهن سٽن تي ڪاوڙ نہ ڪر!
جي مُون صدين کان شڪايتن کي ڊاهي
پچِي پور ڪيو...
جي مُون پنهنجي شعور جي مُهرَ ٽوڙِي،
جي مان پَچِي ويس...
ڪوٽن ۽ حرمن جي مينارن مان
۽ ڪوس گهرن خلاف...
ڪاوڙ نہ ڪر، منهنجا پيارا مالڪَ!
جي مان پنهنجا جذبات ٻڌايان
اوپر جي مردن لاءِ...
جنهن جي شاعريءَ سان ۽ احساسن سان...
ڪا بہ دلچسپي ناهي
اوپر جا مرد!
مُنهنجي بي ادبيءَ جي معافي!
مان معافي تي گهران،

جي مُون هي سڀ لکندي مَردن جي رياست
تي بي ادبي سان حملو ڪيو آهي...
جو سڀ کان عظيم ادب مردن جو ادب آهي
۽ مُحبّت هميشہ مردن جي ميراث رهي
آهي...
۽ وصلَ کي هميشہ، مردن وٽ دَوا جيان
وڪرو ڪيو ويو آهي...
اسان جي ملڪ ۾ عورت جي آزادي هڪ
آڳاٽي من گهڙت ڪهاڻي آهي
جو هتي ڪا بہ آزادي نہ آهي...
مردن جي آزادي ڪانسواءِ...
مُنهنجا مالڪَ!
چئہ جيڪو ڪجهہ تون منهنجي لاءِ چوڻ
چاهين ٿو...
معمولي،
ڇَري،
عقل کان وانجهيل...
هاڻي انهن لفظن جو مون تي ڪو بہ اثر
ڪونہ پوندو...
جي ڪا عورت پنهنجي مرضين جي باري ۾
لکي ٿي...
تہ هڪ مرد جي منطقي دليل ۾ اها هڪ
بيوقوف عورت آهي
۽ مون تہ پهريان ئي توکي چيو هو!
تہ مان هڪ جِڻ عورت آهيان....

حصو سترهون

# وينس کان موکلاڻي

اعجاز منگي

پاهر نکتاسين تہ موسم اجان وڌيک ٿڌي ٿي چڪي هئي. اسان پهرين سوچيو تہ سينٽ مارڪس بيسيليڪا (Saint Mark Basilica) اطالوي ۾ پيازي سين مارڪو (Piazzo Sen Marco) ڏسجي اصل ۾ هي اسڪوائر چورس جي شڪل ۾ وڏو ميدان آهي. جنهن ۾ سياح ۽ وينس جا رهاڪو اچي گڏ ٿيندا آهن. نيپولين بونا پارٽ هن ميدان کي يورپ جو ڊرائنگ روم سڏيندو هو. اسڪوائر وينس جو وچ سمجهيو ويندو آهي. ميدان جي اوير ۾ سينٽ مارڪس جو چرچ آهي. سينٽ مارڪس جي اسڪوائر ۾ چار گهوڙا هئا، جن لاءِ اهو چيو ويندو هو تہ وينس هميشہ جنگ ۾ رهندو جيستائين اهي گهوڙا هتي رهندا. نيپولين جڏهن وينس فتح ڪيو تہ هن اهي گهوڙا پيرس موڪلي ڏنا. اهي گهوڙا ماربل مان ٺهيل هئا ۽ ايترا خوبصورت هئا جو هزارين ڪلو ميٽر ماڻهو سفر طئي ڪري اچي ڏسندا هئا ۽ هاڻ گهوڙا تہ ناهن پر ڪبوتر جام آهن. هزارن جي تعداد ۾ ڪبوتر آهن.. امن جا پکي ڪبوتر.

ڪبوترن سان عشق ئي نرالو آهي ڪبوتر هتي اسان وٽ مزارن ۽ درگاهن تي جام ملندا آهن ۽ ماڻهو پاليندا بہ آهن جيئن مون پاليا هئا. هڪ عجيب ئي شوق ٿئي ٿو نہ کائڻ جو هوش ۽ نہ ئي پيئڻ جو. عجيب ڌن ۾ ماڻهو مگن ۽ مست رهندو آهي. ائين درجي ۾ پڙهندو هئس، هڪ دوست چيو تہ سندس ڪبوترن جي جوڙي ٻہ ٻچا ڪيا آهن، اصيل ڪبوتر آهن، جيڪڏهن مان چاهيان تہ مون کي ڏيئي سگهي ٿو. مان سوچيو تہ جيڪڏهن امان ۽ بابا کي ٻڌائيندس تہ سختي سان منع ڪري ڇڏيندا. ٻي صورت اها هئي تہ بنا ٻڌائڻ جي گهر کڻي وڃان سو مان بنا ٻڌائڻ جي دوست کان وٺي آيس. سياري جا ڏينهن هئا شام ٿي وئي هئي جيئن امان ڪبوترن جي ٻچن کي هٿ ۾ ڏٺو تہ ڪاوڙ ڪيائين امان ڪاوڙ جام ڪندي آهي پر مار بلڪل بہ نہ ڏيندي آهي.

ڪبوتر ڏسڻ سان چيائين تہ واپس ڪري اچ. معصوم شڪل ناهي چيومانس تہ امان جام سردي آهي هن وقت ڪيئن واپس وڃان، بيمار ٿي پوندس وري سج بہ لهي ويو آهي، حالتون بہ صحيح ناهن ان لاءِ بهتر آهي تہ ڪبوتر ۽ مان گهر ۾ رهي پئون ٿا. ماءُ تہ هوندي ئي رحمدل آهي سو چيائين تہ ٺيڪ آهي، پر ڪبوترن کي رکندي ڪاٿي؟ اهو تہ مون سوچيو ئي نہ هو بس ڪبوتر کڻي اچي گهر پهتو هئس، پاڻ ئي چيائين تہ اچ ڪاري جي هيٺان رکي مٿان ڪپڙو ڏيئي ڇڏين مٿان سيءُ لڳين سياٽي ڏسنداسين تہ ڇا ڪرڻو آهي. مون ائين ئي ڪيو ۽ سوچي ننڊ اچي وئي تہ امان ڪجھ تہ مڃي وئي آهي، ڪجھ صبح جو ايلاز منٿون ڪندومانس صبح جو اٿڻ سان ئي امان کي ڪٺي پاڪر پاتو ۽ ڏاڍي عاجزي ۽ انڪساري سان ڪيس چيو تہ امان پڙهائي بہ ڊسٽرب نہ ٿيندي، ٻيو مسئلو بہ نہ ٿيندو مون کي ڪبوتر رکڻ ڏي. پهريائين تہ انڪار ڪيائين پر پوءِ امڙ تہ امڙ آهي نيٺ مڃي وئي. پوءِ امان کلي ها ڪئي هئي، ان خوشيءَ جو احساس اجان تائين آهي. پوءِ تہ دوستن سان گڏجي ڪوٺي جي ڇت تي ڪڏ ٺاهيو ۽ ڪبوترن کي پالڻ لڳس. انهن ڏينهن ۾ فيبروري کان مارچ جو صبح مون کي تمام گهڻو وڻندو هو.

ڪليل ميدان هوندا هئا، سوير اٿي وڃي ڪبوترن کي ان ۽ پاڻي ڏيندو هئس. هاڻ بہ ان هلڪي ٿڌ ۽ ڳوٺ جي گهر جي ڇت ذهن ۾ تازي آهي. اهو گهر ناهي رهيو، ڪچين پڪين سان ٺهيل جنهن تي گاري جو ليپ ٿيل هوندو هو. ان کان علاوه ڪانن جي پٽر مان ٺهيل ڇت، مينهن پوڻ سان جيڪا ٽمندي هئي. اڌ رات جو مينهن پوندو هو تہ امان بابا پريشان ٿي ويندا هئا تہ ڪٿون ڪٿي رکجن جو ٽمندڙ بارش کان بچي سگهجي. اجان تائين ذهن ۾ ڪافي يادون محفوظ آهن. ڪا رات تہ ويهي گذاربي هئي، پر هاڻ اٿلي کان علاوه ڪافي يورپ گهميو آهي. مان سمجهان ٿو تہ علم کان وڌيڪ غريب ۽ لاچار جو ڪو وڏو سهارو ڪونهي. جيڪڏهن پڙهي لکي ڪنهن چڱي هنڌ تي پهچي ٿا وڃو تہ اوهان پاڻ سان گڏ پنهنجي خاندان لاءِ تمام گهڻو ڪجھ ڪري سگهو ٿا ۽ انهن کي بهتر تعليم سان گڏ دنيا جو ايڪسپوير ڏيئي سگهو ٿا. اسان جي ڏاڏي انتهائي عقل ۽ نظر واري عورت هئي. تعليم جي اهميت کي سمجهندي هئي سو فيصلو ڪيائين تہ ڳوٺ ۾ نہ رهبو. ٻارن جي پڙهائي لاءِ شهر جو رخ ڪجي. ڏک سک تي ٻچن کي پڙهايائين جنهن جو فائدو اسان سيني کي ٿيو. بابا ۽ چاچا جن سڀ پڙهي پيا نہ تہ ڳوٺ ۾ رهندي شايد اڄا تائين اسان غربت ۾ ئي هجون ها مان اهو بلڪل نٿو چوان تہ اسان کي ٻهراڙين کي ڇڏڻ گهرجي پر صرف اهو ٿو چوان تعليم جي پٺيان اهو سڀ ڪجھ جي ڪرڻو پئجي وڃي تہ ڪيو. اسان سان گڏ ڪافي اهڙا دوست هوندا هئا جيڪي اسڪول کان ويجهن ڳوٺن ڏانهن آئوٽ بيڪ ڪندا هئا، پر اسان وٽ اها سهولت موجود نہ هئي ان ڪري اهو فيصلو ڪيو تہ هاڻي شهر جو رخ ڪجي.

اسڪوائر ۾ شام لهي چڪي هئي روشنيون ٻري چڪيون هيون، پر اجان روشني شفق جي هئي، ميرانجڙي روشني هئي هڪ ماڻهو منهنجي هٿ ۽ مٿي تي اچي داڻا رکيا پوءِ ڪبوترن جا ولر اچي لٿا، سون جي تعداد ۾ ايندا ويا ۽ هڪ لحظي لاءِ لڳو تہ ڪبوتر مون کي پاڻ سان گڏ کڻي ويندا. ايترا ڪبوتر مون زندگي ۾ نہ ڏٺا هئا لشڪرن جا لشڪر هئا. داڻا ختم پيا ٿين تہ وڌيڪ داڻا پيو رکي ۽ ائين لڳو مان دنيا جو اهو عظيم بادشاهہ آهيان جنهن وٽ اناج جي ڪنجي آهي ۽ پيو ورهائي. عجيب احساس هوندو آهي نہ اهو. دنيا اوهان وٽ اچي ۽ اوهان هڪ عجيب بي نيازي سان انهن جون ضرورتون پوريون ڪريو عجيب شرساري جو احساس من ۾ لهي وڃي ٿو.

ڪبوتر داڻا ڪائي اڏاڻا تہ داڻن واري چيو تہ پئسا تہ ڏي، ائين ڪيڏانهن ٿو وڃين، مرڪي کيس ڪجھ پئسا ڏنا، هن بہ بدلي ۾ مرڪ ڏني. چنڊ پنهنجي آب ۽ تاب سان جلوه گر هو اسان چيو تہ

اڄ چنڊ کي پنهنجي هٿ ۾ ٿا پڪڙيون هونئن تہ اهو ناممڪن آهي پر ڪئمرا جي اک سان اهڙا منظر محفوظ ڪري سگهن ٿا. دوست چيو تہ مان اهڙي هنڌ ۽ انداز سان ٿو بيهان جڻ چنڊ منهنجي هٿ ۾ بال وانگر اچي ويو هجي تصوير ونڻ ڪانپوءِ ائين لڳو تہ چنڊ هٿن ۾ اچي ويو هجي اسان بہ چنڊ پڪڙيو. ڪجهہ ڏينهن اڳ مون هڪ غزل لکيو هو جنهن جو هڪ بند هو تہ:

**چنڊ تہ جڻ ڪو عاشق آهي**
**جنهن کي لهندو چڙهندو ڏسندين**

صدين کان اها وارتا آهي تہ چنڊ لهندي چڙهندي نظر ايندو آهي جڻ ڪنهن سان شديد عشق ۾ مبتلا هجي. اهي تہ سڀ شاعرن ۽ عاشقن جون ڳالهيون آهن، پر حقيقت ۾ ائين تہ ناهي اربين ڪائناتي جسمن مان هي بہ هڪ جسم آهي جنهن تي اڃان تائين زندگي جا آثار ناهن مليا. اڄ کان اربين سال اڳ ۾ بگ بينگ جي نتيجي ۾ اسان جي ڪائنات جو ڦهلاءُ ڪجهہ تہ نينو سيڪنڊن جي اندر ٿيو هو. ڪي طبيعاتي قوتون جيئن ڪشش ثقل نيو ڪليائي قوتون وغيره وجود ۾ آيون جنهن ڪائنات جي ڪروڙين اربين جسمن کي هڪ خاص انداز ۽ مدار ۾ هڪٻئي جي ويجهو رکيو آهي هڪ عام سائنسي حقيقت آهي تہ جيڪڏهن ڪائنات ۾ ڪشش ثقل 9.81 ميٽر في سيڪنڊ کان ٿورو وڌي وڃي تہ ڪائنات وري نقطي ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن ٿورو گهٽجي وڃي تہ ڪائنات جو ايترو ڦهلاءُ ٿي ويندو جو شايد ڌرتي نظام شمسي مان نڪري اربين ميل پري هلي وڃي ۽ ڪيس سج جهڙو ڪو ستارو نہ ملي، جيڪو ڪيس پنهنجي مدار ۾ رکي ۽ گرمي ڏي پوءِ تہ زندگي ناممڪن ٿي ويندي. اهي ستارا جيڪي اسان کي گرمي ۽ روشني پهچائين ٿا. انهن سان زندگي جو وجود ممڪن ٿيو آهي. زندگي جي ارتقا ۾ انهن سيارن ۽ ستارن جو تمام وڏو عمل آهي. هونئن بہ انساني جسم جا مختصر عنصر جيئن ڪيلشيم، ميگنيشيم وغيره ٻين سيارن جا جز هئا ۽ مختلف طبيعاتي ۽ ڪيميائي عملن جي ڪري اربين سالن جي ارتقا جي نتيجي ۾ زمين تي اچي پهتا ۽ انسان جي جسم جو حصو بڻجي ويا.


ايلن گٿ هڪ نظريو ڏنو آهي جيڪا هن رياضي وسيلي ڪنهن حد تائين ثابت بہ ڪيو آهي تہ هڪ سيڪنڊ ۾ هزارين ڪائناتون جڙن ٿيون ۽ هزارين ختم ٿي وڃن ٿيون. اهي ڪائناتون جن جون قوتون جيئن ڪشش ثقل هڪ خاص مقدار ۾ جڙن ٿيون اهي پنهنجو وجود برقرار رکن ٿيون ۽ باقي ختم ٿي وڃن ٿيون. اهو هڪ امڪان آهي ايلن گٿ جي ان نظريي کي ملڻي ورس چيو وڃي ٿو.

ڳالهہ پئي ڪئي سين چنڊ جي تہ چنڊ بہ هزارين اربين ڪروڙين جسمن مان هڪ جسم آهي جنهن کي پنهنجي روشني بہ ناهي.

شاعري انسان جي اندر جي جماليات جو خوبصورت اظهار آهي ۽ چنڊ جي روشني ان جماليات جو هڪ اظهار آهي. چنڊ کي شاعرن پنهنجي اندر جي ڪيفيت کي بہ اظهارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن مقصود گل جي ڪتاب رت ٻنا رابيل مان ڪجهہ سٽون آهن:

**چنڊ جي روشني تي وئي آ جهڪي**
**سونهن تارن کان ڪنهن جڻ ڪسي آ ورتي**
**فاصلو ٿورڙو سو بہ نبري نٿو**
**وقت گذري نٿو.**

وينس جي آسمان تي بہ چنڊ چڙهي آيو هو پر پوري آب و تاب سان، روشن ۽ پورو پورو. اسڪوائر ۾ سون جي تعداد ۾ ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا رنگ برنگي ماڻهو ڏور ندي جي مٿان اڏامندڙ پکي بہ ميرانجهڙا نظر اچڻ لڳا هئا پر هتي خوبصورت چهرا چنڊ جيان جرڪن پيا. اسڪوائر ۾ اچڻ جو هڪ مقصد سينٽ مارڪس جو چرچ بہ ڏسڻو هو چرچ جي دروازي تي وڃي پهتاسين تہ دروازو بند ٿيڻ وارو هو، جيڪي اندر هئا سي تہ اندر ڏسڻ ۽ عبادت ۾ پورا هئا باقي اسان کي اندر وڃڻ نہ پيا ڏين. ڊسمبر جا ڏينهن هئا، ڪرسمس جون تياريون هيون ان لاءِ چرچ بند ڪري ڇڏيائون. شايد ڪا تياري وغيره ڪرڻي هوندن اسان جي بہ واپسي جو وقت ٿيڻ وارو هو سو سوچيو سين تہ واپسي ڪجي.



وينس ۾ هڪ ڳالهہ ڏاڍي وڻندڙ آهي تہ گهٽين جا بہ رنگ آهن ماڻهن گهرن جا رنگ اهڙا ڪرايا آهن جڻ تصويرون هجن، عجيب مزو پيو اچي. شهر ۾ گهمندي هڪ دڪان تي چڙهي ويس، موبائل فون جا ڪور پيا هئا. سوچيم تہ ڪو يادگار پاڻ سان گڏ کڻيو وڃان پر پوءِ سوچيو تہ وقت سان گڏ اهڙو يادگار مٽجي ويندو آهي سو بهتر آهي تہ ڪا اهڙي يادگار شيءِ وٺجي جيڪا هميشہ ساڻ هجي يا هميشہ ياد رهي. سو مون ڪوپ ورتو ۽ اهو ڪوپ مون آفيس جي ٽيبل تي سجائي رکيو آهي. مون هڪ ڳالهہ محسوس ڪئي آهي تہ اسان جي شهرن جي بہ تاريخ تمام پراڻي آهي ايتري پراڻي جيتري شايد وينس جي هجي جيئن شڪارپور، آغا سليم چوندو آهي تہ شڪارپور تاريخ مان ڦٽي نڪتل شهر آهي.

شڪارپور جو هڪ پنهنجو سحر آهي. آغا سليم جي ناول اونداهي ڌرتي ۽ روشن هٿ وارو شڪارپور جيڪڏهن زنده ڪجي تہ شايد اسان وٽ دنيا اچي، پر اها شڪارپور زنده ڪرڻ لاءِ ڪيڏا وڏا ڪم ٿيڻ گهرجن. سڀ کان پهرين انهن جي سوچ تبديل ٿيڻ گهرجي جيڪي ملڪ جا واڳ ڌڻي آهن. انهن کي انهن شين جي اهميت جي اهڙي ريت خبر هئڻ گهرجي جيئن فرانس جي لوخ عجائب گهر جي ماڻهن کي خبر آهي، جيئن ويانا جي ماڻهن کي پنهنجي ثقافت جي خبر آهي، ان ڪانپوءِ شهرن کي ايترو

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

پرامن ۽ ٻاهران ايندڙ سياحن لاءِ پرسڪون ۽ آرامده ٺاهيو آهي جيئن دنيا هتي اچي، جنهن ۾ هوٽل ۽ ٽرانسپورٽ کان وٺي سياحن کي هرهڪ شيءِ جي مڪمل معلومات ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو سياح ڪراچي جي ايئرپورٽ تي لهي ته وٽس پوري معلومات هجي ته شڪارپور ڪيئن پهچندو، ڪهڙي ٽرين ويندي، ڪهڙي بس ويندي، ڪهڙيون هوٽلون آهن، انهن جا ريٽ ڪهڙا آهن، ڪهڙا ماڳ مڪان ڏسڻ جهڙا آهن، سياح وٽ اها مڪمل معلومات هجي. ان لاءِ ويب سائيٽ کان سياحت کاتي جا هر ايئرپورٽ تي اسٽال هجن جتي بااخلاق ۽ با خبر ماڻهو هجن پوءِ ڏسو سنڌ جي سياحت ڪٿي کان ڪٿي تي وڃي پهچي. ڪيڏا نه شاندار ماڳ ۽ مڪان آهن سنڌ سڄي تاريخ آهي. دنيا کي ٻڌايو ته سهي اسان ڇا آهيون. رني ڪوٽ جي باري ۾ ٻڌايو، گورک هل جي باري ۾ ٻڌايو، اروڙ جو ٻڌايو، ڀنڀور جو ٻڌايو، ڀوڏيسر جي باري ۾، ڪاسبي بابت ڪيڏا نه وڏا تاريخي ماڳ مڪان آهن فطرت اسان جون پاڙون هزارين سال پراڻي تاريخ ۾ کپايون آهن ۽ اسين ايترا بي خبر آهيون يا بيحس آهيون جو هن خزاني کي دنيا کي ڏيکاريون ئي نٿا. نيپال تمام ننڍڙو ملڪ آهي ۽ اسان جي ڀيٽ ۾ سندس وٽ تاريخي ماڳ مڪان به گهٽ آهن پر ان جي باوجود سياحت جي مد ۾ تمام گهڻو ناڻو ڪمائي ٿو. امن آڻيو، رواداري ڏيکاريو پوءِ پئسو به آهي ته خوشحالي به آهي. مون کي شيڪسپيئر جون هي سٽون اڪثر ياد ايندڙيون آهن ته: If to do were as easy as to know what were good to do, chapels had been churches, and poor men's cottages prince's palaces جيڪڏهن ائين ڪرڻ آسان هجي ها ته ڪهڙو ڪم ڪرڻ بهتر هو ۽ ڪم جي اهميت جي ڄاڻ هجي ها ته شايد مڙهيون، ڪليسائون هجن ها ۽ غريبن جون ڀونگيون شهزادن جا محلات.

جن وٽ طاقت هئي انهن کي خبر نه هئي ته ڪهڙي ڪم جي ڪهڙي اهميت آهي ماضي ۾ الائي ڪيترا اهڙا ڪم ٿي ويا آهن جن جي بعد ۾ خبر پئي ته اها تمام وڏي غلطي هئي صحيح وقت تي صحيح عمل ڪرڻ جيڪڏهن ايترو آسان هجي ها ته شايد اسان ڏک سور ئي نه ڏسون ها. اڄ کان جيڪڏهن ٽيهه چاليهه سال اڳ ۾ اسان پنهنجي تعمير ۽ ترقي کي زور وٺرايون ها تعليم کي انتهائي اعليٰ معيار جو بڻايون ها ته شايد اڄ اسان تمام بهتر حالت ۾ هجون ها، پر هاڻ به وقت ويو ناهي شيون بهتر ٿي سگهن ٿيون ان لاءِ اسان کي ڪم ڪرڻو پوندو مسلسل ڪم ڪرڻو پوندو. سنڌي سماج رواداري جو اعليٰ مثال آهي، پر ڪجهه عرصي کان شدت پسندي ڏانهن مائل پيو ٿئي. اسان کي پنهنجي سماج کي رواداري جو اعليٰ مثال بنائڻو آهي. مذهبي شدت پسندي جو مڪمل خاتمو ڪرڻو آهي ان ڪانپوءِ مڪمل امن امان هجي ۽ ٻاهران ايندڙ سياح کي ڪوبه خوف نه هجي. موهن جو دڙو دنيا لاءِ وينٽيڪن سٽي بڻجي سگهي ٿو ۽ رني ڪوٽ "رومن فورم".



هاڻي وينس ۾ ٽڏ پنهنجي چوٽ تي پهچي چڪي هئي بک به جام لڳي هئي ان لاءِ سوچيو ته پهرين پيٽ پوڄا ڪجي ريلوي اسٽيشن تي پهچڻ لاءِ اسان کي ٻيڙي تي چڙهڻو هو اتي جام ريسٽورانٽ نهيل هئا اوڏانهن رخ رکيوسين رستي ۾ هڪ بازار نظر آئي جام ننڍا دڪان هئا جتي پانت پانت جون جام شيون پيون هيون هڪ پل اتي بيهي انهن دڪانن کي ڏٺو ته ڏاڍا خوبصورت نظر آيا مختلف رنگن ڀرنڊڙ روشنين اجان وڌيڪ خوبصورت بڻائي ڇڏيو هو بازار لتاڙيندا وڃي بندر تي پهتاسين پهرين ريسٽورانٽ ۾ پاڻ کي گرم ڪيوسين سڄي ڏينهن جو ٿڪ هو، ننڊ جا گهيرٽ هئا ماني کائڻ سان ايتري شديد ننڊ پئي اچي دل چيو ته سمهي رهجي پر سفر ڪرڻو هو. مون کي ميلان وڃڻو هو جنهن کي اطالوي ۾ ميلانو چون ٿا. ريسٽورانٽ مان پيٽ ڀري ٻاهر اچي فيري جون ٽڪيٽون ورتيون اجان فيري هلڻ ۾ ڏهه منٽ هئا سو ٻاهر ٽڏ جو مزو وٺڻ لاءِ مڙئي پسار ڪيو. فيري آئي ٽڪيٽ مشين جي سامهون رکي ته دروازو کلي ويو اندر وڃي سيٽن تي ويٺاسين. اڳيان بيهڻ جي جاءِ هئي ۽ پويان ويهڻ جي. جيئن گهڻا ماڻهو اتي اچي سگهن ويهن منٽن ۾ اچي اسٽيشن تي پهتاسين ٽرين ۾ اڌ ڪلاڪ هو ان لاءِ هڪ مال ۾ هليا وياسين جيڪو اسٽيشن تي ئي نهيل هو. اتي ڪجهه نوجوان مليا جيڪي شڪل مان پاڪستاني پيا لڳن ۽ خبر پئي ته همراهه غير قانوني طور بارڊر ڪراس ڪري اچي پهتا هئا. ڪجهه فيصل آباد ۽ ڪجهه گجرانوالا جا هئا. ڳالهين دوران هڪڙي جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ روئي چيائين ٻن ڏينهن کان بکيو آهيان ڪجهه کائڻ لاءِ وٺي ڏيو ڪيس آٽت ڏني ۽ مال ۾ برگر وٺي ڏنا ٽرين اچي سيٽي هنئي ڪائڻ موڪلايو ۽ هاڻي منزل هئي ميلانو. .....(هلندڙ).....

## آخري حصو

# نيويارڪ ۾ نَوَ ڏينهن


زاهده ابڙو

مان جڏهن نيو يارڪ پهتي هئس ته لڳو هو ته ڪراچيءَ ۾ هجان. ايئرپورٽ کان وٺي مينهيٽن تائين ائين لڳو ڄڻ ڪراچيءَ جي ڪنهن تمام گهٽي پوش علائقي مان گذرندي پئي وڃان. مون کي دلي صدمو پهتو ته مان ايڏو ڊگهو سفر طئي ڪري جنهن جاءِ تي آئي آهيان اهو ته ڪو خاص ناهي، اها حقيقت ۾ منهنجي ابھرائيپ واري سوچ هئي ۽ شايد ڪٿي نه ڪٿي مان ڪراچيءَ لاءِ تمام گهڻو حساس ٿي سوچي رهي هئس ته اسان جو شهر ڪراچي تمام سهڻو آهي، پر اتي اٺ ڏينهن گذارڻ ڪانپوءِ مون کي اهو احساس ٿيو ته نيو يارڪ ۽ ڪراچيءَ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. اٺ ڏينهن اتي گذارڻ ڪانپوءِ مون کي نيو يارڪ سان پيار ٿي ويو ۽ نائين ڏينهن تي جڏهن ٻاهر نڪتاسين ته دل پئي چاهيو ته هتان جي هر منظر کي دل ۾ اوتي وٺان نظرن ۾ قيد ڪري وٺان. جيئن ته نيو يارڪ ۾ موجود جيڪي به گهمڻ ڦرڻ جون جايون هيون سي ته اسان محدود وقت ۾ گهمي ڦري ورتيون. اسان جو مقصد جيئن ته شاپنگ بلڪل به نه هو ان ڪري هتي موجود هر ان جاءِ تي وياسين جنهن تي سياح پهچڻ چاهيندا آهن. اڄان به هڪ خاص جاءِ رهجي وئي اهو سينٽرل پارڪ هو. اڄ مون مُرڪ کي چيو ته چنچر جو ڏينهن آهي جلدي تيار ٿي ته سينٽرل پارڪ ڏسي اچون جيڪو ففٿ ايوينيو سان به لڳي ٿو جنهن جي ڪل پکيڙ 843 ايڪڙ (3.4 اسڪوائر ڪلو ميٽر) آهي. هي پارڪ سڄو سال سياحن لاءِ کليل هوندو آهي ۽ هتي اچڻ جي ڪا به في نه آهي. سينٽرل پارڪ 1857ع ۾ ٺاهيو

ويو هو جيڪو پوءِ اڳتي هلي بلڪل تباهه ٿي ويو هو پر وري هن پارڪ کي ٺاهيو ويو ۽ هن جي خوبصورتي ۽ ساوڪ کي بحال ڪيو ويو شيون تباهه ٿي وري جڙي سگهن ٿيون ان لاءِ رڳو ڪنهن به قوم اندر سچائي ۽ حوصلي جي ضرورت هوندي آهي. اسان کي حوصلي ۽ همت سان ڪيترين ئي شين کي وري جوڙڻ جي ضرورت آهي. اسان بس ۾ سينٽرل پارڪ لاءِ سوار ٿياسين ۽ 73 هين گهٽيءَ ۾ مينهيٽن تي لٿاسين پارڪ ۾ اندر داخل ٿيڻ لاءِ ڪيترائي رستا آهن اندر گاڏيون ڪٽي اچڻ جي موڪل ناهي. هونئن به هتي گهڻو ڪري ماڻهو پنهنجي پيرن تي ئي پروسو ڪن ٿا ۽ شايد اها ئي ڳالهه آهي جو سندن پوڙها به بنا ڪنهن سهاري جي هلي گهمي رهيا هئا. اسان به هڪ راهداريءَ کان پارڪ اندر داخل ٿياسين سامهون پارڪ جو نقشو به لڳل هو اسان پارڪ جي ان طرف رخ رکيو جنهن پاسي عوام وڃي رهي هئي. ٿورو اڳتي پهتاسين ته ماڻهن جو هڪ هجوم بيٺل نظر آيو. اسان به پنهنجا قدم ان طرف تکڙا وڌائيندي وڃي هجوم ۾ شامل ٿياسين. ان هجوم طرف ويندي رستي ۾ ڪيترائي واڪنگ ۽ جاگنگ ٽريڪ ڏٺم جتي نوجوان ۽ اڌڙوٽ عمر جا مرد ۽ عورتون جاگنگ ڪري رهيا هئا. جنهن طرف هجوم بيٺل هو ان جي پر ۾ هڪ ڍنڍ هئي جنهن جي چوڌاري تمام گهٽي ساوڪ هئي ۽ ان جي وڻن ۽ گلن ٻوٽن جو عڪس ان جي پاڻيءَ ۾ نظر اچي رهيو هو ۽ ان ۾ ننڍيون ننڍيون ڏنگيون تري رهيون هيون ۽ ڪجهه سياح ان ڍنڍ ۾ تفريح ڪندي ڏنگيون پاڻ هلائي رهيا هئا. وچ




۾ هڪ ڦوهارو هو جنهن جي وچ ۾ هڪ ملائڪ نما مجسمو لڳل هو ۽ ان جي چوڌاري ديوار تي ماڻهو ويٺل هئا، ان ڏينهن هلڪي هلڪي اس هئي ۽ اتي ويٺل ماڻهو موسم جو مزو ماڻي رهيا هئا ۽ ڏسندڙن کي اهو منظر حسين لڳي رهيو هو. مان ته ان منظر جي سحر ۾ گرفتار ٿي اتي ويهي رهيس ۽ هر ننڍي ننڍي شيءِ جي حُسن کي اکين ۾ قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهيس پر ڪٿان ٿيون ٿين ايتريون حسناڪيون هڪدم قيد؟ مون مرڪ کي ڪجهه فوٽو ڇڪڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ اڳتي وڌي اسان به ان هجوم جو حصو بڻجي وياسين جتي ڪارن نوجوانن جي هڪ ٽيم هئي، جيڪي هڪ چورس نما جاءِ تي بيٺل هئا جيڪا ڏاڪڻين ڪان هيٺ واري حصي تي ٺهيل هئي اهي مختلف قسمن جا جسماني ڪرتب ڏيکاري رهيا هئا ۽ ريپ سانگ ڳائي ماڻهن کي وندرائي رهيا هئا ۽ سيئي سياح تمام گهڻو لطف ماڻي رهيا هئا ڇو ته کليل ميدان هلڪي اس ۽ مٿان وري سٺي تفريح، هر چهرو ٻهڪي رهيو هو. نوجوانن جا جوڙا ڏاڪڻين تي ويهي انجواءِ ڪري رهيا هئا. آخر ۾ کيل ختم ٿيو ۽ هڪ ڪاري ڇوڪري هڪ ڪپڙي مان ٺهيل ڳوٿري ڪنڌ مان ڪنئي ۽ بنا ڪنهن هٻڪ جي ماڻهن کي سڌو سنئون چيائين ته هن ۾ ڏهه ڏهه ڊالر وجهندا وڃو جنهن تي ڪجهه ماڻهن بنا ڏهه ڊالر ڏيڻ جي اتان نڪرڻ شروع ڪيو ته گهڻن ڏهه ڊالر ڳوٿريءَ ۾ ڦٽا ڪيا. اسان بنا ڏهه ڊالر ڏيڻ جي اتان نڪري آياسين. ان ڪانپوءِ هڪ سرسبز ميدان تي هڪ جهوني وڻ جي هيٺان ويهي رهيس ۽ سوچيندي رهيس ته هتي هن وڻ جي هيٺان ڪيترا ماڻهو ويٺا هوندا جيڪي شايد اڄ موجود نه هجن پر هيءُ وڻ اڃان به هتي موجود آهي ۽ خبر ناهي ته ڪيترا ورهيه اڃان هي وڻ جيئندو. سينٽرل پارڪ ۾ مختلف قسمن جا شو هميشه هلندا ئي رهيا آهن. اڳيان هڪ ٻيو شو به هلي رهيو هو منهنجي دل ڪنهن ننڍي ٻار وانگر ضد ڪيو ته اوڏانهن به هلي ڏسجي، سو مجبور ٿي اوڏانهن پنڌ ڇڪيوسين. ويجهي وڃڻ تي خبر پئي ته هڪ پالتو جانورن (ڪتن ۽ ٻلين) جو شو هلي رهيو هو، جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي ته ڪتا شامل هئا. خبر ناهي ته ڪيترن نسلن جا ڪتا ۽ ٻليون ان ۾ حصو وٺي رهيا هئا. لائوڊ اسپيڪر تي هر جانور جو نالو ۽ سندس مالڪ جو نالو ڪٺي اعلان پئي ٿيو ته اهو جانور ميدان تي اچي. ڪجهه جانورن جا رويا جاچڻ وارا ماهر به اتي شامل هئا جن انهن جي روين کان مالڪ کي آگاهه ٿي ڪيو ۽ کين سڌارڻ لاءِ سکيا به ڏيئي رهيا هئا. مغرب جو سماج تمام گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي هنن پاڻ کي ڪيترين ئي شين کان آزاد ڪري روحاني خوشيءَ جو بندوبست ڪري ورتو آهي. جانورن سان سندن لڳاءُ به ايترو ئي محبت ڀريو ۽ همدرديءَ وارو آهي جهڙو ڪنهن انسان سان. اهو سڀ ڪجهه هڪ ڏينهن ۾ ناهي ٿيو ان جي به هڪ تاريخ آهي پر هاڻي اهي ماڻهو اسان کان مٿيرا بيٺل نظر اچن ٿا. اسان به ڪتن ۽ ٻلين جي معصوم حرڪتن ۽ سندن مالڪن جو سندن گگدامن لاءِ محبتون ڏسي ڏاڍا خوش ٿياسين. ان شو کان اڳتي نڪري ٻاهر وڃڻ لاءِ ايگزٽ وارو پيچرو ڳولڻ لڳاسين ته هڪ نينگر (ڪارو) ڇوڪرو پنهنجي انساني رڪشا ڪٺي اچي اڳيان بيٺو هتي سياحن لاءِ ان قسم جا رڪشا به تمام گهڻا آهن جيئن انڊيا ۾ به ان قسم جا رڪشا هلن ٿا. هتي نينگر به هن قسم جا رڪشا گهڻو هلائين ٿا يا وري ميڪسيڪن ماڻهو هي رڪشا هلائين ٿا. مون ڏٺو ته وقت سان گڏ زندگيءَ جي طور طريقن ۾ تبديلي اچڻ ڪري اهي ڪارا جيڪي ڪنهن وقت ۾ جسماني طور تمام گهڻا مضبوط هوندا هئا هاڻي اسان وانگر ئي نظر اچن ٿا، ڪجهه مضبوط ته ڪجهه سنها ۽ ڏٻرا. اسان ڪانئس ڀاڙو پڇيو ته چيائين توهان سان رعايت ٿو ڪريان 25 ڊالر ڏيئي ڇڏيو ته رستي تائين ڇڏي ايندس.



اسان کيس ”مهرباني“ چئي اڳتي وڌياسين ته اسان جي پٺيان آيو پر اسان کيس انڪار ڪري ڇڏيو ته اسان پنڌ ويندا سين. اسان اتان پنڌ ڪندا نڪتاسين پارڪ تمام وڏو آهي پر رونق هجڻ ڪري ۽ موسم خوشگوار هجڻ ڪري ٿڪاوٽ جو احساس نه ٿيو. نيٺ ٻاهر مين روڊ تي پهتاسين جتان هڪ مشهور فرينچ بيڪري (Laduree) جنهن کي اڄارڻ ئي ڏاڍو ڏکيو آهي پهتاسين. بيڪري پنهنجي ڪيڪن ۽ پيسٽرين کان علاوه ڪافيءَ جي منفرد ذائقي لاءِ ته تمام گهڻي مشهور آهي پر هر شيءِ جي قيمت به تمام گهڻي هجڻ ڪري هتي کائڻ پيئڻ ڪو سولو ڪم ناهي، هن بيڪري جي اندروني ڊيڪوريشن Vintage انداز ۾ ٿيل آهي. جنهن جو مطلب آهي ته ويسٽرن پراڻي دور جي اميراڻي انداز ۾ ٿيل آهي. اتي ڪم ڪندڙ عملي جا ڪپڙا ته هيئر اسٽائل سڀ Vintage انداز جا آهن. اسان اتي قطار ۾ لڳي وياسين ۽ ٽن ذائقن جا ميڪرون ورتاسين ۽ گلاب جي ذائقي ۾ ڪافي پيتيسين. اتان ڪائي پي ٻاهر نڪتاسين ته اپر سائيڊ تي هليا وياسين جيڪو اپر ڪلاس جي ماڻهن جي رهائشي جنت آهي، گهر تمام گهڻا سهڻا هئا. اپارٽمينٽس اهڙا جهڙا هاليوڊ جي ڪنهن فلم ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن مختلف گلين مان گذرندي مان هڪ گهر جي اڳيان بيهي رهيس ڇو ته ان گهر جي اڳيان بالڪونيءَ وانگر هڪ جاءِ ٺهيل هئي جنهن ۾ هالووين جي ڊيڪوريشن ٿيل هئي. هڪ مصنوعي انساني هڏائون پڃرو رکيل هو ته Pumpkin سنڌي ۾ پاڙ جنهن کي پيٺو چئون ان مان ٺهيل ليمپ رکيل هئا. مصنوعي ڪپهه سان ڪوريئڙن جا ڄارا هر شيءِ تي پيل هئا. توهان کي ٻڌائيندي هلان ته ويسٽ ۾ 31 آڪٽوبر تي هڪ جشن ملهايو ويندو آهي جنهن کي هالووين جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو اهو ڏڻ خاص ڪري فصلن جي لهڻ وقت ملهايو ويندو آهي ۽ مري ويلن جي روح کي خوش ڪرڻ لاءِ رسمون ادا ڪيون وينديون آهن ڪاسٽيوم پارٽيون رکيون وينديون آهن. پيڪن مان لالٽينون ٺاهي درن ۽ درين تي رکيون وينديون آهن. ان قسم جي ڊيڪوريشن گهڻن ئي دڪانن تي به نظر آئي هئي. اسان ان ڪانپوءِ هڪ اسٽور تي هليا وياسين جنهن جو نالو رڪيز نيو يارڪ سٽي آهي جيڪو ٽرڊ ايونيو تي آهي. مان ڏاڍي ٿڪجي پئي هئس. اسٽور ۾ مون کي وڌيڪ ٿڪاوٽ جو احساس ٿي رهيو هو ۽ مرڪ ڪجهه ڪاسميٽڪس جو سامان ورتو ته جلدي اتان نڪتاسين. ٻاهر روڊ تي اچڻ ڪانپوءِ اسان ميٽرو لاءِ ڊوڙ پاتي ته جيئن اچڻ واري ميٽرو تي پهچي وڃون. ميٽرو تي پهتاسين بک به ڏاڍي لڳي رهي هئي ميٽرو اسان کي ٽائيم اسڪوائر جي پليٽ فارم تي ڇڏيو. مرڪ مون کان پڇيو ته توهان ڇا کائڻ پسند ڪندا مون کيس چيو ته پهرين ڏينهن پهچڻ تي مون هڪ پيزا جو شاپ ڏٺو هو جنهن جو نالو ئي ”ون ڊالر پيزا“ آهي اڄ مان اهو کائڻ ٿي چاهيان. اتي پهتاسين ته اتي به ماڻهو قطار ۾ بيٺل

همسري حيدرآباد ماهوار مئگزين Regd. No: 3160

هئا. ان پيزا جي خوبي اها آهي تہ ان ۾ چيز، Olives ۽ پيزا ساس کانسواءِ ٻي ڪابہ شيءِ ناهي جنهن سان توهان کي حلال يا حرام جو ڪو خدشو پيدا ٿئي. اسان پنهنجي واري اچڻ تي اڳيان ڪائونٽر تي ويٺل ماڻهوءَ کان ان کي اپگريڊ ڪرايو ان ۾ Olives جو اضافو ڪرايو ۽ ٻہ ٻہ سلائيس ورتاسين ۽ شاپ جي اندر هڪ ڪنڊ ۾ پٽ ۾ لڳل سائيڊ بورڊ تي پيزا رکي کائڻ لڳاسين. ٻاهر سيءُ تمام گهڻو وڌي ويو هو ان ڪري پيزا جي گرمي هٿن کان جسم کي بہ گرمائي رهي هئي. اسان پيزا کائي شاپ کان ٻاهر نڪتاسين تہ هوا جا تيز جهوٽا اسان کي ٻڌائي رهيا هئا تہ ٽيمپريچر تمام گهٽجي رهيو آهي. اسان تڪڙا تڪڙا قدم پري هوٽل ڏانهن واپس ورڻ لاءِ آتا هئاسين تہ ڪمري تي پهچي ڪجهہ آرام ڪجي ۽ پوءِ پنهنجو سامان پيڪ ڪجي ڇو تہ آچر جي ڏينهن اسان کي 12 وڳي ايئرپورٽ لاءِ نڪرڻو هو. اسان رستي تي روز ايندي ويندي اندازو لڳائي ورتو هو تہ ٽائيم اسڪوائر کان هوٽل تائين پهچڻ ۾ اسان کي لڳ ڀڳ ڏهہ منٽ لڳندا هئا. نيٺ هوٽل تي پهتاسين ۽ هيٽر هلائي ڪمري کي گرم ڪيوسين. ٿوري دير ۾ مون ۽ مرڪ پنهنجو سڀو سامان پيڪ ڪرڻ جي تياري ڪئي. آچر جي ڏينهن صبح جو ناشتو ساڳئي ريسٽورانٽ تي ڪرڻ لاءِ پهتاسين اتي مرڪ جا ٻہ ڪوليگ بہ پهتل هئا. انهن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. اسان ناشتي سان گڏ بہ ٽرڪي رول بہ ورتا ۽ اهي ڪمري تي کڻي آياسين ڇو تہ اسان کي لنچ ڪري نڪرڻو هو. ڪمري تي اچي تيار ٿي ايمبيسي جي گاڏيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين پوري 12 وڳي مرڪ جي سيل فون تي ڪال آئي ڊرائيور چيو تہ هو هيٺ پهچي ويو آهي. اسان پنهنجو سامان کڻي لفٽ ذريعي هيٺ لٿاسين، ڊرائيور سامان گاڏي ۾ رکيو. اسان رسيپشن تي ويٺل پاڪستاني ماڻهن کان مرڪي موڪلايو ۽ سندن ميزباني لاءِ ٿورا مڃيا جڏهن گاڏيءَ ۾ ويهڻ لاءِ ٻاهر نڪتاسين تہ احساس ٿيو تہ اڄ سيءُ معمول کان وڌيڪ آهي. گاڏي هلڻ تي هيٽر بہ آن ٿي ويو ۽ هڪ ڪلاڪ جي مسافت ڪانپوءِ جان ايف ڪينيڊي ايئرپورٽ پهتاسين. دل ۾ پنهنجي وطن ورڻ جي خوشي بہ هئي تہ نيو يارڪ کي ڇڏڻ جو ڏک بہ محسوس ٿي رهيو هو. اسان کي اتحاد ايئر لائين ذريعي پاڪستان اچڻو هو، گاڏيءَ مان هيٺ لٿاسين تہ سيءُ پنهنجا سڀ رنگ ڏيکاريا پر اسان جهٽ ۾ سامان کڻي ايئرپورٽ اندر داخل ٿياسين جتي ماحول ڏاڍو خوشگوار لڳو پيو هو، چيڪ ان ڪرڻ ڪانپوءِ سيڪيورٽي مان لنگهندي بورڊنگ پاس ورتيسين. قطارون تمام ڊگهيون هئڻ ڪري ان پوري پروسيس مان لنگهندي ڪلاڪ لڳي ويو. بورڊنگ پاس وٺي اچي لائونج ۾ ويٺاسين اسان جي ڪنيڪٽنگ فلائيٽ هئي. پهرين ابوظهبي لهڻو هو اتان وري ٻي فلائيٽ ذريعي اسلام آباد پهچڻو هو. سفر ڪرڻ جو بہ پنهنجو ئي مزو آهي، پر آمريڪا کان پاڪستان تائين پهچڻ تمام ڊگهو سفر آهي. اسان لائونج ۾ پهتاسين تہ اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ بورڊنگ شروع ٿي وئي. اسان بہ پنهنجو هينڊ ڪيري کڻي قطار ۾ لڳي وياسين ۽ اڳتي وڌندي وڃي جهاز تائين پڳاسين ۽ پنهنجين سيٽن تي ويٺاسين. ٿوري دير ۾ هڪ نيپالي ماڻهو اچي منهنجي پرسان ويٺو جنهن مان عجيب قسم جي عطر ۽ اگر بتين جي ڌپ اچي رهي هئي ۽ وات ۾ پان پريل هئس. هن جي ويهڻ شرط مون کي منفي اثر محسوس ٿيڻ لڳو. بنا ڄاڻ ۽ سڃاڻ هوندي هو مسلسل اسان سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ۾ رهيو نيٺ ڪجهہ دير ڪانپوءِ هن کي ڪا ٻي سيٽ نظر آئي جنهن تي هو وڃي ويٺو. زندگيءَ ۾ توهان جي ملاقات ڪجهہ اهڙن ماڻهن سان ٿيندي آهي جيڪي توهان کي تمام مثبت انرجي ٽرانسمٽ ڪندا آهن تہ ڪجهہ وري ان جي ابتڙ منفي انرجي اماڻيندا آهن جن سان توهان ٻہ ٽي منٽ بہ گڏ ويهي نہ سگهندا آهيو. سفر تمام سٺو گذري رهيو هو، فلائيٽ ۾ ڪافي سيٽون خالي هجڻ ڪري مسافر پنهنجي سهولت سان پنهنجون سيٽون تبديل ڪري رهيا هئا ۽ ننڊ ڪرڻ لاءِ ٽن سيٽن کي استعمال ڪري رهيا هئا. اسان بہ ان سهولت مان فائدو وٺندي مزي سان ٽن سيٽن تي سمهندي ۽ آرام ڪندي سفر پئي ڪيو. سفر دوران پاڻي، چانهہ ۽ ٿورو گهڻو کائڻ پيئڻ لاءِ فضائي ميزبان پيش ڪري رهيون هيون. مان جڏهن ننڊ ڪري ورتي تہ ٽئي سيٽون مرڪ کي ڏيئي اڳيان خالي سيٽ تي هلي ويس جتي هڪ گجراتي هندستاني ڇوڪرو ويٺل هو جنهن سان هيلو هاءِ ٿي تہ خبر پئي تہ هو سوفٽ ويئر انجنيئر هو ۽ آمريڪا مان هڪ ڪمپني جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري موٽيو آهي. ساڻس تمام سٺي ڳالهہ ٻولهہ ٿي هن ٻڌايو تہ اسان جي گجرات صوبي ۾ تمام گهڻا سنڌي رهن ٿا جيڪي سڀ تمام گهڻا پڙهيل لکيل ۽ شاهوڪار آهن پر سنڌين لاءِ هڪ ڳالهہ تمام گهڻي مشهور آهي تہ اهي تمام گهڻا ڪنجوس آهن چمڙي وڃي پر دمڙي نہ وڃي واري ڳالهہ آهي. ڪانئس خبر پئي تہ سنڌي اتي تمام باعزت ڪميونٽيءَ جي حيثيت رکن ٿا. جن پاڪستان هندستان جي ڌار ٿيڻ تي هجرت ڪرڻ ڪانپوءِ اتي تمام گهڻي محنت ڪئي آهي ۽ جنهن بہ صوبي ۾ رهن ٿا ان ۾ سهڻي نموني خود کي سموئي ڇڏين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اهي اعليٰ عهدن تي فائز آهن تہ ڪاروبار ۾ بہ ڪامياب آهن. 9 ڪلاڪن جي فلائيٽ ڪانپوءِ اسان ابوظهبي ۾ لٿاسين اتي ٽن ڪلاڪن جي اسٽي ڪانپوءِ اسان کي اسلام آباد واري فلائيٽ ۾ سوار ٿيڻو هو. ابوظهبي ايئرپورٽ دنيا جي خوبصورت ايئرپورٽن مان هڪ آهي تمام وڏو ۽ تمام گهڻو مصروف ايئرپورٽ، ايئرپورٽ تي گهمي ڦري، کائي پي وري لائونج ۾ پنهنجي فلائيٽ جي انتظار ۾ هئاسين، نيٺ اسلام آباد واري فلائيٽ ۾ ويٺاسين جنهن جو جهاز ننڍو هو ۽ اڍائي ڪلاڪن ڪانپوءِ اسلام آباد ايئرپورٽ تي پهتاسين. پنهنجي ڌرتي تي پهچڻ جو بہ هڪ خوبصورت احساس آهي. سفر بخير رهيو ۽ ڪجهہ يادن کي توهان پڙهندڙن سان ونڊيو..... (پورو ٿيو).



ماهوار مذگرين
همسري
حيدرآباد
Regd. No: 3160


## پروفائل

# حضرت مخدوم طالب الموليٰ

سليم چنا

طالب الموليٰ ننڍي کنڊ جي جي انتهائي قابل احترام روحاني، علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيت ٿي گذريو آهي. سندن اسم شريف مخدوم محمد زمان صديقي آهي ۽ شاعري ۾ تخلص طالب الموليٰ آهي. پاڻ سنڌ ۽ هند جي مشهور روحاني شخصيت ۽ بزرگ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رح هالائي جي گادي جي پندرهين سجاده نشين حضرت مخدوم غلام محمد صديقي سهروردي سائين جا وڏا فرزند هئا. سندن حسب نسب اسلام جي پهرئين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي اولاد مان آهي.

طالب الموليٰ سورهون سجاده نشين 9 محرم الحرام 1338 هجري مطابق 6 آڪٽوبر 1919ع ۾ آچر جي ڏينهن هالا نوان ۾ جنم ورتو. پاڻ ابتدائي طور تي قرآن پاڪ پڙهي پوءِ سنڌي ۽ فارسي پڙهيا. گهڻو ڪري سندن تعليم سندن والد صاحب ڪئي. ان ڪانپوءِ جڏهن سندن عمر 14 سال ٿي ته پاڻ مولوي محمد عالم ڏيري واري وٽ وڌيڪ ديني ۽ دنياوي تعليم لاءِ ويا، جنهن کين وڌيڪ سنڌي، عربي ۽ فارسي پڙهائي. سندن انهي استاد کي بهترين خوش خط ڏسي پاڻ به خوش خطي سکيا. سندن اهو استاد هڪ قابل حڪيم به هو. تنهنڪري طالب الموليٰ انهن کان يوناني طلب به سکي. مخدوم صاحب انگريزي جي وڌيڪ تعليم ته نه وٺي سگهيو پر ماستر غلام رضا ٻٽي کان ٽي درجا انگريزي جا پڙهيا هئائين.



پاڻ هڪ هنڌ لکيو اٿن ته "ان وقت جي خانداني دستور موجب مون کي وڌيڪ اسڪولي تعليم ڪانه ڏياري وئي."

مخدوم صاحب پنهنجي والد محترم جي 16-12-1944 تي وفات ڪانپوءِ 1945ع جي شروعاتي دور ۾ درگاه حضرت مخدوم نوح سرور جا 16 سجاده نشين ٿيا. مخدوم نوح جو اصل نالو لطف الله سرور هو.

طالب الموليٰ شاعري جي شروعات 1930ع کان ڪئي. جڏهن پاڻ ناري جي سفر تي هئا. ان کان اڳ کين موسيقي، راڳ ۽ شاعري سان دلي لڳاءُ ننڍپڻ کان ئي هو.

سندن ادبي ڪاوشون مختصر هن ريت آهن: امام غزالي جا خط، اسلامي تصوف، خود شناسي، شيطان، رباعيات طالب، ياد رفتگان، مثنوي عقل و عشق، ڪچڪول، ڪافي، سنڌ جو شڪار، بياض طالب الموليٰ، مصري جون ٽڙون، مضامين طالب الموليٰ، سماع العاشقين ڪتابن جو مصنف ۽ معلف، الزمان، پاسبان، هفتيوار ۽ فردوس ماهوار جو مالڪ ۽ ايڊيٽر ته شاعر ۽ روح ادب رسالن جو سرپرست، جمعيت شعراءِ سنڌ جو صدر ته سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن جو ميمبر، سرپرست پڻ رهيا آهن.

مخدوم صاحب دوهن، ڪافين، بيتن ۽ واين کي پنهنجي شاعري ۾ سموئي سنڌي ٻولي، ادب، تهذيب، تمدن، ڪلاسيڪيت ۽ موسيقيت سان مالا مال ڪيو آهي. سندس نثري تحريرن ۾ خطن جو هڪ وڏو تعداد "حضرت طالب الموليٰ جا خط بنام محبوب سروري" محبوب سروري پاران ڇپجي چڪا آهن، جن ۾ ڪيترن ئي صاحب علم و ادب، سروري جماعت سان لاڳاپيل شخصيتن، مخدوم خاندان جي باذوق اهل قلم، سخنور ويجهن عزيزن جا رايا ۽ شاعري ۾ پيڻا پيش ڪيل آهي ته طالب الموليٰ جي چونڊ شاعري به ٽماهي مهراڻ سال 1969ع جي شاعر نمبر ۾ ڏنل آهي. 131 شاعرن مان شاعري جي پارکو، ڄاڻو، نقاد، ڪهنه مشق شاعر ۽ ايڊيٽر مهراڻ محترم سائين غلام محمد گراميءَ ترتيب ۾ طالب الموليٰ کي پهرئين نمبر تي رکي سندس شاعرانه عظمت جو اعتراف ڪيو آهي. مخدوم صاحب 1952ع ۾ جمعيت الشعراءِ سنڌ جو صدر ٿيو هو ۽ سال 54-1955ع ڌاري اداره روح ادب سنڌ پاران هالا ۾ راڳ ڪانفرنس ڪرائي هئائون. 1955ع ۾ مخدوم صاحب حيدرآباد ۾ بزم طالب الموليٰ جو بنياد وجهي پاڻ ان جا سرپرست ٿيا.

انهيءَ ڪانسواءِ سندن ڀرپور ڪوشش سان طالب الموليٰ هاسٽل هالا ۽ طالب الموليٰ هاءِ اسڪول دادو جو بنياد پيو. مخدوم صاحب ڪيترائي سال ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشاورتي ڪميٽي جا ميمبر پڻ رهيا.

سياسي طور تي ون يونٽ کان اڳ سنڌ اسيمبلي ۽ بعد قومي اسيمبلي جا ميمبر پڻ ٿيندا رهيا. سندن سياسي وابستگي پنن سميت آخر تائين پيپلز پارٽي سان رهي. پاڻ اٽڪل ويهارو سال سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين ۽ ميمبر رهيا. سندس چيئرمين شپ جو مدو 1961ع کان 1977ع تائين ۽ ٻيو دفعو 1989ع کان 1992ع تائين هو. سندن ئي ڪوشش سان بورڊ ۾ ادب، ٻولي، اشاعت ۾ واڌارو آيو. پاڻ 1989ع ۾ تڏهوڪي وزيراعظم جوڻيجو صاحب کان بورڊ لاءِ ڏهه لک رپيا ورتا ۽ وزير اعليٰ ڄام صادق کان بورڊ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هڪ ڪروڙ رپيا منظور ڪرايا. مخدوم صاحب جا 1946ع کان وٺي 1993ع تائين 25 ڪتاب شايع ٿيا. جڏهن ته ڪيترا ڪتاب اڻ ڇپيل ڇڏيا اٿئون.

سندس لکيل خطن جو تعداد به هزارن ۾ آهي، جيڪي پاڻ سوين شاعرن، اديبن، قربدارن ۽ واسطيدارن ڏانهن لکيائون.

مخدوم صاحب 1936ع ۾ "انجمن علم ۽ ادب هالا" جو بنياد وڌو. 1950ع ۾ هالا مان پنهنجي سرپرستي هيٺ فردوس ماهوار رسالو جاري ڪرايو. 1952ع ۾ سيتا شهر مان طالب الموليٰ رسالو جاري ڪرايائون. 1954ع ۾ اداره روح ادب سنڌ جو بنياد وڌائون.

هيٺيان اسڪول ۽ ڪاليج سندن سرپرستي هيٺ رهيا:
(1) سروري اسلاميه ڪاليج هالا. (2) طالب الموليٰ اورينٽل ڪاليج هالا. (3) طبيه ڪاليج حيدرآباد. (4) طالب الموليٰ هاءِ اسڪول دادو. (5) ڪپرو هاءِ اسڪول جي هاسٽل.

آخر ۾ طالب الموليٰ جا ئي اهي شعر ڏيندس جيڪي سندس شخصيت جي مڪمل عڪاسي ڪن ٿا:

مخدومي ۽ پيري کي مون ترڪ ڪيو ته دل
هي عشق و محبت ۾ ٻئي بار نظر آيا

***



اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب الموليٰ
ته پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو.

پاڻ 11 جنوري 1993ع تي هي فاني جهان ڇڏيائون ڪين 12 جنوري 1993ع تي مخدوم نوح هالا جي درگاه واري اباڻي مقام ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.


## ڪتاب تي تبصرو

# جديد شاعري جي اڏام: رڻ ۾ رابيل

### تاج بلوچ

جيڪا تخليق داخلي ۽ معنوي حيثيت جي حامل هوندي اها ئي جديد آهي. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ اسان جي عهد جو خوف موجود آهي. اڪيلائي جو عذاب آهي، انتشار آهي ذهني بيقراري آهي، اهڙي ڪلام ۾ نئين صنعتي ۽ ميڪانيڪي تهذيب جي مادي خوشحالي جو تصور آهي جنهن لباڙ ۽ سڪٽائپ ڪي جنم ڏنو آهي، اهوموجود آهي. اهڙوعهد هن لاچاري سوڪڙي طور ارپي هجي، جنهن عهد انسان جي حس ڪي ماري ڇڏيو هجي، منهنجي خيال ۾ اهو ئي ادب آهي جيڪو هن عهد جي ترجماني ڪري سگهي ٿو.

ڏسجي تہ اصغر جتوئي بہ جديد تر شاعر محسوس ٿئي ٿو هن قديم تخليقي گهاڙيٽن ۽ قديم ڊڪشن جو سهارو وٺڻ بدران، شايد انقلاب فرانس جي بودليئر ۽ ملارمي جيان يا ان ڪان بہ اڳ وليم بليڪ جي، معصوم خوابن ۽ تجربن جا گيتSongs of innocence and experience جي طرز تي ڪلام ڪمپوز ڪيو آهي.




يا ماڳهين ائين لڳندو آهي تہ ڪنهن وڏين اوچائين تي وينل ڪويءَ جا ڏار ڏار پنن تي لکيل نظم، واءُ جي زور تي هيڏي هوڏي اڏامي ويا هجن ۽ اهي چانڊوڪي راتين ۾ اصغر جتوئي جي ادراڪ جو حصو بڻجي اسان تائين پهتا هجن.

وڏي ڳالهہ تہ جديديت جي همنوا اصغر جتوئي ڪان نظريو نہ وسريو آهي ۽ نئين عهد جي بدنصيبيءَ ڪي پنوعاقل واسي شاعر پنهنجي ڌرتي ۽ ٻين ڌرتين جو تخليقي ڀاڱ بڻائي ڇڏيو آهي.

**ساڳيو مٽي ماڳ**
**ساڳيا منہ ڪک**
**لوڙهي ٿوهر جي**

جنهن جديد ۽ انڪارپورٽيڊ عهد ۾ ڪو شخص ڪارڪ ڪوڪيءَ ساڻ جوئر جو ٻيو ڇپيندو هوندو ان جي سماجي مٽيرائي ڪيتري نہ ڏڪائيندڙ ۽ خوفناڪ هوندي؟

نازڪ هيانءُ وارو اصغر جتوئي جنهن جي من جو پنڇي، مندر ۾ ناد وڄڻ سان ڏڪيو وڃي ان جي مزاحمت بہ رومانوي آهي.

**مون ڇپن جي ٻڪ ۾**
**جيئن تنهنجي گفتگو**
**اوچتو روڪي ڇڏي**
**سانت گهري ٿي وئي**

سانت جي گهرائي هوئن بہ ڇپن جي ٻڪ ۾ تيز ٿي ويندي آهي. ان ڪي ئي حسي تجربو چيو وڃي ٿو.

اصغر جتوئي بنيادي طور جنهن پروفيشن سان واڳيل آهي ان اهو تجربو ضرور ڪيو هوندو، جڏهن پڪي ڏنڌ ۽ ڪوهيڙي ۾ ورتل ڳسن تي ماڪ جي ڇاٽ ۾ آلن پرن سان سرحد پار ڪندا آهن، تڏهن لڳندو آهي ڄڻ زندگي جو ليڪو ئي ٽپي ويا آهن.

اصغر جتوئي ڪي پڙهندي مون ڪي لڳندو آهي، ڄڻ هر شيءِ هن وٽ پاڻ-هرتو پهچيو وڃي ٿي:

**مان هن سان ناهيان ملندو**
**پاڻ ملڻ لاءِ پهچيو وڃي**
**ٻڌائڻ ڪان سواءِ**
**مان هن ڪي سوچيان ئي ڪونہ**
**هوءَ مون ڪي ئي رڳو سوچي**
**۽ ڏسيو وٺي مون ڪي**
**وڻن ۽ گهرن جي اکين سان**
**آئون هن ڪي ڪيئن ڇُهان**
**پر هوءِ مون ڪي ڀُسايو رکي سدائين**
**اڻ ڏٺل لمس جي بارشن ساڻ**

**آئون مور نہ ڪيس لڪان**
**هوءَ مون ڪي لکيو وٺي**
**اڻ چيل اڻ ٻڌل لفظن سان**
**۽ پڙهيو وٺي مون ڪي**
**دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾**
**مان ڪٿي بہ هجان**
**اچيو مون ڪي ڳوليو لهي.**

مان نون دوستن ڪي سدائين چوندو رهندو آهيان ۽ پاڻ بہ ان تي عمل ڪندو آهيان تہ پراٽي شعري هيئت نئين شاعري ڪي جهلو نٽي ڏيئي سگهي ۽ اصغر مهڙ ڪان منهنجي چئي ڪي مان ڏيندي پاڻ ڪي نئين عهد ۽ نئين عهد جي نئريشن سان هم آهنگ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ مون شاعري جي متن ۾ مڪاني ثقافتي اهڃاڻن جي موجودگي تي بہ زور پريو آهي.

**ڳاڙهي ماڙي**
**مشڪي گهوڙو**
**۽ اڇو پٽڪو**

اسان جي ڪلچر جو حصو رهيا آهن. (مان سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن جي ڳالهہ ڪيان ٿو).

**جوين جرڪو**
**اڇو پٽڪو**
**ٻيرن جهڙي**
**ڳاڙهي چني**
**سنڌوءَ جي**
**لڙاٽيل لهرن ۾**
**لڙهندا ويا**
**چوندا ويا**
**درد ڪهاڻي**
**ڏاڍي پراٽي**

"خوشبو جي زهر" جو منشور، اصغر ناهي وساريو ۽ اها غنايت ۽ ان جو ثقافتي اهڃاڻ هو برقرار رکيو اچي.

اياڳا سپنا ۾ اصغر جتوئيءَ سماجي دک ناٽڪ تي مختصر نظم لکيو آهي:

**"ڇپر وارين ڇورين ڪي**
**پڪي گهر جا سپنا ڀانءُ نہ پوندا آهن**
**او منهنجي ڌيءُ**
**اياڳا سپنا نہ ڏسندي ڪر**
**ڇو تہ اهي پوري ڄمار جو عذاب آهن".**

اصغر جي مزاحمت ۾ شعري آهنگ آهي ان ۾ نعرو يا گوڙ ناهي. هڪ مانيٽو اطلاع آهي، قصي گوئي جو آرٽ آهي.

هو انساني پيٽ ۽ سرن جي ٻني ڪي هڪ جهڙو سمجهي ٿو. اها مشابهت نئين انڪارپوريٽڊ اسڪول آف ٿاٽ جي نمائندگي ڪري ٿي اصغر جي ندا يا مذمت جو انداز بہ هن جو پنهنجو ئي آهي ڌيمو ليڪن اثرائتو.

نظم "بيقرار سڳنڌ" ۾ هو بنهہ ڪروچي جي رومانوي اسڪول آف ٿاٽ جي گهڻو ويجهو شاعر لڳي ٿو.

"ڪٽي مٽي زندگي" ۽ "موهہ جو اثر" نظم پڻ جديد رومانوي احساس ۾ ويڙهيل سوڪڙيون آهن.

سماجي طنز اصغر جتوئي جي شاعريءَ جي سڃاڻ آهي. هن جي شاعريءَ جو گهڻو حصو ڇتي طنز تي ٻڌل آهي.



# پينٽنگ





*Artist:*
*Sabir Hussain Abro*

ڪنهن ٿي چاتو ته درزڪو ڪم ڪندڙ پورهيت حاڪم علي ابڙو جي گهر ۾02-05-1991 تي الهه آباد ڪالوني شڪارپور ۾ جنم وٺندڙ صابر حسين ابڙو اڃان تعليم مڪمل ئي نه ڪندو ته سندس آرٽ ورڪ سينيئر مصورن کي به حيران ڪري ڇڏيندو. فن جي ميدان ۾ نامور مصور خالق چنا جي اتساهه سندس ڪم ۾ تيزي آندي ۽ ٻن سالن جي مختصر عرصي ۾ آئل ڪلر، چار ڪول ۽ واٽر ڪلر ميڊيمز ۾ مهارت سان ڪم ڪرڻ لڳو. سي اينڊ ايس ڊگري ڪاليج شڪارپور مان انٽر ڪرڻ ڪانپوءِ اين سي اي لاءِ انٽري ٽيسٽ جي تياري ڪيائين جتي سٺي پوزيشن ۾ چونڊجي ويو. اڄ مستقبل جو هي مصور اين سي اي ۾ فرسٽ ايئر جو شاگرد آهي.

COMEX
ACADEMY

# Admissions Open

## Screening Test Preparation

## CCE-2019 (PCS)

**Handouts**
**Regular Classes**
**Regular Tests**
**Grand Mock Test**

Join Us & Ensure Your Success

Contact Us:
0334-2654880

House No: B-51, Phase-1,
Qasimabad, Hyderabad,